# روبروُ

ستيش روهڙا



زندگيءَ بابت جيترو
ڄاڻجي ٿو، اِن کان
وڌيڪ اڻ ڄاتل رهجي
ٿو وڃي.

- ستيش

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب | : | رُوبرُو |
| ليکڪ | : | ستيش روھڙا |
| صنف | : | گفتگو |
| پبلشر | : | ڀاشا پرڪاشن، 5 ملير - وارڊ 4-A |
| | | آديپور 370205 (ڪڇ) |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | پشپا واڌواڻي |
| حق واسطا | : | ليکڪ |

| | | |
|---|---|---|
| The Book | : | Roobaroo (face to face) |
| Writer | : | Satish Rohra |
| Genere | : | Dialogue |
| Publisher | : | Bhasa Prakashan, 5 Maleer, |
| | | Ward 4-A, Adipur -370205 |
| Type Setting | : | Pushpa Wadhwani |
| Copy right | : | Writer |




موتي پرڪاش

کي

جيڪو دلبر دوست ۽ اندر - ٻاهر

’جينٽلمين‘ هو.

- ستيش

## ’روبرو‘ بابت

’روبرو‘ ۾ جدا جدا وقتن ۽ الڳ الڳ موضوعن تي ڏنل منهنجا انٽرويو يا گفتگو شامل آهن. ساهتيہ اڪادميءَ دواران ڪرايل پروگرام ’هڪ ليکڪ سان ملاقات‘ بہ هن مجموعي ۾ شامل آهي. هن ملاقات ۾ مون پاڻ بابت ڳالهايو آهي جنهن ۾ منهنجي شخصي زندگي، منهنجي ساهتيہ رچنا پرڪريا؛ سنڌالاجيءَ بابت منهنجي ڪلپنا، سوچ ۽ ڪاريہ جو ذڪر آهي. مون پاڻ بابت ڪڏهن بہ ايترو ڳالهايو نہ آهي. اها ڄڻ منهنجي پاڻ سان گفتگو آهي، جيتوڻيڪ ان جو دائرو پاڻ تائين محدود نہ آهي.

ها، هيءَ هڪ طرح سان پراڻن پنن جي سهيڙ آهي.

- ستيش روهڙا



ڊزائينر آهن. انهن مان هڪ آهي ’پاڳ‘ جنهن جو اسان جي زندگيءَ کي شيپ ڏيڻ ۾ اهم حصو آهي. ’پاڳ‘ جو هتي مطلب آهي اهي حالتون جيڪي اسان کي ملن ٿيون. اسين گهڻي پاڱي ائين ئي جيئون ٿا، جيئن اسان جون حالتون آهن.

اسان جي زندگيءَ کي ڊزائين ڪرڻ وارا ٻيا ڊزائينر آهيون اسين پاڻ؛ جيڪي پنهنجين ڪوشش، ارادي ۽ مقصد جي آڌار تي پنهنجيءَ زندگيءَ کي ڪو روپ ڏيون ٿا؛ ۽ اسان جي زندگيءَ کي ڊزائين ڪرڻ وارا ٽيان ڊزائينر آهن اتفاق، جن جي اسان کي ڪا بہ خبر ڪانهي تہ اهي ڇو ٿا ٿين، ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿا ٿين. انهن اتفاقن سبب ڪڏهن ڪڏهن اسان جي پوري زندگيءَ بدلجي وڃي ٿي. انهن ٽنهي ڊزائينرن مان ڪو بہ ڊزائينر، ڪنهن بہ وقت بيحد اهم رول ادا ڪري سگهي ٿو. منهنجي زندگيءَ کي موجودہ روپ ڏيڻ ۾ بہ انهن ٽنهي ڊزائنرن اهم ڀومڪا ادا ڪئي آهي.

منهنجو جنم ٿيو سنڌ جي دادو شهر ۾. منهنجي پتا جو ديهانت ٿيو جڏهن منهنجي عمر لڳ ڀڳ ڏهہ سال هئي. منهنجي پتا جي ديهانت سان گڏ منهنجي پڙهائي بند ٿي ويئي. ان ڪري جيڪا منهنجي فارمل ايڊيوڪيشن آهي، اها ڇوٿين درجي تائين اچي بيهي رهي. ننڍيءَ عمر کان ئي مون کي جيون جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻو پيو جيڪا جدوجهد منهنجي نوڪريءَ مان رٽاير ڪرڻ تائين قائم رهي. زندہ رهڻ جي اهڙي ڪا ڪشمڪش هاڻي نہ آهي. مذاق ۾ چئجي تہ هاڻي مان سرڪار جو نائي آهيان. هر مهيني مون کي پينشن ملندي آهي ۽ جيئن جيئن منهنجي عمر وڌندي آهي تيئن تيئن منهنجي پينشن وڌندي آهي. منهنجيءَ شريمتيءَ کي الڳ پينشن ملندي آهي. ٽنهي ڌيئرن جي بہ شادي ٿي ويئي آهي، ان ڪري اهو بہ بوجو ڪونهي. چڱي عمر تي وڃڻ جي باوجود مان سرير، دل، دماغ سان بہ ٺيڪ آهيان.

مان حالتن جو حوالو وري شروع ڪندس. ١٩٤٥ جي آس پاس، جڏهن

## سلسلو


- ستيش روهڙا
  ملاقات : زندگي ساهتيہ رچنا پرڪريا ۽ سنڌاجي ( پيج 7)
- ستيش روهڙا
  طارق اشرف : سنڌي ادب - لاڙا ۽ دور (پيج 22)
- ستيش روهڙا
  رام جواهراڻي : تهذيبي سڃاڻپ (پيج 36)
- ستيش روهڙا
  آشا چاند سنڌي ڀاشا ۽ جاتيءَ جو آئينده (پيج 57)
- ستيش روهڙا
  پارتي سدارنگاڻي : سنڌ، گانڌيڌام، سنڌالاجي (پيج 67)
- ستيش روهڙا
  ڪمل نهالاڻي ساهتيہ ۽ ڀاشا وگيان (پيج 80)




## ملاقات

منهنجا دوستو،

اڄ ساهتيہ اڪادميءَ جي پاران 'ليڪ سان ملاقات' جي نالي سان منهنجي ۽ توهان جي هڪ دستوري گڏجاڻي رکي ويئي آهي. هن گڏجاڻيءَ جو مقصد آهي تہ مان پاڻ بابت پنهنجي شخص ۽ليڪ بابت - توهان کي ڪجهہ ٻڌايان ۽ توهين مون بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مون سان سوال - جواب ڪريو.

دوستو، مان سمجهان ٿو تہ پاڻ بابت ڳالهائڻ ڪافي ڏکيو ڪم آهي ۽ پاڻ بابت سچ ڳالهائڻ اڃا بہ وڌيڪ ڏکيو ٿيندو آهي. اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي تہ پاڻ بابت ڪيترو سچ ٻڌائجي ۽ ڪيترو نہ ٻڌائجي. پاڻ بابت سمورو سچ ٻڌائڻ جي نا ممڪن نہ، تہ بہ ناممڪن جهڙو ئي ڏکيو ڪارنامو آهي.

مون کي ڳالهائڻ لاءِ چاليهہ منٽ ڏنا ويا آهن. مان انهن چاليهہ منٽن کي ٽن حصن ۾ ورهايان ٿو. چاليهہ منٽن مان ڏهہ منٽ 'ستيش' شخص لاءِ، پنج منٽ ستيش ۽ سنڌالاجي، باقي پنجويهہ منٽ 'ليڪ ستيش' لاءِ.

دوستو، مون تازو ئي هڪڙو ڪوٽيشن پڙهيو هو جنهن جو سار هو تہ اسان جي زندگيءَ کي شڪل صورت يعني شيپ ڏيڻ يا ڊزائين ڪرڻ وارا مکيہ ٽي

---

٢٩ مارچ ٢٠١٢ تي ساهتيہ اڪادميءَ پاران' ليڪ سان ملاقات' ۾ منهنجي ملاقات رکي وئي هئي. ان ملاقات ۾ مون جيڪي ڪجهہ ڳالهايو اهو رڪارڊ ڪيو ويو هو. رڪارڊ ٿيل ان تقرير کي سوڌي - سنواري، ڪٿل ڪڙيون جوڙي هيءُ ليک لکيو ويو آهي.

منهنجي عمر لڳ ڀڳ سورهن سال هئي. منهنجي دادي ۾ ڪن ڪانگريسي سڄڻن سان دوستي ٿي ويئي. انهن مان هڪڙو هئو لوڪرام هيمراجاڻي ۽ ٻيو هو امرلعل ساڌواڻي. انهن ڏينهن ۾ امرلعل ساڌواڻي هڪ اپياس ڪلاس هلائيندو هو ۽ مان ان ۾ شامل ٿيندو هوس. هنن دوستن جي صحبت جو منهنجي زندگيءَ تي اهو اثر پيو ته مان پنهنجي پريوار جي ماحول کان الڳ ٿي ويس. تنهن وقت جون ٿي ڳالهيون مون سان اڃا لاڳو آهن. ان وقت مون کادي پائڻ شروع ڪئي ۽ اڃا تائين مان رڳو کادي پائيندو آهيان. مون هندي پڙهڻ شروع ڪئي ۽ هنديءَ جا ٻه امتحان به پاس ڪيا. ان کان پوءِ ته هندي منهنجي ٻي ڀاشا بڻجي پيئي. منهنجو گهڻو تعليمي واڌارو هنديءَ دواران ئي ٿيو ۽ منهنجي ڪيريئير جو آڌار به هندي بڻي. مان ان وقت ويشنو ٿيس ۽ اڃا تائين ويشنو آهيان. ان وقت جي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته مان هڪ يوٿ آرگنائيزيشن 'راشٽريه سيوا دل' سان جڙي ويس ۽ سورهن سترهن سالن جي عمر ۾ ئي ان آرگنائيزيشن جو ورڪر بڻجي، پنهنجو شهر ڇڏي ٻئي شهر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هليو ويس. ١٩٤٧ ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. پنهنجي ڪٽنب سان گڏ مان سنڌ مان ڀارت هليو آيس. اسان جو ڪٽنب جيئن ئي اجمير ۾ ٺانئيڪو ٿيو، تيئن ئي مون سوشل ورڪ جي واٽ ورتي ۽ اجمير ڇڏي ناگپور هليو ويس جتي روچيرام ٿاواڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ، ٻين دوستن سان گڏ مڌيه پرديش جي ڪئمپ ۾ وري وسائڻ جي ڪم ۾ لڳي ويس. ١٩٥٠ ۾ مون کي ڀڳوان ابيچنداڻيءَ جي تار ملي جنهن ۾ لکيل هو ته گانڌيڌام سنڌين جو نئون شهر اڏجي رهيو آهي. ان شهر کي ڪلچرلي ڊيولپ ڪرڻ ۾ اسان کي پنهنجي ڀومڪا نڀاهڻي آهي. تون جلدي هليو اچ. ۽ مان گانڌيڌام هليو آيس. هتي ڪجهه پراڻا ساٿي اڳ ۾ ئي پهچي ويا هئا. جيئن ڀڳوان ابيچنداڻي، گوپال درياڻي وغيره. ڪجهه نوان دوست به هئا جيئن ڀڳوان آڏواڻي، پريتم ورياڻي، پرسرام ورنداڻي، هيمنت ڪمار ، موهن ڀارتي وغيره. پوءِ اسان 'نَو يُوڪ گروپ' نالي سان هڪ سنسٿا ٺاهي جنهن جي دواران گهڻيون ئي ڪلچرل سرگرميون ڪيون ويندڀون



سڄي اجمير بورڊ ۾ پهريون نمبر آيس جنهن لاءِ مون کي بورڊ جي پاران گولڊ ميڊل عطا ڪيو ويو. ١٩٦٠ ۾ مون گجرات يونيورسٽيءَ جي بي.اي. جو امتحان به فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. ١٩٦٢ ۾ ايم.اي. جو امتحان به پاس ڪيم. مان ايم.اي. ۾ به فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيس ۽ عليڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪيم.

١٩٦٢ تائين مان مئٽري اسڪول ۾ ٩ سال نوڪري ڪري چڪو هوس ۽ چڱو سينئر ٽيچر هوس. ١٩٥٤ ۾ منهنجي شادي به ٿي چڪي هئي. ١٩٦٢ تائين مون کي ٽي ڌيئر به ٿي چڪيون هيون. آديپور ۾ منهنجو گهر ۽ آديپور ۾ منهنجا ڀائر ۽ منهنجي ماءُ به هئي؛ پر ان هوندي به مون آديپور ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو جو مون محسوس ڪيو ته آديپور ۾ منهنجي وڌيڪ وڪاس لاءِ گنجائش ڪانه هئي، ان ڪري مون اسڪول مان استيعفا ڏئي ڇڏي. اول مون کي پوني جي ڊيڪن ڪاليج جي فيلوشپ ملي ۽ پوءِ مون کي ٽن سالن لاءِ يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي ريسرچ فيلوشپ ملي. ١٩٦٤ ۾ مون لنگئسٽڪس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما جو امتحان پاس ڪيو ۽ ١٩٦٦ ۾ ڪڇي ڀاشا تي ريسرچ ڪري مون پونا يونيورسٽي مان لنگئسٽڪس ۾ پي.ايڇ.ڊي. جي ڊگري حاصل ڪئي. ١٩٦٦ ۾ مون کي بنارس يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر جو پد حاصل ٿيو. ان وقت مان وڪاس يا ترقيءَ جي موڊ ۾ هوس ان ڪري مون اهو سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو ته بنارس ۾ هميشه لاءِ نه رهبو. بنارس يونيورسٽيءَ ۾ لنگئسٽڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪل ٻه عهدا هئا - هڪ ليڪچرر جو ۽ ٻيو 'ريڊر' يعني ائسوسئيٽ پروفيسر جو. جنهن وقت مان بنارس يونيورسٽيءَ ۾ شامل ٿيس ان وقت اڃا ريڊر جي پوسٽ خالي هئي. چئن پنجن سالن کان پوءِ ريڊر جي پوسٽ ڀري ويئي. ان پوسٽ تي منهنجي مقرري ڪانه ٿي ۽ مون فيصلو ڪري ورتو ته بنارس يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو وقت پورو ٿيو چو ته اڳتي وڌڻ لاءِ ڪوئي رستو ڪونه هو. پوءِ مون 'سينٽرل هندي انسٽيٽيوٽ - آگرا' ۾ ريڊر يعني ائسوسئيٽ پروفيسر جي عهدي لاءِ اپلاءِ ڪيو ۽ مان چونڊجي ويس؛ ۽ ١٩٨٣ ۾ مان ريڊر بڻجي

هيون. گانڌيڌام ۾ جيڪو آدرش ودياليہ آهي، اهو بہ نو يُوڪ گروپ جو ڪوليل آهي.

۱۹۵۰ کان ۱۹۵۳ تائين منهنجي جيون ۾ اهڙي ڪا ڳالھ ڪا نہ ٿي جنهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري هجي. ۱۹۵۳ ۾ هڪ اتفاق ٿيو ۽ اهو ڪافي وڏو اتفاق هو. منهنجو دوست پريتم ورياڻي ان اتفاق جو ڪارڻ بڻيو. پريتم ورياڻيءَ ۱۹۵۳ ۾ خانگي طرح سان مئٽرڪ (اڄ جو ۱۰ درجي کان پوءِ بورڊ جو امتحان) ڏيڻ ٿي چاهيو. ملڪ جي ورهاڱي سبب پريتم سنڌ ۾ مئٽرڪ جو امتحان نہ ڏئي سگهيو هو. پريتم مونکي صلاح ڏني ۽ زور بہ ڀريو تہ مان خانگي طرح سان مئٽرڪ جو امتحان ڏيان. منهنجي ان وقت عمر هئي ۲۴-۲۵ سال. اسڪول ڇڏڻ وقت منهنجي عمر مشڪل سان ڏهہ سال هئي. مطلب تہ مون چوڏهن - پندرهن سال ڪنهن اسڪول جو منهن ئي ڪونہ ڏٺو هو. وڏيءَ عمر کان سواءِ مان ان وقت آديپور ۾ ئي هنديءَ جا ڪلاس بہ هلائيندو هوس. مطلب تہ مان ماستر هوس. مان مئٽرڪ جو امتحان ڏيان، سو بہ خود ئي پڙهي! پر مون پريتم جي صلاح مڃي ۽ پريتم سان گڏ مئٽرڪ جي امتحان ۾ وينس. چوندا آهن تہ زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن چمتڪار ٿيندا آهن. منهنجي زندگيءَ ۾ بہ اهڙو چمتڪار ٿيو، جنهن جي مون کي بلڪل اميد ڪانہ هئي. مئٽرڪ امتحان جي رزلٽ ظاهر ٿي. مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيس! هن رزلٽ منهنجي زندگيءَ جي ڪايا ڪلپ ڪري ڇڏي! سوچيم، اڳتي وڌڻ لاءِ هيءُ رستو تہ خالي پيو آهي! ۱۹۵۳ ۾ هڪ ٻيو بہ عجيب اتفاق ٿيو! هتي آديپور ۾ ئي اسان جو هڪ دوست هو موتي گلراجاڻي. مئتري منڊل پاران هتي اسڪول هلائڻ لاءِ هڪ اسڪول بورڊ هو. ڀائي پرتاپ ان اسڪول بورڊ جو چيئرمن هو. موتي گلراجاڻي بہ ان اسڪول بورڊ جو ميمبر هو.

هڪ ڏينهن موتي گلراجاڻيءَ مون کي چيو ’ستيش، تون اسڪول ۾ هندي ٽيچر لاءِ درخواست ڇو نہ ٿو ڪرين ؟‘ هتي مان اهو ٻڌائي ڇڏيان تہ اسڪولي تعليم جي خيال کان مان برابر رڳو مئٽرڪ پاس هوس پر



هونئن مون هنديءَ جا ٻہ وڏا امتحان پاس ڪري ورتا هئا. انهن مان هڪڙو هو ’ راشٽر ڀاشا - وارڌا‘ جو ’رتن‘ ۽ ٻيو هو ’هندي ساهتيہ سميلن - پرياگ‘ جو ساهتيہ رتن‘. ڀارت سرڪار ’رتن‘ کي هندي ٽيچر لاءِ بي.اي. جي برابر ۽ ساهتيہ رتن کي ايم.اي. جي برابر مڃتا ڏني هئي. مون موتيءَ کي چيو ’يار ڇڏ، اجايو چرچا ڇو ٿو ڪرين ؟ مان نڪو لاڙڪاڻي جو آهيان ۽ نہ وري حيدرآباد جو. مان گريجوئيٽ بہ نہ آهيان. موتيءَ جو چوڻ هو تہ مان ائين گريجوئيٽ ڀلي نہ هجان پر هندي ٽيچر ٿيڻ لاءِ تہ ايم.اي. هنديءَ جي برابر آهيان. مون موتيءَ کي چيو بہ تہ منهنجي گانڌيڌام جي اڏيندڙن سان پوندي بہ ڪانهي؛ پر موتيءَ نہ مڃيو. موتي گلراجاڻيءَ اسڪول ۾ هندي ٽيچر جي عهدي لاءِ منهنجي درخواست موڪلي ڏني. اسڪول بورڊ جي ميٽنگ ٿي. هڪ نرالي ڳالھ اها ٿي جو ڀائي پرتاپ، جيڪو عام طرح سان اسڪول بورڊ جي ميٽنگ ۾ ايندو ئي ڪونہ هو، اهو ان ميٽنگ ۾ موجود هو. موتي گلراجاڻيءَ پوءِ مون کي ٻڌايو تہ جڏهن منهنجي درخواست بورڊ ۾ آئي تہ ڀائي پرتاپ درخواست ڏسي چيو تہ هنديءَ جو اهڙو ودوان ماڻهو اسڪول ۾ ڪم ڪرڻ ٿو چاهي تہ دير ڇا لاءِ ٿا ڪريو ؟ يڪدم اپائنٽ ڪريو. منهنجي مئٽرڪ جي ڪواليفڪيشن جي آڌار تي مون کي مئٽرڪ جو گريڊ ڏيڻ وينا تہ ڀائي پرتاپ بورڊ وارن کي چيو تہ ڇريا ٿيا آهيو ڇا ؟ هو هنديءَ جو ساهتيہ رتن آهي، جيڪو امتحان ايم.اي جي برابر آهي. ان ڪري هن کي گريجوئيٽ جو گريڊ ڏيو ۽ پوءِ گريجوئيٽ جو گريڊ کٽي مان مئتري اسڪول ۾ ٽيچر مقرر ٿيس! ان ڪري مون چيو تہ زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا اتفاق ٿين ٿا جن تي اسان جو ڪو ڪنٽرول ڪونهي ۽ اهي اسان جي زندگيءَ کي شيپ ڏيڻ ۾ ۾ تمام وڏو ڪم ڪن ٿا.

هن گهٽنا جو وڏي ۾ وڏو نتيجو اهو نڪتو تہ مون سوچيو ۽ فيصلو ڪيو تہ هاڻي زندگيءَ جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ کڻان. پوءِ مون لڳاتار ٽيرهن سال امتحان ڏنا. ۱۹۵۷ ۾ مون اجمير بورڊ جو انٽر آرٽس جو امتحان ڏنو. انٽر آرٽس جي امتحان ۾ مان نہ رڳو فرسٽ ڪلاس ۾ آيس پر

سينٽرل هندي انسٽيٽيوٽ - آگرا ۾ داخل ٿيس. سينٽرل هندي انسٽيٽيوٽ جو هڪ سينٽر دهليءَ ۾ بہ هو. مون کي دهليءَ ۾ رکيو ويو هو جتي مان وديشين کي هندي سيکارڻ جي ڪم سان جڙيل هوس. ۱۹۷۸ ۾ اسان جي ئي انسٽيٽيوٽ ۾ پروفيسر جا ٽي پد خالي ٿيا. ان وقت تائين مان انسٽيٽيوٽ ۾ پنج سال ريڊر جي پد تي ڪم ڪري چڪو هوس، جيڪو تجربو پروفيسر جي پد لاءِ گهربل هو، اهو مون وٽ هو ۽ مان هائلي ڪواليفائيڊ هوس؛ ان ڪري مون کي پروفيسر جي پد تي مقرر ٿيڻ جي ڪافي اميد هئي پر منهنجي مقرري پروفيسر جي پد لاءِ ڪانہ ٿي. مان ڪافي نراس ٿيس. سوچڻ لڳس، هاڻي ڇا ڪجي؟ پروفيسر جي عهدي تي ڪيئن پهچجي ؟ اوچتو هڪڙو چمتڪار ٿيو.

دهليءَ ۾ ڀارت سرڪار جي وديش وڀاڳ جي پاران قائم ڪيل هڪ [illegible] (ICCR) جنهن جو [illegible]
ڪم آهي ڀارت جي جدا جدا ملڪن سان ڪلچرل يعني تهذيبي ناتا قائم ڪرڻ. (ICCR) جي هڪڙي سرگرمي آهي جدا جدا ملڪن ۾ تهذيبي سينٽر کولڻ ۽ جن ملڪن جي خواهش هجي انهن ملڪن ۾ هندي پاڙهڻ لاءِ ودوان موڪلڻ. گيانا (ويسٽ انڊيز - سائوٿ ائمريڪا) ۾ ڀارت سرڪار پاران هڪ تهذيبي سينٽر بہ کوليل آهي ۽ تهذيبي اقرار نامي موجب ڀارت سرڪار کي (ICCR) دواران گيانا يونيورسٽيءَ ۾ هندي پاڙهڻ لاءِ هڪ وزٽنگ پروفيسر موڪلڻو هوندو آهي. گيانا يونيورسٽيءَ ۾ اها جڳهہ خالي ٿي ۽ ان کي ڀرڻ لاءِ (ICCR) پاران هڪ اشتهار ظاهر ٿيو. توهان کي ٻڌي عجب لڳندو تہ ان عهدي لاءِ اڳرائي انهن کي ڏني ويندي هئي جيڪي ان وقت 'پروفيسر' جي پد تي نہ آهن. ان جو ڪارڻ شايد اهو هو تہ 'وزٽنگ پروفيسر' جو اهو عهدو، ڀارت سرڪار جي نيم موجب ريڊر يا ائسوسئيٽ پروفيسر جي برابر هو. پنهنجي انسٽيٽيوٽ ۾ 'پروفيسر' جي پد لاءِ نہ چونڊجڻ منهنجي لاءِ Blessings in disguise يعني 'ڀل ۾ ڀلو' ثابت ٿيو. مان پروفيسر ڪونہ هوس انڪري اڳرائيءَ ۾ هوس.



هئي. مان اڃا بنارس يونيورسٽيءَ ۾ ئي هوس جو منهنجي گڏجاڻي 'ڪونج' مخزن جي ايڊيٽر هري موٽواڻيءَ سان ٿي. هريءَ جي اتساهہ ڏيارڻ تي مون ۱۹۷۳ ۾ 'ڪونج' جو 'سنڌالاجي' پرچو ايڊٽ ڪيو هو. ۱۹۸۹ ۾ مون جڏهن رٽائر ڪيو تڏهن مون پريتم ورياڻيءَ سان گڏجي سنڌالاجيءَ جو هڪ خاڪو تيار ڪيو. پوني ۾ ٿيل اديبن جي هڪ سيمينار ۾ سنڌالاجيءَ جي رٿا پيش ڪئي ويئي جيڪا دوستن کي خوب پسند پيئي. ان حوالي ۾ آديپور - گانڌيڌام مان هڪ دلبر دوست جو بيحد قربائتو ۽ همٿائيندڙ خط مليو ۽ اهو دوست هو لکمي کلاڻي جيڪو اڳ ۾ ئي ڪلڪتو ڇڏي گانڌيڌام اچي ويو هو. پوءِ مون، پريتم ۽ لکميءَ گڏجي ۱۹۹۰ ۾ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ کي آديپور - گانڌيڌام ۾ قائم ڪيو. مان گانڌيڌام هليو آيس. جيستائين منهنجي رهڻ جو نيڪ نڪاڻو ٿيو تيستائين مان ڪيترن مهينن لاءِ لکميءَ جي گهر رهيس. لکميءَ جي گهر ۾ رهندي مون کي احساس ئي ڪونہ ٿيندو هو تہ مان ڪو لکميءَ وٽ مهمان آهيان. لکميءَ جهڙو دلبر دوست ڪو مشڪل سان لڀندو. لکميءَ جي گهر ۾ رهندي مون کي جيڪا سهج پنهنجائي ملي ان ڪري منهنجي من ۾ لکميءَ لاءِ قرب ۽ لکميءَ جي شريمتي واشيءَ لاءِ هڪڙو مان وارو جذبو آهي. مان اڄ بہ ملير جي ڀين ساٿين جو نالو وٺندو آهيان پر شريمتي کلاڻيءَ کي 'دادي' ڪري سڏيندو آهيان ۽ اها بہ مون کي 'دادا' چوندي آهي. اهو ان ڪري جو اها محسوس ڪندي آهي تہ مان لکميءَ جو ڀاءُ آهيان ۽ مان سمجهندو آهيان تہ هوءَ منهنجي ڀيڻ آهي. جيتوڻيڪ هوءَ مون کان عمر ۾ ڪافي ننڍي آهي.

سنڌالاجيءَ جي شروعات ٿي لکمي کلاڻيءَ جي گهر جي هڪ ڪمري ۾ جنهن ۾ چار آنا مهينو مسواڙ جون ٻہ ڪرسيون ۽ اٺ آنا مهينو مسواڙ جي هڪ ٽيبل رکيل هئي. اڄ هڪ شاهي بلڊنگ آهي. ان کان وڏي بلڊنگ ٺهرائڻ جي رٿا آهي. سنڌالاجيَ ۾ اڄ اهي سڀ بنيادي سهوليتون آهن جيڪي اڄ جي ڪنهن سنسٿا کي هئڻ کپن. سنڌالاجي هند ، سنڌ ۽ ڪيترن ملڪن

مون درخواست ڪئي ۽ مان چونڊجي بہ ويس! منھنجي مقرري جيتوڻيڪ گيانا يونيورسٽيءَ جي ھندي ڊپارٽمينٽ ۾ ھئي پر مان جڙيل ھوس گيانا ۾ ڀارت سرڪار جي ايلچي خاني سان، ڇو تہ ڀارت سرڪار جو ڪرمچاري ھوس ان ڪري مون کي پنھنجي پد ۽ لوازمي موجب ايلچي خاني جي ٻين ڪرمچارين سان برابر ڳڻيو ويندو. مون کي خبر پيئي تہ جنھنجي پگھار پندرھن سو يا ان کان مٿي ھوندي تہ ان کي ايلچي خاني جي فرسٽ سيڪريٽريءَ جي برابر سمجھيو ويندو ۽ فرسٽ سيڪريٽريءَ وارو الائونس ۽ ٻيون سھوليتون ملنديون پر جنھنجي ان وقت مول پگھار پندرھن سون کان گھٽ ھوندي ھن کي ايلچي خاني جي سيڪنڊ سيڪريٽريءَ جي برابر سمجھيو ويندو ۽ ان موجب ان کي الائونس ۽ سھوليتون ملنديون. منھنجي ان وقت مول يا بنيادي پگھار ۱۴۸۰ع رپيا ھئي ۽ ان ڪري مون کي سيڪنڊ سيڪريٽريءَ جي برابر عھدو ملڻ کپندو ھو؛ پر مون کي لڳي ٿو تہ قسمت کي اھو خيال آيو تہ ستيش گھٽو ئي سٺو آھي ان ڪري ستيش کي انعام ملڻ گھرجي. ۽ مون کي انعام ڪھڙو مليو ؟ مون کي ۲۰ رپيا اسپيشل الائونس ڏئي منھنجي پگھار ۱۵۰۰ع ڪئي وئي ۽ مون کي ايلچي خاني جي فرسٽ سيڪريٽريءَ جي برابر ليکيو ويو! ڪنھن بہ ايمبيسي يا ايلچي خاني ۾ فرسٽ سيڪريٽريءَ جو عھدو ڪافي وڏو سمجھيو ويندو آھي ڇو تہ ائمبيسيڊر کان پوءِ فرسٽ سيڪريٽري ٿيندا آھن. مان ھوس تہ يونيورسٽيءَ ۾ وزٽنگ پروفيسر پر سھوليتون لڳ ڀڳ سڀ اھي مليون جيڪي فرسٽ سيڪريٽريءَ کي ملنديون آھن. انھن سھوليتن موجب منھنجي شريمتي ۽ منھنجا جيڪي بہ ٻار ھندوستان مان گيانا اچن انھن جو ڀاڙو ڀارت سرڪار ڀريندي. مان ڀارت مان چاھي ٻين ملڪن مان جيڪو بہ پنھنجي ضرورت لاءِ سامان گھرايان ان تي ڊيوٽي ڪانہ پوندي. ان ڪري ئي مون جيڪا ائمريڪا مان نئين ڪار گھرائي ان تي اتي ڪا بہ ڊيوٽي ڪانہ لڳي. منھنجين سھوليتن ۾ اھو بہ شامل ھو تہ اتي جيڪا بہ اسان جي پريوار جي ميڊيڪل ٽريٽمينٽ



ٿيندي، ان جو خرچ بہ ڀارت سرڪار ڀريندي. واپس موٽڻ وقت مان جيڪو بہ پنھنجي استعمال جو سامان کڻي اچان ان تي ڀارت ۾ ڪا بہ ڊيوٽي ڪانہ لڳندي. ان کان سواءِ فرسٽ سيڪريٽريءَ جو الائونس ۽ ٻيون بہ ڪيتريون سھوليتون مون کي حاصل ٿيون. منھنجي وزٽنگ پروفيسر جي روپ ۾ مقرري ۽ مون کي مليل فرسٽ سيڪريٽريءَ جي برابر عھدو ملڻ جي ان ھڪڙي اتفاق سبب منھنجي سڄي زندگيءَ جو شيپ بدلجي ويو. منھنجي شريمتي ۽ منھنجيون ٽيئي ڌيئر گيانا پھچي ويون. منھنجي ھڪ ڌيءَ گيانا يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر بڻجي ويئي. اھا ھاڻي جپان ۾ رھندي آھي. منھنجي ٻي ڌيءُ جيڪا ايم.بي.بي.ايس. ڪري آئي ھئي، ان اتان جي ھاسپٽل ۾ ھڪ سال نوڪري ڪئي. ان ڪري ھندستان موٽڻ تي ڪيس ايس.اين. ميڊيڪل ڪاليج (آگرا) ۾ سولائيءَ سان ايم.ايس (گائناڪالاجي) ۾ داخلا ملي وئي. ان امتحان ۾ پھريون نمبر اچي ھن گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. ھاڻي اھا آگرا ۾ آھي ۽ ڪيس پنھنجو نرسنگ ھوم آھي. منھنجي ٽين ڌيءُ گيانا يونيورسٽيءَ جي انجينئرنگ ڊپارٽمينٽ مان بي.اي. ڪئي ۽ انجينئرنگ ڪاليج ۾ پھريون نمبر آئي ۽ پريزيڊنٽ جو گولڊ ميڊل کٽيائين. ھاڻي اھا فلپس ڪمپنيءَ ۾ ڪافي وڏي عھدي تي آھي ۽ ائمريڪا ۾ وسيل آھي. مان چار سال گيانا يونيورسٽيءَ ۾ ھوس. مان ۱۹۸۲ع ۾ ڀارت موٽيس ۽ ۱۹۸۳ع ۾ پنھنجي انسٽيٽيوٽ ۾ ئي پروفيسر جو پد حاصل ڪيم. مان ۱۹۸۹ع ۾ 'سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف ھندي'ءَ مان پروفيسر جي پد تي رھندي رٽاير ٿيس.

ھاڻي انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ مان. بنارس يونيورسٽيءَ جي ھندي ڊپارٽمينٽ جي پرسان ئي 'انسٽيٽيوٽ آف انڊالاجي' ھو. مان ھندي ڊپارٽمينٽ ۾ ھندي ۽ ڀاشا وگيان پاڙھڻ کان سواءِ، انسٽيٽيوٽ آف انڊالاجيءَ ۾ بہ 'جن جاتي ڀاشائون' (Trible Languages) وشيہ پاڙھيندو ھوس. بنارس ۾ رھندي ئي مون اھو سوچي ورتو ھو تہ رٽائر ڪرڻ کان پوءِ مان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي قائم ڪندس. سنڌالاجيءَ جي ويچار کي اظھار ڏيڻ جي شروعات مون ۱۹۷۳ع ۾ ئي ڪري ڇڏي

۾ ڇاتي ويندڙ هڪ معتبر ڪلچرل سنسٿا آهي. ۽ مان اڄ به سنڌالاجيءَ سان جڙيل آهيان.

هاڻي ليکڪ ستيش جي ڳالهه ڪريون.

مون لکڻ ته سنڌ ۾ ئي شروع ڪيو هو. مون کي يادگيري آهي ته مون پهرين هڪڙي ڪوتا لکي هئي. مون هڪ ماڻهوءَ جي در تي هڪ جوان فقيرياڻي ڏٺي. مون کي خبر هئي ته اهو ماڻهو سٺو نه آهي. اهو تصور ڪري ته اهو ماڻهو ۽ هن جا دوست ان فقيرياڻيءَ سان ڪهڙي هلت هلندا، مون هڪ ڪوتا لکي. ان کي گهڻائي ڏينهن گذري ويا.ان وچ ۾ مان سنڌ مان لڏي هندستان به اچي ويس. هندستان ۾ هڪڙي ڏينهن مون اها ڪوتا 'نئين دنيا' مخزن کي موڪلي ڏني ۽ اها 'نئين دنيا' ۾ ڇپجي وئي. جڏهن دادا هري دلگير آديپور ۾ آيا تڏهن هڪ دفعي ساڻن ملاقات ۾ مون کين چيو 'دادا، مان ستيش روهڙا آهيان'. دادا دلگير سان اها منهنجي پهرين ملاقات هئي. مون کي ڇڻو عجب لڳو جڏهن دادا دلگير مون کي چيو ته 'ستيش، مان توکي سڃاڻان ٿو.' پوءِ دادا وڏيڪ ٻڌايو ته بمبئيءَ جي ادبي ڪلاس ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ منهنجي اها ڪوتا ڏاڍي انداز سان پڙهي ٻڌائي هئي. مون کي اها ڪوتا سڄي ته ياد نه آهي پر ان جون پهريون سٽون هيون :

ڪوئي آک پڇيس ٿو،
ڪوئي هٿ ڇڪيس ٿو،
ڪو وري ڇاتيءَ طرف،
بار بار جهڪيس ٿو.
هوءَ ڪري ڪري ته ڇا ؟
ڇو ته هوءَ غريب آ
تنهن سواءِ شريف آ.

جيئن ئي منهنجو ڪيريئر هنديءَ سان جڙي ويو تيئن ئي منهنجو سنڌي ادب سان ناتو گهٽجي ويو. سنڌي ادب سان وري مون کي جوڙڻ جو



لڳندا آهن. جيستائين ان ڪهاڻيءَ جو سوچ ۽ احساس منهنجي اندر وڃي جڳهه پائي ۽ مون کي لڳي ته مان پنهنجي ئي ڪهاڻي لکي رهيو آهيان، تيستائين منهنجي لاءِ ڪهاڻي لکڻ ممڪن نه ٿيندو آهي. ان ڪري توهين ڏسندا ته منهنجين گهڻين ڪهاڻين جو مکيه ڪردار 'پروفيسر' آهي. اهو سڀاويڪ آهي ڇاڪاڻ جو مان گهڻائي سال پروفيسر ٿي رهيو رهيو آهيان. منهنجيون تمام گهڻيون ڪهاڻيون اهڙيون آهن جيڪي منهنجي ارد گرد گهمن ٿيون؛ پر جيئن مون چيو اهي منهنجي نجي يا شخصي انيو جون ڪهاڻيون نه آهن. مان 'جهٽ پٽ' ليکڪ نه آهيان. ڪا گهٽنا ڏٺي ، ڪو خاص شخص ڏٺو ۽ ڪهاڻي لکي ورتي، اهو منهنجي سڀاو ۾ نه آهي. جي مان ڪا اهڙي خاص گهٽنا ڏسان يا اهڙو شخص ڏسان ته مون کي ان سان پاڻ کي جوڙي مون کي اهو سڄو ڪالپنڪ سنسار رچڻو پوندو جنهن جي ڪلپنا مان پنهنجي حوالي ۾ ڪري سگهان. اهوئي ڪارڻ آهي جو مون کي ڪهاڻي لکڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو آهي.

هاڻي مان پنهنجي مضمونن جي ڳالهه ڪريان. منهنجا گهڻي ۾ گهڻا مضمونن جا ڪتاب آهن. منهنجن مضمونن جو پهريون ڪتاب آهي 'چند ڇاڻ'. ان ڪتاب جي پٺئين ڪور تي لکيل آهي ته 'هي مضمون منهنجي ويچار جڳت جي ياترا جا ثبوت آهن.' يعني منهنجن مضمونن ۾ منهنجي سوچ ۽ چنتن جو بيان آهي. ان ڪري توهين جي مون کي چئو ته هن وشيه يا موضوع تي مضمون لکي ڏي ته مان نه لکي سگهندس. ڇاڪاڻ جو جيستائين ڪا ڌارڻا يا ويچار منهنجي سوچ ۽ چنتن جو حصو نٿو ٿئي تيستائين ان تي مان مضمون نٿو لکي سگهان. ان ڪري ئي مون چيو ته مان 'جهٽ پٽ' ليکڪ نه آهيان مان آرڊر تي ڪنهن مقرر وقت جي اندر ڏنل موضوع تي مضمون لکي نه سگهندو آهيان.

ڪهاڻي ۽ مضمون جي حوالي ۾ جيڪا ڳالهه مون پنهنجي رچنا ڪرم بابت چئي آهي، ساڳي ڳالهه منهنجي تنقيد يا آلوچنا سان به لاڳو آهي. منهنجو تنقيد جو ڪتاب 'ڪوتا ڪان ڪوتا تائين' جنهن تي مون

شرف ٻن ماڻهن کي آهي. هڪ آهي انند کيماڻي ۽ ٻيو آهي پريم پرڪاش. انند منهنجي اندر ويٺل نقاد کي ٻاهر آڻڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پريم پرڪاش مون کي سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ معتبر جڳهہ حاصل ڪرڻ ۾ موقعو ميسر ڪري ڏنو.

مان جڏهن بنارس ۾ ئي هوس تڏهن مون هڪڙو تنقيدي ليک سنڌيءَ ۾ لکيو هو. اهو ليک مون پنهنجي هڪ ادبي دوست جي هڪ ڪتاب تي لکيو هو؛ جيڪو ڪتاب هن هنديءَ ۾ ڇپايو هو. اهو ڪتاب هو 'سنڌي ڀاشا، لپي اور ساهتيہ'. اهو ڪتاب ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ لکيو هو. اهو ليک پڙهيو مون دهليءَ جي هڪ ادبي ڪلاس ۾. ان ادبي ڪلاس ۾ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي بہ حاضر هو. ان ليک تي مون کي ادبي ڪلاس ۾ ڪافي داد مليو. ان ادبي ڪلاس ۾ ليک پڙهڻ لاءِ مون کي انند کيماڻيءَ ڪافي گهڻو همٿايو هو. انند، پرم ۽ ٻين دوستن جي همت افزائيءَ سبب مون کي پنهنجي نقاد هئڻ جو احساس ٿيو ۽ ادبي رچنا ڪيتر ۾ اڄ بہ مون کي ڪا صنف بيحد پسند آهي تہ اها آهي تنقيد. ان وقت منهنجي نقاد جا ننهن ڪافي تکا هوندا هئا، اڄ اهي ٿورا ڳنڍل آهن پر ايترا ڳنڍل ڪونهن جو هر رچنا جي رچناڪار کي ڌڏڙا ڪيندو رهان. منهنجي تنقيد سان اڃا بہ ڪيترن رچناڪارن کي رهنبوتا نہ تہ بہ ڇهنڊڙيون تہ ضرور پونديون آهن.

ان کان پوءِ ٻئي دوست جنهن منهنجي ڪهاڻيڪار کي ٻاهر اچڻ ۾ مدد ڪئي اهو هو پريم پرڪاش. ۱۹۸۹ ۾ پريم پرڪاش احمدآباد ۾ 'ڪهاڻيءَ' تي هڪ ادبي ڪلاس رکيو. ان ادبي ڪلاس ۾ ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ پريم مونکي خوب همٿايو. مون ادبي ڪلاس ۾ پڙهڻ لاءِ هڪ ڪهاڻي موڪلي ڏني ۽ پريم جي همٿائڻ تي ان ادبي ڪلاس ۾ مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي پڙهي. ڪهاڻي هئي 'نيري آرام ڪرسي'. ان ڪهاڻيءَ تي ادبي ڪلاس ۾ بيحد گهڻو داد مليو. ان ادبي ڪلاس ۾ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کان وٺي هريش واسواڻيءَ تائين اديب حاضر هئا پر سڀني دل کولي ڪهاڻيءَ جي ساراهہ ڪئي. هن ادبي ڪلاس ۾ منهنجو



ڪهاڻيڪار قبوليت حاصل ڪري پوريءَ طرح سان ٻاهر اچي ويو. ان ڪري ادب ۾ تنقيد کان پوءِ منهنجو ٻيون پيار ڪهاڻي آهي. هيستائين منهنجين ڪهاڻين جا ٽي مجموعا ڇپجي چڪا آهن جيڪي آهن - 'رشتو'، 'اوندهہ جو سچ'، ۽ ايئر پورٽ جي رستي تي.' منهنجين ڪهاڻين جو چوٿون مجموعو 'پاپا، اچو تہ هٽ ملايون' ڇپجي آيو آهي ۽ اڄ جي بينڪ ۾ ان جي رونمائي ڪئي ويندي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ منهنجي اديب کي سنڌي ادب ۾ آڻڻ لاءِ انند کيماڻيءَ ۽ پريم پرڪاش منهنجي خوب همت افزائي ڪئي. باقي رچناڪار هوندو تہ هوندو، رڳو همت افزائيءَ سان ڪوئي رچناڪار نہ بڻجندو آهي پر ڪنهن رچناڪار کي اظهار پائڻ لاءِ اهڙا سبب اهم هوندا آهن.

هاڻي مان پنهنجي ڪهاڻي رچناڪرم تي ٿوري روشني وجهان. منهنجو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو آهي 'رشتو' جيڪو ۱۹۸۹ ۾ ڇپيو هو. ان جي پٺئين ڪور تي لکيل آهي تہ 'ڪهاڻي لکڻ کان اول مان ڪهاڻي جيئندو آهيان ۽ ان ڪري منهنجي هر ڪهاڻي منهنجي سرجيل آتم ڪٿا آهي. مطلب تہ هر ڪهاڻي منهنجي ڪالپنڪ ڪهاڻي آهي.' منهنجين ڪهاڻين جي ٻئين مجموعي 'اوندهہ جو سچ' ۾ ساڳي ڳالهہ وڌيڪ چٽيءَ طرح لکيل آهي. ان مجموعي جي ڀومڪا ۾ لکيل آهي تہ 'هنن ڪهاڻين ۾ مان آهيان بہ ۽ مان نہ بہ آهيان. هنن ڪهاڻين ۾ مان آهيان ڇاڪاڻ تہ هر ڪهاڻيءَ جي ڪردار جي اندر وڃي، ان جو احساس ڪري مون ان جو اظهار ڪيو آهي، ان ڪري مان اتي آهيان. پر مان ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ ۾ نہ آهيان ڇاڪاڻ جو هيءُ منهنجي نجي يا شخصي انڀو جون ڪهاڻيون نہ آهن. مان ڏاڍيون گهٽ ڪهاڻيون لکندو آهيان. ۱۹۸۹ ۾ مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي پڙهي ۽ هيءُ ۲۰۱۲ آهي. هنن ۲۳ سالن ۾ مون ڪل ۳۱ ڪهاڻيون لکيون آهن! مطلب تہ سال ۾ ٻہ ڪهاڻيون بہ نہ! هڪ ڪهاڻي لکڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن مون کي مهينا لڳي ويندا آهن! مهينا ڪهاڻي لکڻ ۾ نہ لڳندا آهن، مهينا ڪهاڻي جيئڻ ۾

کي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام مليو، ان جي پنئين ڪور تي لکيل آهي تہ ’ڇيد ۽ ڀيد سڄاڳ وويڪ جا گڻ آهن ۽ جنهن شخص ۾ اهي ٻہ گڻ آهن اهوئي نقاد ٿي سگهي ٿو. هتي ’ڇيد‘ جو مطلب آهي تہ رچنا جا سڀ انگ يا عناصر الڳ ڪرڻ ۽ ’ڀيد‘ جو مطلب آهي پڪاين کي ڪچاين پڪاين کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ. ان کان پوءِ رچنا بابت ڪجهہ لکڻ. ان ڪري ڪوئي ڪتاب کڻي ان تي تڪڙ ۾ ڪجهہ لکي ونڻ منهنجي سڀاو ۾ نہ آهي. تازو منهنجي هڪ دوست مون کي فون تي چيو تہ مان سندس ڪتاب جو مهاڳ لکان. مون ڪيس چيو تہ مان ڪونہ لکندس. هن پڇيو ڇو؟ ڇيومانس، جي پنهنجي نقاد سان انصاف ڪندس تہ تون ناراض ٿي ويندين. جي توکي ناراض نہ ڪندس تہ پنهنجي نقاد سان بي انصافي ڪندس. ڇياڻين، مان ناراض ڪونہ ٿيندس، جيڪو توکي وڻي سو لک. ڇيومانس نہ. اهي سڀ ڇوڻ جون ڳالهيون آهن. اسين سڀ ليکڪ لڳ ڀڳ هڪ جهڙا آهيون. اسان سان بہ اهو ڀهاڪو لاڳو ٿيندو آهي تہ ’ڪک ڇتي ٿو رت نڪري.‘ مطلب تہ اسين پنهنجي رچنا جي خلاف ٿوري بہ آلوچنا ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهيون. وري مهاڳ ليکڪ جي تہ هڪڙي مريادا آهي. مهاڳ ۾ رچنا جون ڪميون پيشيون لکڻ واجب نہ سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري ان ڳالهہ کي اتي ئي رهڻ ڏيون.

دوستو، نجو سچ ڇوڻ سولو نہ آهي. دادا دلگير جي هڪ ڪوتا آهي جنهن جو سار آهي تہ ’ڇئن هزار سالن کان زهر جو پيالو رکيو آهي ۽ سوچي ٿو تہ سقراط کان پوءِ وري ڪو ڪونہ ٿيو جيڪو مون کي پنهنجن چپن سان لڳائي. ٻن هزار سالن کان صليب سڙي رهيو آهي، ڇو تہ عيسيٰ کان پوءِ ڪيس پنهنجن ڪلهن تي اچي ڪنهن ڪنيو نہ آهي.‘ ان ڪري منهنجا دوستو، مون کي اهو ڇوڻ ۾ سنڪوچ ڪونہ ٿو ٿئي تہ هن ملاقات ۾ مون ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي پر پاڻ بابت سمورو سچ ٻڌايو اٿم، ان جي بہ خاطري ڪانهي.

مهرباني.



**روهڙا** - اِهو سوال بہ اهم آهي تہ جيڪا پيڙهي ڀارت ۾ آئي اُها سنڌي ادب ڏانهن مايل ڇو ڪا نہ آهي. ان جا ٻہ ڪارڻ آهن. هڪ اِهو تہ نئين ادب ڏانهن هنن جو لاڙو نہ رهيو آهي. ٻيو ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ جي آسپاس جيڪي ٻوليون آهن. جيئن - هندي، گجراتي، مراهٺي، انهن ۾ وڏيڪ سٺو ادب تخليق ٿئي ٿو ۽ سنڌي بہ اهي زبانون پڙهي سگهن ٿا. تنهنڪري انهن ٻولين جي ادب کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا. سنڌي ادب جي ڪمزورين ڪري، اها پيڙهي سنڌي ادب جي خريد ڪرڻ ڏانهن ايتري مايل ناهي.

**سوال** - اوهان وٽ هاڻ جيڪا ڪهاڻي لکجي پيئي انهيءَ ڪهاڻيءَ لاءِ اوهان اِهو چئي سگهو ٿا تہ اوهانجو جيڪو مڊل ڪلاس آهي، يا لوئر مڊل ڪلاس آهي، ڇا اِها انهيءَ جي ڪهاڻي آهي. مونکي تہ اَوهانجون ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ ائين لڳي ٿو تہ اُهي اوهانجي گهرن جون ڪهاڻيون ڪونهن، اوهانجي ماڻهن جون ڪهاڻيون ڪونهن. بلڪ جديد ڪهاڻين جو نالو ڏيئي، اُنهن کي ماڻهن کان پري ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو حقيقت سان واسطو ڪونهي ۽ اُنهن ۾ ڪا ’ڪهاڻي‘ ڪانهي. انهيءَ ڪري پڙهندڙ اوهان کان ڪجهہ هٽي ويا آهن.

**روهڙا** - شايد اها ڳالهہ صحيح انهيءَ ڪري ڪانهي جو جنهن کي جديد ڪهاڻي چئون ٿا، اُها فقط سنڌيءَ ۾ تہ ڪانهي، سنڌيءَ ۾ جديد ڪهاڻي اُنهيءَ ڪري آئي آهي تہ هِن جي ارد گرد جيڪي ٻوليون آهن، جيئن مليالم، بينگالي وغيره، جن ۾ تمام گهڻو ادب لکجي ٿو، انهن ۾ جديد ڪهاڻي ڀرپور کان موجود آهي. جيڪڏهن اُنهن ٻولين ۾ جديد ڪهاڻيءَ جا پڙهندڙ موجود آهن تہ پوءِ سنڌيءَ ۾ جديد ڪهاڻي پڙهندڙن کي هٽائڻ جو سبب ڪيئن ٿو ٿي سگهي. اِهو ڪارڻ صحيح ناهي. البت اِهو صحيح آهي تہ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي جيون (زندگي) ايترو نظر نٿو اَچي. انهيءَ ڪري اِهو ڇوڻ ڏکيو ٿي پيو آهي تہ هيءَ سنڌي ڪهاڻي آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ تي جيڪڏهن سنڌي ليکڪ جو نالو نہ ڏجي يا اِهَا ٻي ٻوليءَ

## ستيش روهڙا

## طارق اَشرف

**سوال** - ڀارت ۾ سنڌي ادب جو آئيندو ڇا آهي؟

**روهڙا** -هي سوال پنهنجي پاڻ ۾ جهڙو معصوم لڳي ٿو، اهڙو آهي ڪونہ. بهر حال هتي سنڌي ادب ڇپجي رهيو آهي ۽ ڪافي ڇپجي رهيو آهي. اِهو سلسلو ڪو تمام جلد مٽبو، اهڙي اُميد ڪانهي. البت اِهو مڃڻ گهرجي تہ سنڌي ادب جي پڙهندڙن ۾ گهٽتائي ٿيندي پيئي وڃي ۽ سنڌي ادب معيار جي لحاظ کان شايد اڃا بہ پٺتي پئجي وڃي.

**سوال** - ناگپال، اوهين انهيءَ باري ۾ ڇا چوندا؟

**ناگپال** - ڊاڪٽر ستيش نيڪ چيو آهي. بيشڪ سنڌي ادب جو معيار ڏينهون ڏينهن گهٽبو ٿو وڃي. سنڌي ادب لکجي تہ گهڻو پيو پر معيار جي لحاظ کان اهڙو ڪونهي جو اسين انهيءَ تي فخر محسوس ڪريون.

**سوال** - ڇا نئين ٽهيءَ جا رائيٽر اوهان وٽ اچن پيا؟

**روهڙا** - اهم سوال آهي. مان سمجهان ٿو انهيءَ سان هتي جي سنڌي اديبن جي ويچارن کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي. ادب جون ٽي مکيہ شاخون آهن - ڪهاڻي، شاعري ۽ ناٽڪ.. ان کانسواءِ ناول ۽ مضمون. سو نئين پيڙهي

(هن ڳالهہ ٻولهہ وقت چار ٻيا ليکڪ - چترو ناگپال، لکمي کلاڻي، هري موٽواڻي، ۽ نند جويري بہ موجود هئا، ڳالهہ ٻولهہ ۾ چترو ناگپال ۽ هري موٽواڻيءَ بہ ڪجهہ حصو ورتو هيو.



ناول ۽ مضمون ڏانهن گهٽي نہ وڌي آهي. البت مضمون جي دائري ۾ هڪڙو نئون اظهار سامهون آيو آهي، اُهو آهي مضمون جو وڌيڪ گنڀير ٿي وڃڻ. انهيءَ ۾ نئين پيڙهيءَ جي ڪن علم لسانيات جي ڄاڻن ۽ نئين تنقيد پسند نقادن جو بہ حصو آهي. نئين پيڙهيءَ جي ليکڪن ناول گهٽ لکيو آهي پر انهيءَ پيڙهيءَ کي سٺا ناول بہ ڏنا آهن.

**ناگپال** - جيڪا نئين پيڙهي آهي، انهيءَ تي هتي جي ادب جو گهڻو اثر آهي؛ ۽ ناول جي اهميت اڄڪلهہ گهٽجي رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ وڏن شهرن ۾ ماڻهن وٽ ايترو وقت ڪونهي. انهيءَ ڪري گهڻو ڌيان ڪهاڻيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي.

**سوال** - نئين ٽهيءَ ۾ جيڪي نوان ليکڪ آيا آهن؛ اوهان سمجهو ٿا تہ اُهي اَهميت لهن ٿا. انهن مان ڪن جا نالا يا انهن جي لکڻين جا حوالا.

**ناگپال** - ايشور چندر سنيون ڪهاڻيون لکيون آهن.

**سوال** - ايشور چندر گهٽ ۾ گهٽ پنجويهن ٽيهن سالن کان لکي پيو. انهيءَ کي اوهان نئين ٽهيءَ ۾ نٿا ڳڻي سگهو؛ نئين ٽهيءَ مان منهنجو مقصد آهي؛ جيڪو ان ڏهن سالن ۾ آيو هجي.

**ناگپال** - ان ڏهن سالن ۾ اَسان وٽ اَهڙا نوان ليکڪ آيا ڪونهن جن جا نالا وٺجن. ٻنسي کوبچنداڻي يا ٻيا ڪي انهن سالن ۾ آيا آهن پر ڪو اهڙو جو اُڀري ٻاهر آيو هجي اَهڙو ليکڪ نظر نٿو اَچي.

**سوال** - مونکي ذاتي طور تي خبر آهي ۽ مون هتي اَچي ڏٺو بہ آهي تہ هتي سنڌي ڪتابن ۽ مخزنن جو وڪرو ايترو ڪونهي. انهيءَ جو سبب ڪهڙو آهي؟ نيڪ آهي نئين ٽهي اسڪولن ۾ هندي يا ٻيون ٻوليون پڙهندي هوندي پر هڪڙي اُها ٽهي بہ آهي جنهن ۾ ڪيرت، گوبند، اُتم وارا اَچيو ٿا وڃن. ٻي اُها بہ؛ جنهن ۾ اوهين سڀئي اَچيو ٿا وڃو. انهيءَ عمر جا بہ تہ تمام گهڻا سنڌي هوندا پوءِ انهيءَ عمر وارا سنڌي بہ سنڌي ادب پڙهڻ ۽ خريد ڪرڻ پسند نہ ڪندا آهن!

۾ ترجمو ٿئي تہ اهو چوڻ مشڪل ٿي پوندو تہ هي هڪ مخصوص سماجڪ ڏُر جي ڪهاڻي آهي. بس انهيءَ لاءِ اِهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ سنڌي ليکڪ جي لکيل آهي.

**سوال** - جيئن موهن ڪلپنا جون پهريون ڪهاڻيون آهن - چانڊوڪي ۽ زهر، برفن هيٺان وهندڙ رت يا ٻيون ڪافي ڪهاڻيون، اُهي اَڄ بہ پڙهندڙن کي ياد آهن. پر هاڻ جيڪي ڪلپنا ڪهاڻيون لکيون آهن اُهي پڙهندڙن کي وسريو وڃن. پر ايشور چندر جيڪو اڪثر لوئر مڊل ڪلاس جي مسئلن تي لکي ٿو. اڄ بہ اُهو سڀ کان مشهور ڪهاڻيڪار آهي. يا ڪرشن کٽواڻي آهي، جنهن جون ڪهاڻيون اڄ بہ مقبول آهن. پر هاڻي جيڪي نيون ڪهاڻيون لکجي رهيون آهن، انهن ڪهاڻين جا نالا بہ ياد نٿا بيهن. نہ اهو ٿو ياد بيهي تہ انهن ڪهاڻين ۾ آهي ڇا. اهو سبب ڪونهي تہ ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻيءَ جي نڪري وڃڻ ڪري، ايترو ائبسٽريڪٽ ٿيڻ ڪري پڙهندڙ تي اثر پيو هجي؟

**روهڙا** - ها بلڪل. اثر پوڻ جو سوال آهي. جيڪڏهن اوهانجو هندوستان مان نڪرندڙ ادب سان گهڻو واسطو هجي ۽ اُهو گهڻو پڙهيو هجي تہ اوهين ڏسندا تہ سنڌي ڪهاڻي جدت ڇڏي رهي آهي ۽ وري ٻي هڪ اهڙي سهج استٿي (آسان حالت) ڏانهن موٽڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو عنصر ڪجهہ وڌيڪ موجود آهي. البت خود ويڳاڻپ جو جيڪو عنصر آهي، اُهو بہ اُپريل آهي. پر پهرين ڪهاڻي، ڪهاڻي بدران هڪ 'فِڪر' لڳندي هئي، ڏيري ڏيري اُهي پنهنجا اِهي عناصر ڇڏي رهي آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ ايندڙ سنڌي ڪهاڻي ان ڏِسا ڏانهن وڌندي، جنهن ۾ اها ائبسٽريڪٽ نہ رهندي.

**سوال** - ائين تہ ڪونهي تہ جيئن ڪجهہ وقت اڳ تائين اِنڊيا جي فلمن ۾ رڳو ائڪشن هو، ۽ اهميت رڳو هيرو کي هئي ۽ هاڻ وري ٻيو دؤر پيو اَچي. فلم ۾ عشق، گانا ۽ هيروئن جي اهميت وڌي ويئي آهي. اوهانجي ڪهاڻي بہ پويان پئي موٽي ڇا؟



اينالسس (Analysis) جو حصو ناهي. انهيءَ ڪري اڳتي هلي اُهي سب ڪانش مائنڊ جون ڪهاڻيون يا رچنائون، جديد ادب کان سچ پچ ٻاهر ٿي پيون. اُنهيءَ ڪري بيحد ئي محدود دائري ۾ نئين ڪهاڻيءَ لاءِ چيائون تہ اُنهن ڪهاڻين کي بہ انهن رچنائن کان پري ڪري ڇڏڻو پوندو جن جو بنيادي آڌر تحت الشعور يا سب ڪانشس مائينڊ يا فرائيڊين ٿاٽ آهي. انهيءَ ڪري نئين ڪهاڻي انهيءَ Thought کان بہ ٻاهر هئي. اُن ڪري ائبسٽريڪٽ جا عناصر نئين ڪهاڻيءَ ۾ جيترا Available آهن، اوترا ائبسٽريڪٽ يا سب ڪانش مائينڊ جي لکيل ڪهاڻيءَ ........

**سوال** - ورهاڱي کان اڳ ائبسٽريڪٽ ڪهاڻي موجود نہ هئي. انهيءَ جي شروعات هتي ڪنهن ڪئي؟

**روهڙا** - ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيون، ائبسٽريڪٽ ڪوتائون پئرلل هليون آهن. ۽ ڪنهن حد تائين ناٽڪ بہ. ۽ اهي ادب جون ٽي شاخون آهن، جيڪي نئين پيڙهيءَ سان وابستہ آهن. شايد اهو چوڻ ٺيندو تہ مشڪل تہ ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيءَ لاءِ ڪنهن کي جنم داتا جو شرف ڏجي پر اُن وقت جيڪي بہ رائيٽرس هئا، تن ۾ لعل پشپ سيني کان ائبسٽريڪٽ لڳندو آهي. جينوٽيڪ گهري آئنالسس کان پوءِ اهو ظاهر ٿيڻ لڳو هو تہ اُهي ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيون جيڪي لڳيون پئي، حقيقت ۾، سب ڪانشس مائينڊ جون ڪهاڻيون هيون، نہ ڪي عام طرح جن کي جديد ڪهاڻي چئجي ٿو پر ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيون گهڻي ۾ گهڻيون، يا جن جي شروعات ٽکي ڊِنگ سان ڏسڻ ۾ اَچي ٿي، انهيءَ ۾ لعل جو نالو وٺي سگهجي ٿو.

**سوال** - لعل پنهنجي ڪهاڻين ۾ هڪ ٻيو طريقو بہ اختيار ڪيو هو. اُهو اِهو تہ گرامر کي چينج ڪيائين. جيئن - وينو آهيان آءٌ. اوهان ڇا ٿا سمجهو تہ گرامر کي چينج ڪرڻ سان بہ ڪهاڻي ائبسٽريڪٽ ٿي سگهي ٿي.

**روهڙا** -نہ. هاڻي رواجي طرح سان جيڪو عناصر ڪنهن بہ رچنا کي ڊفائين (Define) ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي. جي اسين اها ڳالهہ مڃي ٿا هلون،

**روھڙا** - نہ، بس اِھو ئي فرق آھي. جتي ھندي فلم بر عکس فلم بڻجي يا پيرلل (Parallel) آرٽ فلم بڻجي وڃڻ ڪانپوءِ، موٽي رومانٽڪ بڻجي رھي آھي، اُتي سنڌي ڪھاڻي، جدت ڇڏڻ ڪانپوءِ پريم ڪھاڻي ڏانھن نہ وڌي رھي آھي. انھيءَ جي بدران ھوءَ انسان جي سموريت ڪي وٺي، وڌي رھي آھي. ڇو تہ جديد ڪھاڻي، ان جي سماجڪ پھلوءَ ڪي پوريءَ طرح نظر انداز ڪري ڇڏيو ھو. جيئن ان ڪان اڳ جي ڪھاڻيءَ ماڻھوءَ جي شخص ڪي نظر انداز ڪري، فقط ھن جي سماجڪ شخص ڪي اُڀاريو ھو. ان جي ابتڙ، جديد ڪھاڻيءَ ان جي سموري سماجڪ سچائيءَ ڪان انڪار ڪيو ھو پر جيڪا ھتي نئين سنڌي ڪھاڻي اچي رھي آھي، اُھا ھڪ طرح سان شخص جي سماجڪ سچاين ڪي قبوليندي، ھن ۾ جيڪي مخصوص سچايون آھن، تن ڪي اُڀارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. اُنھيءَ ڪري نئين سنڌي ڪھاڻي رومانٽڪ ٿيڻ واري ڪانھي.

**سوال** - اوھان نئين ڪھاڻي ڪنھن ٿا چئو ۽ جديد ڪھاڻي ڪنھن ڪي ٿا چئو؟

**روھڙا** - ائين تہ ٽيڪنيڪي ڍنگ سان تہ ڪي خاص فرق ظاھر ڪونھن. جديد ڪھاڻي انھيءَ ڪي چيو ويو ھو، جا ڪھاڻي ھڪ طرح سان رومان واد (Romanticism) جي مخالفت ۾ اُڀري آئي ھئي ۽ نئين ڪھاڻيءَ ڪي جيڪڏھن جديد ڪھاڻيءَ ڪان جدا ڪري بيھارڻو ھجي تہ ائين ڪرڻو پوندو تہ جدت جي عناصر سبب، ڪھاڻيءَ ۾ جيڪا ائبسٽريڪشن (Abstraction) آئي ھئي ۽ ڪھاڻي شخص ڪان پري ٿي وئي ھئي، اُھا جڏھن شخص ڏانھن موٽي رھي آھي تہ اُنھيءَ ڪي نئين ڪھاڻيءَ جو نالو ڏيئي سگھجي ٿو. جيتوڻيڪ اُھي سنڌا اجا ڪي صاف نہ ٿيا آھن. اجا چٽا ليڪا نڪتا ناھن، جنھن ۾ جديد ڪھاڻيءَ ڪي نئين ڪھاڻيءَ ڪان جدا ڪري سگھجي. پر جي اِھو جدا ڪرڻو پوي تہ اِھو ئي ھڪڙو نڪتو ٿي سگھي ٿو.

**سوال** - اوھانجي خيال ۾، اوھان وٽ جديد ڪھاڻي يا نئين ڪھاڻيءَ جي شروعات ڪنھن ڪئي.



**روھڙا** - تاريخي نقطہ نگاھہ ڪان ڪن ڳالھين ڪي ڏسڻ اھا ھڪ ٻي ڳالھہ آھي. جيستائين جديد ڪھاڻيءَ جي عناصرن جو سوال آھي، منھنجي پنھنجي خيال منجھہ، ١٩٤٦ ڪانپوءِ، اھڙيون ڪھاڻيون لکجڻ شروع ٿيون ھيون. جن ۾ جديد ڪھاڻيءَ جا عناصر ھئا. جيئن آسانند مامتورا جي ڪھاڻي 'ڪِڪي' وغيره. جيتوڻيڪ اھا ڪھاڻي سب ڪانشس (Subconscious) يا احساس جي ڪھاڻي ھئي پر ھندوستان ۾ پھچڻ ڪانپوءِ، جنھن ڪي اسين جديد ڪھاڻي چئون ٿا، انھيءَ لاءِ ماڻھن جو اھو خيال آھي تہ شايد آنچل جي 'ڇھاءُ' ڪھاڻي ڪان، اسان ان ڪھاڻيءَ طرف وڌڻ شروع ٿيا آھيون. جيڪا اڳتي ھلي جديد ٿي آھي. جيئن شايد ڪي مڃين ٿا تہ نئين ڪوتا ڪي گوورڌن ڀارتي جي ڪوتا 'سينيٽوريم' سان جوڙي سگھجي ٿو. البت گھڻو رايو اھو آھي تہ اُھا باوجود رومانوادي نہ ھئڻ جي، ڪِن قدرن ڪي ڪٺي آئي آھي ۽ اُھي نئين ڪوتا جا قدر نہ آھن. ساڳي ڳالھہ ڪھاڻيءَ لاءِ بہ چئي سگھجي ٿي. انھيءَ ڪري نئين ڪھاڻيءَ جو جنم داتا ڪير آھي، اِھو چوڻ سچ پچ ڏکيو آھي.

**سوال** - پنھنجي دؤر ۾ آسانند مامتورا ھڪ انقلابي ليکڪ ھو. جنھن نئين انداز جون ڪھاڻيون لکيون. اوھان نئين ڪھاڻي ۽ ائبسٽريڪٽ ڪھاڻيءَ ۾ فرق محسوس ڪريو ٿا ؟

**روھڙا** - ھا. جيئن تہ اسانکي خبر آھي تہ جديد ادب جو جيڪو شروعاتي دور آھي، اھو رومانوادي جي خلاف اُڀريو. پھرين خبر نہ پئي پر پوءِ ڏسڻ ۾ آيو تہ ھڪڙا بہ صاف رخ ھلي رھيا آھن. ھڪڙو رُخ تحت الشور يا (Subconsicious) فرائيڊين ٿاٽ (Freudian thought) ڪي آڌار بڻائي ھليو ٿي ۽ ٻيو اُھو ھو، جنھن ۾ ائڪسپيريمينٽس (Experiments) ڪي وڌيڪ ويليو (Value) ڏني ويئي ۽ آھستي آھستي جيڪا تحت الشعور واري ڌارا ھئي. انھيءَ ڪي جدت ڪان الڳ سمجھيو ويو. ڇو تہ ائين مڃيو ويو تہ جدت جو جيڪو مفھوم ڪڍي ھلجي ٿو اھو انھيءَ سب ڪانش

۾ جيڪا مڇڻ ڪپي تہ ڪانٽينٽ (Content) ۽ فارم (Farm) جو پاڻ ۾ اهڙو رشتو نٿو ٺهي سگهجي، جيئن جسم تي ڪوبہ لباس فِٽ ٿي سگهي. تہ پوءِ ڪنهن بہ رچنا جو جيڪو فارم آهي، اُهو انهيءَ جي ڪانٽينس سان ائين جڙيل ٿئي ٿو، جو انهيءَ ڪري گرامر جو بدلجڻ، سِٽن جو آڏو اُبتو رکجڻ پر اِهو بنياديطرح ائبسٽريڪٽ ناهي ڪڏهن ڪڏهن ڪانٽينس جو دٻاءُ محسوس ڪندي، عام سهج، مڃيل، مقرر ٻولي ڀڃڻ جي ڪيفيت ۾ اَچي تہ اهو سڀاويڪ (فطري) آهي. انهيءَ قسم جو رخ آنند کيماڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ بہ آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. خود هن جي ڪوتائن ۾ بہ. جيڪڏهن آنند جي ڪوتائن 'بيمار پيڙهيءَ' تي اوهان نظر وڌي هجي تہ هن ۾ ڪڏهن سٽون ساڄي کان کاٻي پيون وڃن، ڪڏهن مٿي کان هيٺ پيون اَچن، ڪڏهن گول پيون ڦرن. انهيءَ لاءِ هرويرو ظالم نہ ٿجي يا اِهو نہ چئجي تہ اهو محض فيشن آهي. رائيٽر کي الائونس ڏيندي چئي سگهجي ٿو تہ هو پاڻ سان هڪ جدوجهد ۾ آهي تہ پراڻي فارم کان ڪيئن ڇڏائجي، جو پنهنجي نئين ڳالهہ چئي سگهجي. البت اِهي مختلف فارم يا ٽيڪنيڪي ڊِنگ آهن. جيڪي ڪنٽينٽ کي ائبسٽريڪٽ بڻائيندا آهن.

**سوال** - اوهانکي ڪڏهن آمريڪن، انگلش، فرينچ يا اٽالين ليکڪن جون اهڙيون ڪهاڻيون نظر آيون آهن، جن ۾ گرامر کي چينج ڪري لکيو ويو هجي. يا ڇپائيءَ جي لحاظ کان ڏهہ ڏهہ اسٽار (*) لڳا پيا هجن، ڏهہ ڏهہ ڪوئسچن مارڪس (؟) هجن، ويهہ ويهہ تعجب (!) جون نشانيون ڏنل هجن. سٽن جون سٽون وچ ۾ خالي هجن. انهيءَ ٽيڪنڪ کي بہ اُوهين ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيءَ ۾ شامل ڪندا.

**روهڙا** - نہ، مان شامل نہ ڪيان پر اِئين چئجي تہ اها فقط سنڌين جي دماغ جي پيدائش آهي تہ اهو چوڻ ڏکيو آهي. سنڌي ادب ۾ جيڪڏهن اهو رواج آيو بہ آهي تہ ٻين ٻولين مان، خاص ڪري ويسٽرن لٽريچر جي



ڪپهہ' وشنو ڀاٽيا لکي آهي. سيئي اِها ڳالهہ مڃين ٿا. لعل پوءِ ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن کان علاوه شيام جئسنگهاڻي ۽ آنند کيماڻيءَ بہ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن. ٻيو ڪنهن بہ نہ. انهن ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيءَ کي بہ رڳو نقاد سمجهن ٿا. ستيش، هريش واسواڻيءَ جهڙا. اهڙيون ڪهاڻيون هريش بہ لکيون آهن. مان تہ اِهو بہ چوندس تہ انهن ڪهاڻين کي پڙهڻ وارا، اٽ ڪن رائيٽر هوندا. مون اُنهن ڪهاڻين کي (ڪونج ۾) گهڻو ڇپيو آهي پر پڙهندڙ اهڙيون ڪهاڻيون پڙهن ئي ڪونہ ٿا. مونکي خوشي آهي تہ هريش 'گهنٽي' لکي پڙهندڙن کي ويجهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**سوال** - ڪهاڻين جا اللهي قسم گڏجي ويا آهن. مان اهو ڄاڻڻ چاهيندس تہ ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيءَ کي اوهان سنڌي نالو ڪهڙو ڏيندوَ.

**روهڙا** -جديد (نئين) ڪانسواءِ ڪو ٻيو نالو نٿو ڏيئي سگهجي. البت ڪن دوستن 'اَڪهاڻي' ڇپيو آهي پر اِهو ڪو گهڻو مشهور ڪونہ ٿيو. نہ پڙهندڙن ئي ان کي پسند ڪيو.

**سوال** - اَڪهاڻي معنيٰ ڪهاڻي نہ. جڏهن اِها ڪهاڻي ناهي تہ پوءِ ڇا آهي.

**روهڙا** - نہ. اَڪهاڻي هتي صفت ناهي. اَڪهاڻي هتي اسم آهي.

اَڪهاڻيءَ جو هتي مطلب نڪري ٿو هڪ قسم جي ڪهاڻي. يعني جهڙيون ڪهاڻيون پهرين هيون، هيءَ اهڙي قسم جي ڪهاڻي ڪانهي.

**سوال** - لکندڙ پنهنجي خواهش تي لکي ٿو پر ڇپائي هو پڙهندڙن لاءِ ٿو. اُها ائبسٽريڪٽ ڪهاڻي يا اَئبسٽريڪٽ شاعري، جيڪا اوهانجي چوڻ مطابق پڙهندڙن کي بہ پسند نہ آئي تہ اُنهيءَ کي اڇا فالو ڇو ٻيو ڪجي ۽ ڪنهن جي لاءِ پئي لکجي.

**روهڙا** - جيئن مون چيو تہ فالو اپ گهٽجڻ شروع ٿيو آهي سوال جو پهريون حصو وڏيڪ وزن وارو آهي. پنهنجي خواهش تي لکڻ، اهو صحيح آهي.

وسيلي آيو آهي. مثال طور آنند جي ڪهاڻي ڪتاب ۾ ’ايڪهين صدي جي ڪهاڻي‘ نالي سان هڪ ڪهاڻي آهي. ان ۾ ڪجهه به لکيل ڪونهي. سڄو صفحو خالي آهي پر مونکي اهو به ياد آهي ته هيءُ ته فقط هڪڙو پيج آهي؛ نيويارڪ ۾ هڪڙو ٻن ٽن سؤ صفحن جو ڪتاب شايع ٿيو هو، جنهنجو نالو هو Nothing ۽ انهيءَ جي اندر هڪ لفظ به ڇپيل ڪونه هو. تنهن ڪري هن دؤر ۾ اهڙا تجربا ته ٿيندا ئي. جيئن وقت گذرندو آهي، ته آهستي آهستي اُها پنهنجو پاڻ ڇڱهه وٺي ويندي آهي، ۽ انهيءَ جا جيڪي اصلي عناصر آهن، اُهي پنهنجو پاڻ ۾ اُڀري بيهندا آهن.

**سوال** - اَهڙي انداز سان لکڻ، جيئن پيجن جا پيج خالي ڇڏڻ.
اِها فقط پبلسٽي حاصل ڪرڻ لاءِ شعوري ڪوشش ڪانهي؟

**روهڙا** - بلڪل شعوري ڪوشش آهي. انهيءَ شعوري ڪوشش ۾ شايد اِها ڳالهه به شامل ڪري سگهجي ٿي، ته هو پڙهندڙ کي هڪ وڏو جهٽڪو ڏيڻ چاهي ٿو، ته هيل تائين توهان جيڪو پڙهندو رهيو آهين، اُهو بنيادي طرح سان پڙهڻ جهڙو هو ئي ڪونه. ۽ انهيءَ لاءِ هو آهستگيءَ جي بدران اَهڙي قسم جو اظهار ڪرڻ گهري ٿو جيڪو ڇرڪائي ۽ شايد انهيءَ جو ڪو Positive aspect آهي ته اُهي ڇرڪن ۽ پراڻي جي بدران نئين ڏانهن مڙن. ٻي حالت ۾ اُنهيءَ رچنا (تخليق) ۾ ڪا ٻي اَدبي قوت نظر نٿي اچي، جنهن جي ڪري داد ڏجي.

**سوال** - هتي جي پڙهندڙن انهيءَ کي قبول ڪيو. پسند ڪيو؟

**روهڙا** - نه. انهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي ته اسين گهڻي وقت کان اِهو چوندا اَچون ٿا ته ادب سماج جو آئينو آهي. خبر نه اهو سچ به آهي يا نه. انهيءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي. بهرحال، ادب سماج جو آئينو ته ٿي سگهي ٿو پر جڏهن اَسين اِهو چئون ٿا ته ادب سماج جو رهبر آهي، ته شايد اِهو چوڻ غلط آهي. هڪ ته ادب پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ آهي ۽ جن جو تعداد سماج ۾ پندرهن ويهه سيڪڙو آهن. انهن مان به ادب پڙهڻ وارا ڳاڻ ڳڻيا هجن ته



اُهو ادب، ڪنهن به سماج جو رهبر ته ٿي نٿو سگهي. البت وڏيڪ حساس شخص هئڻ ڪري، اديب سماج جو آئينو بڻجي سگهي ٿو پر جنهن ادب جو ذڪر اوهان ڪيو، اِهو سماج جو آئينو ناهي، تنهنڪري هن پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ايترو نه ڇڪيو، جيڪي محض تجربا هئا. جنهن کي Post modern literature ٿا چئون. انهيءَ جي اَچڻ جو ڪارڻ به اِهو آهي، جيڪو محض تجربو لڳو. جنهن کي فيشن ڪري سمجهيو ويو آهي، بهرحال اُهي پئرا ڏيري ڏيري پنهنجي جڳهه ٺاهي رهيا آهن.

**سوال** - هميشه ائين ٿيندو آهي ته ليکڪ اُها ئي زبان لکندو آهي، جيڪا روز مره ۾ هو استعمال ڪندو آهي. البت ڪنهن خاص ڪريڪٽر جي لحاظ کان ٻولي ڇينج ٿيندي آهي پر مون ڏٺو آهي ته هِتي جو ليکڪ جڏهن ڳالهائي ٿو ته هو گهڻا هندي لفظ ڪم ڪونه ٿو آڻي پر جڏهن هو لکي ٿو - شعر ڪهاڻيون يا مضمون ته انهن لکڻين ۾ هندي لفظ تمام گهڻا هوندا آهن.

**روهڙا** -هتي جي ليکڪ جي هندي ادب سان تمام گهڻي ويجهڙائپ آهي، واسطيداري آهي. اِهو هڪ تاريخي سچ آهي ته هندوستان ۾ هر پڙهيل سنڌي هڪ طرح سان ٻه زبانون ڳالهائيندڙ آهي ۽ اِها ٻي زبان روٽي روزيءَ يا تعليم جي‌حوالي سان هندي زبان آهي. انهيءَ ڪري هتان جي نئين پيڙهيءَ جو هنديءَ سان تمام گهڻو واسطو آهي. انهيءَ ڪري هندي ادب جو ۽ انهيءَ سان واسطو رکندڙ ٻيون جيڪي ٻوليون آهن، جن تي خود هنديءَ جو اثر آهي، جيئن مراهٽي، گجراتي، اُنهن جو ادب تي گهڻو اثر آهي. تنهنڪري هو جڏهن لکن ٿا ته انهن تي هنديءَ جو اثر نمايان ٿي ٿو پوي.

**موٽواڻي** - مان ستيش جي علمي ادبي لياقت جو قائل آهيان پر ستيش اڳيان چئي آيو آهي ته لعل پشپ پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن ائبسٽريڪٽ ڪهاڻي لکي. بهتر ٿئي ها جو پاڻ هنجو مثال ڏئي هان. ڇو ته منهنجي خيال ۾ سنڌيءَ ۾ پهرين ائبسٽريڪٽ ڪهاڻي ’ريشمي

ڇپائڻ جو مفهوم بہ صحيح آهي تہ - ٻي لاءِ. پر ادب سان هڪ ٻي ڳالهہ بہ لاڳو آهي، اُهو آهي Qualified reader سڄاڳ پڙهندڙ قابل پڙهندڙ اهو ڪنهن مخصوص پڙهندڙ لاءِ ڇپي سگهجي ٿو. اهو مخصوص پڙهندڙ اڄ موجود هجي، يا اڄ کان پنجاهہ سال پوءِ موجود ٿيڻو هجي. اهڙيون لکڻيون هو انهيءَ لاءِ ئي ڇپائي ٿو. پر اهڙو ادب لکجڻ هاڻ گھٽجي پيو. پر فقط انهيءَ ڪري نہ تہ پڙهندڙ گھٽجي ويا آهن، پر انهيءَ احساس تحت تہ ڪي عناصر فقط نواڻ جي نالي ۾ اَچي ويا آهن. تنهنڪري اُهي عناصر پنهنجي جڳهہ ڇڏي ويا آهن.

**ناگپال** - مون ويجهڙائيءَ ۾ هڪڙو ليک لکيو هو تہ جيئن هتي ڪي ڪلاس هلندڙ آهن .How to enjoy classical music اَهڙيءَ طرح سان اسان وٽ ڪن جاڳُن جا، جيئن هريش واسواڻي ٿيو، سائين ستيش ٿيو. اَهڙن ٽن چئن جاڳُن جا بمبئي، دهلي يا ٻين ڪن شهرن ۾ ليڪچر ڪلاس رکجن تہ How to enjoy new poetry and new story اَکهاڻي يا اينٽي کهاڻي، جيڪو ڪجهہ چئون ٿا، اُها ڪيئن اينجاءِ ڪجي. يا تہ انهن تي ليک لکجن، ڪتاب لکڻ گهرجن. منهنجي تہ اِها صلاح آهي.

**سوال** - اوهانجي جيڪا نئين ڪوتا اَشاعري آهي. خود اسان وٽ بہ ٿيندڙ اَهڙي شاعري پڙهندڙن کي سمجهہ ۾ نٿي اَچي. جيڪا سمجهہ ۾ نٿي اَچي، اُنهيءَ لاءِ وري اهو چوڻ تہ اُها سؤ سالن کان پوءِ پڙهندڙن کي سمجهہ ۾ ايندي. اِهو ڪيتري حد تائين درست آهي.

**روهڙا** - ڪوبہ گنڀير نقاد، پراڻن اديبن جي انهيءَ طنز جي حوالي سان نہ ڏسندو. شڪايت واجب هوندي بہ، ادبي حوالي سان واجب ناهي. جيڪڏهن ڪلاسيڪل ميوزڪ ٻڌندڙن مان گهڻا اِهو چون تہ اسانکي سمجهہ ۾ نٿي اچي. تنهنڪري ڪلاسيڪل ميوزڪ کا طنز جي شيءِ نہ ٿي ويندي. ساڳيءَ طرح سان جيڪڏهن ڪلاسيڪل ڊانس جون مُدرائون، اشارا يا اهڙي ڪنهن قسم جي چترڪاري جا ڪي رنگ، ڪنهن عام ماڻهوءَ کي پسند نٿا



# ستيش روهڙا

## رام جواهراڻي

ڪنهن بہ جاتيءَ جي عزت ۽ عظمت اُن جي علم جي ذخيري ۽ ثقافت ۾ پنهان رهي ٿي. تاريخ جي ورقن ۾ ڪن شخصن جو بهادريءَ جي ڪارنامن ۽ جنگين سان بول بالا هوندو آهي تہ ڪي وري سموري دنيا فتح ڪرڻ تي فخر ونن ٿا.

اَسان جو، سنڌي جاتيءَ جو وَجود، پراچين سيپتا ۽ اعليٰ درجي واري اَدبي سرمايي ۾ سمايل آهي. اهو سمورو خزانو محفوظ رکڻ لاءِ ١٩٦٤ع ۾ سنڌ يونيورسٽي طرفان ڄامشورو ڪيمپس اندر اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو بنياد وڌو ويو!

ساڳيءَ راهہ تي هلندي ٩٠ واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ سندس ساٿين ملي ڪري ڀارت ۾ ’اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‘ جي اِستاپنا ڪئي. تہ اَچ اسين ملون ٿا

ڊاڪٽر ستيش روهڙا سان ....

---

رام جواهراڻي سهيوگ فائونڊيشن جو برپا ڪندڙ ۽ چيئرمن آهي. هو ٻين بہ ڪيترين سنسٿائن سان جڙيل آهي. دوردرشن جي ٽي. وي. چئنل لاءِ هن ڪن مکيہ سنڌي شخصن جا انٽرويو ورتا هئا. منهنجو اِنٽرويو بہ ان جي هڪ ڪڙي آهي.

اچن تہ اهو مثال پيش نٿو ڪري سگهجي تہ ڪلاسيڪل ڊانس يا اُها چترڪاري ڪرڻ اجائي آهي. اديب لاءِ هڪ اهم ڳالهہ اِها آهي تہ هو پنهنجي خواهش تي، پاڻڪي اظهارڻ لاءِ، جيڪو اندر ۾ دٻاءُ محسوس ڪري ٿو، انهيءَ ڪري لکي ٿو. ۽ ٻيو اِهو تہ هنڪي پڙهڻ وارا قابل پڙهندڙ ڪٿي گهٽ نہ هوندا، پنج يا ڏهہ تہ هوندا. ۽ جيستائين ڪوتا جو حوالو آهي، اُتي نہ سمجهڻ، لفظ ڪافي ڪروڊ (Crude) آهي. سچ تہ اهو آهي تہ ڪوتا ڪا اَهڙي شيءِ ناهي جو سندس هر تڪر جي، هر لغت ۾ معنيٰ موجود هجڻ گهرجي. جي ائين ڪبو تہ پوءِ ميوزڪ کي ڇا سمجهبو آهي. ڪو هڪ راڳ ٻڌي انهيءَ جي معنيٰ کي تہ سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪبي آهي. من ۾ ڪا خوشي، من ۾ ڪو احساس محسوس ڪبو آهي. ڪا ڪوتا پڙهي من ۾ جيڪڏهن ڪي احساس اُڀري ٿا اَچن تہ ڇا هن جي هر تڪر مان معنيٰ ڳولهجي.

**سوال** - ڪلاسيڪل ميوزڪ صدين کان هلندي پئي اَچي يعني پراڻي آهي. اڄ جي نئين ٿهيءَ انهيءَ کي پوري طرح نٿي سمجهي. انهيءَ ڪري مزو نٿي ماڻي سگهي. پر نئين ڪهاڻي يا نئين شاعريءَ مان تہ نئين ٿهيءَ کي اهو ئي مزو ونڻ گهرجي، جيڪو ڪلاسيڪل ميوزڪ جي بدران کيس پاپ سانگس يا بريڪ ڊانس مان ٿو اَچي.

**روهڙا** - ائين آهي. ڇو تہ نئين ٿهيءَ کي پراڻو ادب تہ ڪنهن بہ حالت ۾ نٿو وڻي. اِنهيءَ جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ هندوستان ۾ جيڪا پراڻي پيڙهي آئي، انهيءَ ۾ شايد هرهڪ شاهہ جو رسالو پڙهندو هجي. جيڪڏهن نہ بہ پڙهندو هوندو، تہ گهر ۾ رکيل ضرور هوندو. پر اڄ جي پيڙهيءَ جي اڳيان شاهہ جو رسالو آڻيو تہ نہ اُها پڙهڻ لاءِ تيار هوندي، نہ سمجهي سگهندي. جيستائين پسندگيءَ جي ڳالهہ آهي تہ نئين پيڙهيءَ جو رخ نئين ادب ڏانهن ئي ويندو.

**سوال** - اسان وٽ اڄ بہ نسيم کرل، آغا سليم، اَمر جليل، غلام نبي مغل، ماهتاب محبوب، عبدالقادر جوڻيجو، علي بابا ۽ نورالهدي شاهہ مشهور ۽



مقبول ڪهاڻيڪار آهن. انهن مان نورالهديءَ شاهہ کي ڇڏي جنهن ڪجهہ ابسٽريڪٽ ڪهاڻيون لکيون آهن، ڪنهن هڪ ابسٽريڪٽ ڪهاڻي نہ لکي آهي. اڄ بہ وڏا ڪهاڻيڪار اهي ئي ليکجن ٿا. لعل پشپ جي ائبسٽريڪٽ ڪهاڻين کانپوءِ، اسان وٽ سنڌ ۾ بہ ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيون لکيون ويون. خاص ڪري مشتاق شوري، شوڪت شوري ۽ ڪن ٻين اهڙيون ڪهاڻيون لکيون. مشتاق جو هڪڙو ڪهاڻي ڪتاب ڇپيو ۽ پوءِ هو غائب ٿي ويو. هاڻ مشتاق جي ڪهاڻين جا ڪو نالا شايد ٻڌائي وجي، پر ڪهاڻين ۾ ڇا هو، اهو نہ ٻڌائي سگهندو. پر نسيم، آغا يا جليل جي ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جو نالو کڻو، يڪدم پوري ڪهاڻي ذهن ۾ اچي ويندي. اڄ بہ سنڌ ۾ موهن ڪلپنا ۽ ايشور چندر جون ڪهاڻيون مشهور ۽ مقبول آهن پر اوهانجي ائبسٽريڪٽ ڪهاڻيون لکندڙن کي سنڌ ۾ ڪو سڃاڻي بہ ڪونہ ٿو. انهيءَ مان اهو ظاهر ڪونهي تہ اڄ جو پڙهندڙن اهڙيون ڪهاڻيون پسند نٿو ڪري.

**روهڙا** - انهيءَ راءِ کي شايد تڪڙي راءِ چئي سگهجي ٿو. هنديءَ ۾ شايد اڄ بہ منشي پريمچند، ڪرشن چندر يا اوپندر ناٿ اشڪ جا پڙهندڙ گهڻا ئي ٿي سگهن ٿا پر جيڪڏهن توهانکي ڏسڻ جو موقعو مليو هجي، تہ ماڻهن پريمچند جي سچي ادب تي سوال جي نشاني هڻڻ شروع ڪئي آهي. اِها ڳالهہ سچ آهي تہ جيڪو آسان آهي، جنهن کي پڙهڻ لاءِ گهٽ سوچ کي استعمال ڪرڻو ٿو پوي. اُهو آسانيءَ سان ياد رهي ٿو. ۽ پڙهندڙ انهيءَ کي پڙهن بہ ٿا. پر جيڪي گهري سوچ واريون لکڻيون آهن، بلاشڪ اُهي مشڪل سان سمجهہ ۾ اَچن ٿيون. ۽ ادب ۾ اهي مشڪلاتون تہ رهنديون.

اوهان جيڪو سنڌ جي ادب جو مثال ڏنو آهي. بدقسمتيءَ سان مون سنڌ جو گهڻو ادب پڙهيو ناهي پر جيڪو پڙهيو اٿم، ان مان مونکي ۽ ڪن ٻين نقادن کي بہ اهو شدت سان احساس ٿيندو آهي تہ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ سنڌي ادب اڄ بہ، انهيءَ جو تمام وڏو حصو اُتي بيٺو آهي. جتي چاليهہ سال پهرين هو. انهيءَ ڪري اُتي اُهي اديب اڃا مشهور ۽ مقبول آهن.

**جوهراڻي** - سائين! توهان سنڌ جي ڪهڙي حصي سان وابستہ آهيو؟

**ستيش** - مان دادوءَ ۾ جنميو آهيان. دادو، لاڙڪاڻي جي بلڪل پرسان وارو حصو آهي. لاڙڪاڻہ ۾ آهي ڏوڪري. ڏوڪريءَ جي پرسان آهي اَسان جي ورثي جي عاليشان اِتهاس جو ثبوت ’موهن جو دڙو‘. جي. ايم. سيد جو ’سن‘ ڳوٺ بہ دادو ضلعي ۾ اَچي ٿو. ڪنهن وقت سنڌ جي تمام وڏي آندولن ۾ دادوءَ جي وڏي ڀومڪا رهي آهي.

**جوهراڻي** - ’موهن جو دڙو‘ جو ذڪر نڪتو آهي؛ تہ ڪي اُن کي ’مُئن جو دڙو‘ يعني ’مئلن جو دڙو‘ بہ چون ٿا. در اصل اُن جو صحيح نالو ڇا آهي؟

**ستيش** - رام! ڪڏهن ڪڏهن اِئين ٿئي ٿو تہ اتهاس ڪنهن تنگ نظر يا تنگ سوچ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. جان مارشل، جنهن موهن جي دڙو جي کوٽائي ڪئي، تنهن ان لاءِ انگريزيءَ ۾ صاف ’موهن جو دڙو‘ لکيو. جڏهن هندوستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ ٻارهن تيرهن لک هندو سنڌ ڇڏي هندوستان اَچي پهتا، تہ اُتي ٻاقي رهيل ماڻهن کي ’موهن‘ لفظ غير اِسلامي لڳڻ لڳو. انهيءَ ڪري هنن ان کي ’موهن‘ بدران ’مُئن‘ چوڻ صحيح سمجهيو؛ جنهن مان هنن ’مئلن جو دڙو‘ واري معنيٰ ڪڍي.

**جوهراڻي** - ان نموني ۽ اَهڙي سوچ سان تہ سڀ دڙا مئن جا دڙا چئبا؟

**ستيش** - پر اُنهن ۾ هڪڙو فرق آهي. جيئن ’ڪاهوءَ جو دڙو‘ آهي. اُتي پرسان ڪاهوءَ جو ڳوٺ آهي. ’لوٿل جو دڙو‘، جي پر ۾ ’لوٿل‘ ڳوٺ آهي. اُنهيءَ ڪري آس پاس جي ايريا جي‌نالي سان دڙي تي نالو پئجي وڃي ٿو.

اُنهيءَ ڪري سنڌ ۾ بہ وڏي هلچل هلي تہ ’موهن جو دڙو‘ کي ’مُئلن جو دڙو‘ چوڻ غلط ٿيندو. پوءِ اِهو ڌيان ۾ آيو تہ جتي موهن جو دڙو آهي، اُتي پرسان ’موهن‘ نالي هڪ مهاڻن جي جاتي رهندي هئي، اها موهن جاتي هئي جنهن جي آڌار تي جان مارشل اُن کي ’موهن جو دڙو‘ ڪري قبول ڪيو ۽ لکيو. سنو ٿيندو تہ اَسين اِتهاس ۾ ڪنهن بہ بيان ڪيل شيءِ کي هرويرو پنهنجي نظريي سان ڦيرائي گهيرائي لکڻ، چوڻ يا محسوس ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريون؛ ڇو تہ اها اِتهاس سان هٿ چراند ٿيندي!



**ستيش** - بلڪل نہ! رشتو ٽي نہ رهيو آهي! مون ١٩٨٩ ۾ رٽائر ڪيو ۽ ١٩٩٠ ۾ لکمي کلاڻي ۽ پريتم ورياڻيءَ سان گڏجي اِنڊين‌اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پيڙه وڌي. ١٩٩٠ کان وٺي اَڄ تائين مان سنڌالاجي، سنڌي ڀاشا، سنڌي اَدب سان ئي جڙيل آهيان!

**جوهراڻي** - اَڄ جي دور ۾ سنڌي ساهت جو ڪهڙو حال آهي؟

**ستيش** - شايد مان ٿورڙو نراشاوادي ويچار سان ڳالهہ شروع ڪريان.

سنڌيءَ جي هڪ تمام وڏي شاعر نارايڻ شيام چيو آهي:

اَلا! اِئين م ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي

تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

اها دانهن رڳو نارائڻ شيام جي وات مان نہ نڪتي؛ ان دانهن اسان کي ڊيڄاري ڇڏيو! جيڪو بہ ذهين طبقو هئو تنهن کي اِئين محسوس ٿيڻ لڳو تہ شايد اَهڙو ڏينهن اَچي پهچي جڏهن سنڌي ڀاشا، صرف اِتهاس جو پنو بڻجي وڃي ۽ اُن جو ڪو وجود ئي نہ رهي!

**جوهراڻي** - اِهو چيو ويندو آهي تہ ڪا بہ ٻولي نہ تڪڙي نهندي آهي ۽ نہ ان جو وجود ايترو تڪڙو ختم ٿي سگهندو آهي! اُن کي هزارين سال لڳندا آهن! اَسان جي سنڌي ٻولي بہ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ واري ٻولي آهي، جنهن ۾ اُنهن جو ڀرپور خزانو آهي! اها سرمائيدار ٻولي ڪيئن ٿي ختم ٿي سگهي! اُن جو ڊپ ۽ ڀرم اَسان جي اَديبن کي ڇو ٿيو آهي؟

**ستيش** - اُن ڊپ ۽ ڀرم جا اُهڃاڻ ظاهر ٿيا آهن! اُهڃاڻ اِهي آهن. هڪڙو تہ اسان جي ٻارن سنڌي پڙهڻ کا خاص اَهم ڳالهہ نہ سمجهي. هنن سمجهيو تہ اهو بارُ آهي! اَسين ٽڙي پکڙي ويا‌سين سموري هندستان ۾. تمام ٿورن هنڌن تي سنڌي چڱي تعداد ۾ آهن؛ جتي سنڌي اِسڪول آهن ۽ سنڌي پاڙهي ٿي وڃي پر تمام گهڻن هنڌن تي سنڌي پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جو ڪو بہ بندوبست ڪونهي!

هندوستان ۾ ڀاشا وار پرانتن جي رچنا آهي. ان ڪري سنڌي ڪنهن پرانت جي سرڪاري ٻولي ڪانهي. تنهن ڪري سرڪار جي ڪنهن بہ

**جوهراڻي** - ڇا آزاديءَ جي تحرڪ ۾ توهان ڪي ڪڏهن ڀرو وٺڻ جو موقعو مليو؟

**ستيش** - اِن سوال جو شايد مان ڀئي نموني جواب ڏيان. اُن وقت يعني ١٩۴٢ع ۾ منهنجي عمر ٻارهن تيرهن سال هئي. اُڏو ريلواڙي، جيڪو ڪنهن وقت الُهاسنگر ۾ رهندو هو؛ اُهو منهنجو ڪلاس ڀائي هئو. ڪنهن وقت پرچي وديارٿيءَ سان بہ دادو ڳوٺ ۾ گڏجڻ ٿيو هو. هوُ زير زمين هو ۽ تنهن وقت دادوءَ ۾ اَچي پهتو هو. اَسان جي هلچل سان وابستگي، وڃڻ يا ڦٽڪن کائڻ واري نہ هئي پر مون کي هڪ ڳالهڙي ياد آهي اُتي ملٽريءَ جي Recruitment ڪرڻ لاءِ هڪڙو آفيسر آيل هئو. مان جڏهن پنهنجي پاءُ جي دوڪان تي ويٺو هوس تہ اُن مون کان اَچي ملٽري Join ڪرڻ لاءِ پڇيو.

**جوهراڻي** - اهو شايد ان ڪري جو هن ڏٺو تہ توهين بانڪا جوان آهيو ۽ ملٽري ۾ نوڪري ڪرڻ جي قابل آهيو!

**ستيش** - منهنجي اَندر ايڏي تہ ڪاوڙ پريل هئي ۽ مون ايڏو تہ غصي ۽ ڪاوڙ مان جواب ڏنو جو هن جي هٿ ۾ جيڪو بيد جو لڪڻ هو، اُهو لوڏيندي مونکي ڌمڪائڻ لڳو. اُن ڌمڪائڻ جو مون تي ايترو ڪاوڙ پريو اَثر ٿيو جو مون پنهنجي پاءُ جي هڪڙي دوست کي وڃي سموري قصي جي شڪايت ڪئي. هو آيو ۽ جتي اُهو آفيسر ويٺو هئو اُتي وڃي پَرُ ڪري ڪيس چماٽ هنيائين. اُن جو ايڏو تہ زوردار اثر ٿيو جو هوُ تمام وڏو آفيسر هوندي بہ اُن چماٽ کان پوءِ بلڪل گهبرائڻ لڳو. شهر جا ماڻهو بہ اِئين اَچي ويا ڄڻ ڪنهن چريي جي پنيان لڳا هجن.

آخر اَسان جا سڀ ماڻهو ڪليڪٽر تائين وڃي پهتا ۽ ڪيس شڪايت ڪياسون تہ هيءُ ماڻهو شهر ۾ بيحد بيهوُدي نموني هلي رهيو آهي. پوءِ جلد ئي ڪليڪٽر اُن کي دادوءَ مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي.

مان نٿو سمجهان تہ مون ڪو آزاديءَ جي هلچل ۾ سڌو ڀرو ورتو. مان نہ ڪو جيل ويس ۽ نہ ئي ڦٽڪا کاڌم پر مان پنهنجي اندر واري کان پڇان ٿو تہ مونکي اُهو واقعو اُن آزاديءَ جي آندولن جي ڀاونا سان جڙيل ٿو



لڳي. دادوءَ ۾ رهندڙ ٻہ دوست هئا جن جو منهنجي زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر رهيو آهي. هڪڙو آهي اَمر لال ساڌواڻي ۽ ٻيو لوڪرام هيمراجاڻي، اُن وقت اَمر لال ساڌواڻي ’اَيپاس ڪلاس‘ هلائيندو هو. سملا سمجهوتو ٿيو هو اُن تي جيڪي بحث مباحثا ٿيندا هئا اُنهن ۾ مان ڀرو وٺندو هوس ۽ ١٩۴٢ع کان مون کاڌي بہ پائڻ شروع ڪئي! ١٩۴٢ کان مان ويشنو پڻ ٿيس!

**جوهراڻي** - اُن مهل توهان جي ٻارهن تيرهن سال عمر هئي. تڏهن کان توهان جو کاڌيءَ جي پوشاڪ طرف لاڙو ٿيو. مطلب تہ توهين ڪانگريسي ويچار ڌارا سان سهمت ٿيا؟

**روهڙا** - اهو هڪ قسم جو جذبو هئو تہ هن ديش کي ڪ' اَهڙي ضرورت آهي، جيڪا موجوده نظام مان پوري نہ ٿيندي! مان ڪانگريسي تہ ڪونہ هوس پر قومي لاڙو هئو ۽ ١٩۴٢ع کان مون کاڌي پائڻ شروع ڪئي ۽ اڄا تائين کاڌي پائيندو آهيان.

**جوهراڻي** - اهو تہ توهان جو شخصي فيصلو هو!

**ستيش** - شخصي فيصلو اهو هئو تہ اهي سڀ ڳالهيون ڪرڻ کپن جن سان زندگي سادي ۽ بهتر ٿئي. اُن سال ئي مون هندي سکي. تڏهن کان وٺي مان هنديءَ جو شائق آهيان ۽ مان هنديءَ جو پروفيسر بہ ٿي رهيو آهيان.

**جوهراڻي** - توهان در اصل هنديءَ جي ساهتيہ ۾ وڏي رُچي ورتي آهي ۽ ڀاشا وگيان جا پڻ ڄاڻو آهيو پوءِ اَچانڪ اوهان کي سنڌي ادب جو خيال ڪيئن آيو؟

**ستيش** - مان جڏهن بنارس هندو وشو ديااليہ ۾ هنديءَ ڀاشا وگيان پاڙهيندو هوس تہ اَسان جي ڊپارٽمينٽ سان لڳو لڳ هڪ ’Institute of Indology‘ هوندو هو مان اُن انسٽيٽيوٽ ۾ بہ جن جاتييہ ڀاشائن بابت پاڙهيندو هوس. اُن انسٽيٽيوٽ کي ڏسي مون اُن وقت ئي پرڻ ڪيو هئو تہ جيئن ئي مان هنديءَ کان واندو ٿيندس تيئن ءَ پهريون ڪم ڪندس ’اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‘ قائم ڪرڻ جو.

**جوهراڻي** - اَدب يا ساهتيہ جي رُچيءَ کان تہ واندو ٿيڻ مشڪل آهي. بهرحال هندي ساهتيہ سان شايد هاڻي توهان جو دور جو رشتو آهي يا اڄا بہ اُنهن سان جڙيل آهيو؟

ڪم ڪار ۾ استعمال نٿي ٿئي ۽ ڪا بہ Locality هندوستان ۾ ڪو جنهن ڪي پوريءَ طرح سان سنڌي چئي سگهجي ۽ جتي هر ماڻهو سنڌيءَ ۾ ڳالهائي. ان ڪري ٻاهر سنڌيءَ جو واهپو گهٽجي ويو آهي!

**جوهراڻي** - عام طور عورتن کي ٻوليءَ جو خالق چيو ويندو آهي! انُهن کي انُ جو سنڀاليندڙ ۽ محافظ ڪري ليکيو ويندو آهي. اهُي ماتائون، جيڪي سنڌيءَ جون سرجڻهار هيون؛ اهُي اَڄ ڪٿي آهن؟ اهُي ڇو نہ ٿيو ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکارين يا سنڌيءَ ۾ ڳالهائين؟

**ستيش** - اَسين ٻوليءَ بابت هڪڙي ڳالهہ ڄاڻندا آهيون. اهُا اِها تہ ٻولي هڪڙو ساڌن آهي. ٻولي هڪڙو وسيلو آهي. پنهنجو پاڻ ۾ اهُو ڪو مقصد نہ آهي. ٻولي ٻين مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي ڪم اَچي ٿي. ان ڪري ٻولي هڪ قسم جو اوزار آهي. اهو اوزار جيترو تکو، مضبوط ۽ ڪارائتو هوندو، اوترو انُ جو وڌيڪ استعمال ٿيندو! اَنگريزيءَ جي وڌندڙ استعمال جو ڪارڻ اهو آهي تہ انُ دوارا گهڻا ڪارج سِڌ ٿي سگهن ٿا؛ جيڪي سنڌيءَ دواران نٿا ٿين. ٻيو تہ اَنگريزي اسڪولن ۽ اَنگريزي پاڙهيندڙ ماسترن، مائٽن جي دل ۾ هڪڙو وهم پيدا ڪيو آهي تہ جيڪڏهن توهين ٻار سان گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندا تہ اهُو انگريزيءَ ۾ ڪچو ٿي پوندو! انُ وهم سبب جنهن کي بہ ڳالهائڻ جو وجهہ مليو ٿي سو سنڌي نہ ڳالهائي، انگريزي يا هندي ڳالهائڻ لڳو!

**جوهراڻي** - توهان جي سنڌالاجي اِنسٽيٽيوٽ ۾ بہ اِسڪول هلندڙ آهن. انهن تعليمي اِدارن ۾ توهين سنڌي وِرثي جي واڌاري لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيو؟

**ستيش** - اَسان سنڌالاجيءَ ۾ اِسڪول کوليو ئي رڳو اِن ڪري جو اَسان محسوس ڪيو تہ جيستائين سنڌي ٻوليءَ کي ڪنهن رسمي تعليم Formal Education ۾ نہ وجهبو تيستائين سنڌي ٻوليءَ کي اَسين اڳتي وٺي وڃي نہ سگهنداسين! اهُا رڳو ڳالهائڻ جي ٻولي رهجي ويندي. انُ جا پڙهندڙ ۽ لکندڙ پيدا نہ ٿيندا! جيڪڏهن پڙهندڙ ۽ لکندڙ پيدا نہ



شروع ڪرائبو آهي. اَڄ اسان وٽ سنڌي لپيءَ دواران سنڌي پڙهي سنڌي ساهتيہ تي ٻار پهچي ۽ ان کان پوءِ هوُ سنسڪرتيءَ سان جُڙي اهو رستو لڳ ڀڳ بند ٿي رهيو آهي. ان ڪري سنڌي سنسڪرتيءَ سان جُڙڻ لاءِ ان کي ابُتو ڪريون ۽

From vocal culture to culture, from culture to language and then to literature!

ووڪل ڪلچر معنيٰ 'سنگيت' 'ناٽڪ'، 'نرتيہ'، 'زباني ڪهاڻيون' وغيره. انُهيءَ طرف ٻارن کي وٺي اَچو. اهُي اَچا بہ اهُي ڳالهيون پسند ڪن ٿا. ٻار اَچا بہ سنڌي گيت ڳائڻ شروع ڪن ٿا. سنڌي ناٽڪن ۾ پارٽ وٺن ٿا. جيئن ئي اتُي اَچن، تيئن انُهن کي سنڌي ڪلچر جي چاڻ ڏيو. هڪ دفعو ٻار کي ڪلچر سان محبت پيدا ٿي تہ پاڻ هي ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪندو، ۽ ٻولي سکندو تہ پاڻ هي اَدب ڏانهن وک وڌائيندو. ائين ڪلچر جي 'By-Pass Surgery' ڪريون.

**جوهراڻي** - گهٽين ئي سنسٺائن سالن کان وٺي؛ لڳ ڀڳ اَڌ صديءَ کان اهُي ڪوششون تہ ٿِئي ڪيون آهن! توهين ڇا ٿاسمجهو تہ اَسين ڪيتري قدر ڪامياب ٿيا آهيون؟

**ستيش** - ها! مان سمجهان ٿو تہ هينئر اَسان وٽ هڪ ئي وقت ٻن قسمن جون ڌارائون هلي رهيون آهن! هڪڙي ڌارا آهي تہ سنڌي ڀاشا جو Active Use يا ڀرپور استعمال ڏيري ڏيري گهٽجندو ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. ٻئي طرف سنڌي ڀاشا، سنڌي سنسڪرتيءَ جا ڪي Roots ڄاڻڻ لاءِ چاهہ نئين سِر پيدا ٿي رهيو آهي. رڳو هندوستان ۾ نہ! هندوستان کان ٻاهر ان کان بہ وڌيڪ ! اڄ سڄي دنيا ۾ پنهنجن Roots جي تلاش ڪرڻ، جي هڪڙي ڌارا وهي رهي آهي، جنهن کي Ethnic Awareness جاتيءَ جي جاڳرتا چئون ٿا. جڏهن ٻيون جاتيون اتُي پاڻ کي چون ٿيون تہ اَسين Irish آهيون، اَسين Scotish آهيون؛ تہ سنڌي پاڻ کي موڳو موڳو ٿو محسوس ڪري ! ان ڪري هوُ چوي ٿو تہ 'مان سنڌي آهيان'. اِن طرح سنڌيءَ جي

ٿيندا تہ ٿوري ئي وقت ۾ ٻولي هڪ اُپ ٻولي (Dialect) بڻجي ويندي؛ جيڪا وڌ ۾ وڌ صرف ڳالهائڻ جي ڪم ايندي. جيئن ’ڪڇي‘ ٻولي آهي. ان حالت ۾ نہ اُن جو نئون اَدب پيدا ٿيندو ۽ نہ ان جو پراڻو ساهت پڙهيو ويندو. اُن ڪري ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ڪنهن Formal Education جي ڍانچي ۾ وجهجي.

اَسان اسڪول تہ English Medium کوليو، جيئن مائٽن جي پسندگي آهي تہ Best Education ڏيون پر اَسان سيني ٻارن لاءِ سنڌي ٻولي لازمي ڪئي آهي. اُنهيءَ خيال کان تہ ڏهين ٻارهين سال کان پوءِ هڪڙا نوان سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ پڙهندڙ پيدا ٿي سگهندا. جڻ چئجي تہ اَسان وري ٻج پوکڻ شروع ڪيا، جنهن مان ڏهن ٻارهن سالن کانپوءِ وري سنڌيءَ ۾ نوان ڳالهائيندڙ، نوان پڙهندڙ پيدا ٿيندا! ٻيءَ حالت ۾ جنهن نموني سان هاڻي سنڌي پڙهندڙ ۽ لکندڙ گهٽجي رهيا آهن تنهن حالت ۾ سنڌيءَ جي Diralect بڻجڻ جو ڊپ آهي!

**جوهراڻي** - سنڌي اَدب جي ميدان ۾ پڻ سنڌالاجيءَ ڪو قدم کنيو آهي، جيئن نوجوان پيڙهيءَ ۾ نئون ساهتيہ رچڻ لاءِ چاهہ پيدا ٿئي؟ ڇا اُن لاءِ ڪجهہ سيمينار، ورڪشاپ ۽ ڪي ساڌن بہ ميسر ڪيا ويا آهن؟

**ستيش** - سنڌالاجيءَ اُن ۾ هڪڙو وڏو قدم کنيو آهي. هڪڙو ڪورس هلايائون؛ جنهن کي چوندا آهن 'Personality Development Course' ٻارن کي رڳو سنڌي پڙهڻ سان ڪنهن بہ قسم جو ڪو اُتساهہ پيدا نٿو ٿئي! اُن ڪري تيرهن سالن کان وڏن ۽ اوڻويهن سالن کان ننڍن؛ ٻارن کي ڏهن ڏينهن لاءِ پاڻ وٽ رهائڻ، کارائڻ، پيئارڻ جو بندوبست ڪري؛ اُنهن کي سنڌي ڀاشا، سنڌي ساهتيہ، سنڌي سنسڪرتي، اُهي سڀ سيکارڻ جو هڪڙو پورو ڪئمپ وانگر ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي؛ جيڪو هر سال اَسين ڪيون ٿا. اُهو 'Personality Development Course' ايترو Popular ٿيو جو رام! توکي ٻڌي خوشي بہ ٿيندي ۽ عجب بہ لڳندو تہ اَسان کي سينگاپور مان اها دعوت آئي تہ هتي جيڪي سنڌي ٻار آهن، توهين تن کي اُهو



'Personality Development Course' اَچي سيکاريو. اَسان پنهنجا ٻہ ماڻهو موڪليا، جن سينگاپور ۾ ڏهہ ڏينهن سنڌي ٻارن کي 'Personality Development Course' جي سکيا ڏني. اَسان کي خبر پيئي تہ اُنهن جو چاهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هئو. اُنهيءَ ڪري لپيءَ جو معاملو اُٿي وري هڪ ٻي شڪل وٺي آيو. هنن چيو تہ اَسان لاءِ تہ جهڙي عربي آهي تهڙي ديوناگري. اَسان کي سنڌي رومن لپيءَ ۾ پاڙهيو! توُن شايد اعتبار نہ ڪندين تہ اَسان اُتي سنڌيءَ جا سڀ پاٺ رومن لپيءَ ۾ لکي ٻارن کي سنڌي پڙهائي. اُنهن ٻارن کي سنڌي سنسڪرتيءَ جو گيان ڏنو، ۽ اُنهن ٻارن ۾ سنڌي اَدب لاءِ اَسان اَهڙي نموني اُتساهہ پيدا ڪيو. اَهڙو 'Personality Development Course' اَسان اِنڊور ۾ بہ هلايو ۽ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. انهيءَ ڪورس ۾ سائين هردارام جن پنهنجا ٻہ ٽي ماڻهو موڪليا، جن اسان وٽ اُن ڪورس جي تعليم ورتي ۽ بيراڳڙہ ۾ وڃي اهو ڪورس شروع ڪيو.

**جوهراڻي** - 'Personality Development Course' تہ ٻار جي پوري شخصيت کي Develop ڪرڻ لاءِ آهي! ڇا ان مان ڪن ساهتيڪارن بہ جنم ورتو؟

**ستيش** - ها! اُن مان اِهو ٿيو جو اَڳتي هلي ڊراما ورڪشاپ ۽ سنگيت ورڪشاپ جهڙا پروگرام اَسان ڪرڻ شروع ڪيا.

منهنجي هڪڙي Theory آهي تہ اَڄ سنڌيءَ کي Cultural By - Pass Surgery جي ضرورت آهي. منهنجو هڪڙو ڪتاب آهي 'Cultural By-Pass Surgery' مون کان دوست پڇندا آهن تہ باءِ پاس سرجري تہ شرير واسطي ٿيندي آهي. ڪلچرل باءِ پاس سرجريءَ جو مطلب ڇا آهي؟ منهنجو چوڻ آهي تہ جهڙيءَ طرح سان دل کي رت پهچائڻ وارن واهڻن ۾ جڏهن چربي گڏ ٿي ويندي آهي، جنهن کي اَسين Cholesteral چئون ٿا ۽ دل کي پورو رت ڪونہ پهچندو آهي تہ شرير جي ڪنهن هڪڙي حصي مان ڪنهن هڪ رت نليءَ کي ڪڍي اُنهيءَ کي وري ٻئي هنڌ ڳنڍي، اُن مان رت جو وهڻ

Roots جي، سنڌيءَ جي ڪلچر جي سنڌيءَ جي گيتن جي ۽ سنگيت جي رُچي ڏاڍي وڌي رهي آهي!

**جوهراڻي** - جنهن وقت اسان جي ديش جو ورهاڱو ٿيو، اُن وقت ڪافي سنسٿائون وجود ۾ آيون، جيڪي ڪافي سرگرم رهيون. ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ ۽ ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ ڪافي جدوجهد ٿي! اُنهن سنسٿائن جي موجودگيءَ جي باوجود سنڌالاجيءَ جو جنم ڪهڙي لحاظ کان ٿيو؟

**ستيش** - ها! اِهو تمام اهم سوال آهي! ڇو تہ ٻيون جيڪي بہ سنسٿائون سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ ڪم ڪنديون رهيون ۽ اَڃا بہ ڪن ٿيون اُنهن جي لاءِ اِهو Secondary work هئو، ڇو تہ اُنهن سنسٿائن جو مکيہ ڪم اُهو نہ هئو. اسان هيءُ Sindhology Institute کوليو؛ جيڪو هڪ اَهڙو اِدارو ٿيندو، جنهن ۾ سڄو وقت فل ٽائيم ڪم ڪندڙ هوندا ۽ جيڪي پنهنجين يوجنائن کي عملي جامو ئي پهرائيندا رهندا آهن.

**جوهراڻي** - اُهي ڪهڙيون يوجنائون آهن؟

**ستيش** - اسان سنڌالاجيءَ جي مقصد کي بلڪل چٽو رکيو آهي اُهو مقصد آهي Propagation & Preservation معنيٰ 'سنڌي ڪلچر کي ڦهلائڻ ۽ سنڌي ڪلچر کي سانڍڻ'. پوءِ اسان پنهنجيون سرگرميون اُنهن سان جوڙيون. Preservation ۾ اَسان کي سڀ کان اَهم ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي تہ اَسين پنهنجي اَدب کي بچائي رکون! ان ڪري اسان تمام وڏي Reference Library کولي آهي. جنهن ۾ نہ رڳو ڪتاب آهن، پر ناياب هٿ جا لکيل دستخط بہ آهن. ان کانسواءِ اسان اُن ۾ هڪڙو حصو Cassettes Audio جو بہ رکيو آهي جنهن ۾ لڳ ڀڳ ٣٠٠ ڪئسيٽ آهن. جيڪي بلڪل پراڻن سنڌي راڳن، مائي جيوڻي ٻائيءَ کان وٺي اڄ تائين سڀني ڳائيندڙن جون آهن.

اُن کانپوءِ ان ۾ هڪڙو فلمن جو بہ حصو رکيو ويو آهي. جيڪي بہ سنڌي فلمون نڪتيون آهن، سنڌي ناٽڪن جا پروگرام ٿيا آهن، اُنهن جا



محسوس ڪريان ٿو تہ هن وقت گانڌيڌام صرف اِسڪولن ۽ ڪاليجن جو شهر ٿي پيو آهي! اُهو 'نئين سنڌ' اَڏڻ جو خواب ڪٿي رهجي ويو؟

**ستيش** - 'گانڌيڌام' بلڪل 'نئين سنڌ' اَڏڻ جي هڪڙي رٿا هئي. شروعات ۾ اُن جو نالو 'نئين سنڌ' رکڻ جو خيال بہ ڪيو ويو هئو پر ان خيال کان تہ ڪنهن ٻئي ملڪ کي ڪنهن قسم جي تلخي نہ محسوس ٿئي ان ڪري مهاتما گانڌيءَ کي ڌيان ۾ رکي، اُن شهر جو نالو گانڌيڌام رکيو ويو.

**جوهراڻي** - ڇا گانڌيجيءَ کان 'نئين سنڌ' نالو منظور ڪرايو ويو هئو؟

**ستيش** - مان سمجهان ٿو ائين هوندو پر پوءِ جڏهن گانڌيجيءَ جو ديهانت ٿيو تہ گانڌيجيءَ جون ڪجهہ هانيون ڪٺي اَچي ڪنڊلا جي ڪاڙيءَ ۾ پرواه ڪرڻ کانپوءِ ٿوريون هانيون رکي اُتي گانڌي سماڌي ٺاهي وئي ۽ مان سمجهان ٿو تہ هندوستان ۾ ڪُل ٻہ سماڌيون آهن گانڌيءَ جون، هڪڙي دهليءَ ۾ ۽ ٻي گانڌيڌام ۾ !

**جوهراڻي** - گانڌيڌام اَڏڻ ۾ اَسين ڪٿي پوئتي رهياسين؟ ڪهڙيون مجبوريون اَسان کي درپيش آيون؟

**ستيش** - توهان جو سوال تمام واجب آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو شهر هئو ئي اُنهن جي لاءِ جيڪي اُڪرجي آيا هئا؛ پر سڀ کان وڏي مشڪلات جيڪا اوڏي مهل اَچي پيدا ٿي؛ اُها هئي روٽي روزيءَ جي! هيءُ هڪڙو وڏو ريگستان هو، جتي گذران جا ساڌن ڪونہ هئا!

**جوهراڻي** - اُن ريگستان جي چونڊ ڇو ڪئي وئي؛ جتي نانگ بلائون نڪرندا هئا! نانگ پڪڙڻ جا اَٺ آنا ۽ وڇون پڪڙڻ جا چار آنا پئي ڏنا ويا! ڪجهہ اَهڙو بہ آواز اُٿيو تہ گانڌيڌام بدران جيڪڏهن هندوستان جو ٻيو ڪو حصو ونجي هان، جتي ڪمائيءَ جا ساڌن هجن هان تہ جيڪر صحيح ٿئي هان! ڇاڪاڻ تہ جنهن ريگستان ۾ ڪو ڪمائيءَ جو وسيلو ئي ڪونہ هئو، اُتي ڪيئن ڪنهن جو پيٽ پلبو؟

**ستيش** - نہ! اِها هڪ بيحد عقلمندي ۽ دورانديشيءَ جي رٿا هئي! ڇاڪاڻ تہ ايتري وڏي زمين، جيڪا اُن وقت ملي هئي، پنج هزار ايڪڙن کان بہ

Video Cassettes اَسان وٽ آهن. اَسان سڀني ساهتيڪارن جا Portrait تيار ڪرائي لڳايا آهن.

**جوهراڻي** - سنڌالاجي اِدارو تہ جيڪو سنڌ ۾ برپا ڪيل آهي؛ شايد توهان کي اُتان پريرڻا ملي، جو هتي سنڌالاجي اُن ئي راه تي کولي اٿو؟

**ستيش** - ٻيو ويچار اهو هئو تہ چاڪاڻ تہ سنڌ جي سنڌالاجي، بنيادي طور هڪڙي سرڪاري ڊپارٽمينٽ آهي. هنن جو تمام گهڻو ڌيان ريسرچ ۽ پبليڪيشن تي آهي. اسان جي سنڌالاجيءَ جون ٻہ جدا جدا قسمن جون Activities آهن. هڪ طرف اَسين Propagation ڪيون ٿا اسان جو ٻيو ڪم Preservation جو آهي.

اَسان جي غير سرڪاري سنسٿا آهي. اَسين سنڌي سماج جي مدد سان هلي رهيا آهيون ۽ شايد هيءُ موقعو آهي سنڌي سماج جي شڪرگذاري ظاهر ڪرڻ جو! چو تہ اَسين تمام ننڍڙا ماڻهو آهيو اسان جا تمام ننڍڙا هٿ آهن. اَسين هيترو ڪاريہ سنڌي سماج جي مدد سان ئي ڪري سگهيا آهيون؟

**جوهراڻي** - توهان سنڌ ڪڏهن ڇڏي ۽ ڀارت ۾ پهرين ڪٿي آيا؟

**ستيش** - مان ۱۹۴۷ ۾ ڊسمبر جي آس پاس مارواڙ جي پاسي کان هندوستان ۾ آيس. پهرين ٿورا ڏينهن اَجمير ۾ رهڻ کانپوءِ ٿورو وقت نصير آباد، اَجمير جي پاسي ۾ هئاسون. مونکي ياد آهي تہ تڏهن مهاتما گانڌيءَ جي شهادت ٿي هئي. مان اُن وقت بازار ۾ بيٺو هوس. ۽ چوڌاري هڪ قسم جو ڪولاهل مچي ويو جڏهن خبر پيئي تہ مهاتما گانڌيءَ کي ڪنهن گولي هڻي ماريو آهي! مان سمجهان ٿو تہ ان سان هن ڳالهہ جو واسطو تہ ناهي، پر مون هڪ جملو اُن وقت ٻڌو هو! اُهو ۱۹۴۸ع هو، جنهن کي گذرئي اَڄ ستونجاهہ سال ٿيا آهن پر اهو جملو مان وري بہ هتي دهرائڻ ٿو چاهيان تہ ان وقت جيڪا سڀا ٿي هئي، ان سڀا ۾ هڪڙي ڳالهائيندڙ چيو هو تہ -

’اَڄ اَسان اُن ناخلق پٽ جو ڀارت اَدا ڪيو آهي جنهن پنهنجي پيءُ جي چمڙيءَ مان پنهنجو بوٽ ٺهرايو هجي.‘

اُهو جملو مونکي اَهڙو ڇُهي ويو هو. جو اَڄ ستونجاهہ سالن کان پوءِ بہ



اَجا ذهن ۾ تازو آهي. اُن کان پوءِ گهڻو وقت مان گانڌيڌام هوس. گانڌيڌام جي سماجڪ سرگرمين سان جُڙيل هوس ۽ اُتي جي هاءِ اسڪول ۾ ماستر هوس. سنڌي ۽ هندي پڙهائيندو هوس.

۱۹۶۲ع ۾ مون گانڌيڌام ڇڏيو ۽ پوءِ مان وڌيڪ Higher Study ڪرڻ لاءِ پوني روانو ٿيس. اُتي ۱۹۶۵-۶۶ع تائين هوس؛ جتي مون لنگئسٽڪس ۾ ‘Post Graduate Diploma’ ورتي. لنگئسٽڪس ۾ مون پي. ايڇ. ڊي. ڪئي. اُن کان ترت پوءِ مونکي بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ هندي ڊپارٽمينٽ ۾ هندي ۽ ڀاشا وگيان پاڙهڻ جو موقعو مليو. اُنهيءَ کان پوءِ مان دهليءَ ۾ ‘Visiting Central Hindi Institute’, Agra ۾ ريڊر ٿي آيس. اُتي ئي مونکي Ministry of External Affairs پاران Professor for Hindi & Indian Culture ڪري جارج ٽائون يونيورسٽي، گيانا ۾ موڪليو ويو. موٽي اَچي مون وري Central Hindi Institute جائن ڪيو. منهنجو مکيہ ڪم هوندو هو وديشين کي هندي پاڙهڻ. ان ڪري شروعات کان وٺي ٻين کي ڀاشا ڪيئن پاڙهجي، منهنجي اڀياس جو خاص ڪيتر رهيو آهي.

هنديءَ ۾ منهنجي ڪم جا ٻہ ڪيتر رهيا آهن. هڪڙو آهي فارينرس کي هندي پاڙهڻ ۽ ٻيو ڊڪشنريون تيار ڪرڻ! مان Lexicography جو بہ ماهر آهيان؛ ڀارت سرڪار دوارا تيار ڪرايل هندي - سنڌي ۽ هندي - سنڌي - انگريزي ڊڪشنرين ۾ سنڌيءَ جو حصو منهنجو ٺاهيل آهي.

هندوستان جي سورهن ڀاشائن ۾ تيار ڪيل هندوستاني ڊڪشنري، اُن ۾ بہ سنڌيءَ جو حصو منهنجو تيار ڪيل آهي. نہ رڳو ايترو، پر مون هڪڙي ڊڪشنري تيار ڪئي آهي، جيڪا آهي ’ڊڪشنرين جي ڊڪشنري‘.

هنديءَ ۾ ڪتاب جو نالو آهي ’ڪوش وگيان ڪوش‘؛ معنيٰ اُها ڊڪشنري، جيڪا ڊڪشنريءَ جي ٽيڪنيڪل لفظن کي سمجهائڻ لاءِ آهي. ان ڪري جنهن کي ’لغت نويسي‘ چئجي ٿو اهو منهنجو ٻيو ڪيتر آهي.

**جوهراڻي** - ’نئين سنڌ‘ اَڏڻ لاءِ سڀني سنڌين هڪ سپنو ڏٺو هو پر مان

وڏيڪ ! هندوستان جي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ پوري طرح سان سنڌين کي وسائڻ لاءِ سوال ئي ڪونہ هئو. ڪڇ جي مهاراجا چيو، تہ ’هيءَ منهنجي ئي رعيت آهي. اِنهيءَ ڪري مان ڪيتري بہ زمين ڏيان تہ اُها مان پنهنجي رعيت کي ڏيئي رهيو آهيان.‘

ڪراچيءَ جو بندرگاه پاڪستان ۾ هليو ويو هو ان ڪري ڪنڊلا پورٽ جي تمام گهڻي اَهميت هئي. تڪليف چا تي ٿي، تہ ڀائيءَ جي رٿا موجب جيترو جلدي ريلوي لائين اَچڻ کپندي هئي، جيترو جلدي ڪنڊلا پورٽ جي ڊيولپمينٽ ٿيڻ کپندي هئي، جيترو جلدي ’فري ٽريڊ زون‘ اُتي شروع ٿيڻ کپندو هئو، جيترو جلدي IFFCO جو ايشيا جو وڏو ڪارخانو پوڙو هئو، اُهي سڀ ايترو جلدي شروع نہ ٿي سگهيا ۽ روزگار جا وسيلا ايترو جلدي ميسر نہ ٿي سگهيا. سنڌين لاءِ ترسي ويهي رهڻ ڏکيو هئو، اُنهيءَ ڪري روٽي روزيءَ جي تلاش ۾ ڪيترائي سنڌي گانڌيڌام ڇڏي ويا ۽ اُها جڳهہ غير سنڌين اَچي ڀري!

اَڄ گانڌيڌام ، ريگستان ڪونهي. اَڄ گانڌيڌام جي زمين سوني آهي. ڀائي پرتاپ اهو نيم ڪيو هئو تہ جيڪو شيئر وٺندو، ان کي هتي هڪ پلاٽ ملندو. ان شيئر جي قيمت هئي هزار روپيہ. پر پوءِ اهو شيئر ايترو گهٽجي ويو، جو اَڍائي سوءِ روپين ۾ مليو پئي. اُن شيئر جي قيمت هاڻي اَڍائي لک روپيہ آهي.

**جوهراڻي** - اَڍائي لک ضرور هوندي! پر اُهو شيئر سنڌي وٺن ٿا؟

**ستيش** - نہ! زمين ۽ اُن جي آباديءَ ۾ شڪ نہ هئو تہ اها زمين سوني ٿيندي. اها ڀائيءَ کي خبر هئي. پر ان جي سوني ٿيڻ تائين سنڌي ترسي سگهن، اُهو نہ ٿي سگهيو !

**جوهراڻي** - سنڌي ان ڪري نہ ترسي سگهيا، ڇاڪاڻ تہ روٽي روزيءَ جو مسئلو وڏو هئو؟

**ستيش** - اُن ڪري اَڄ گانڌيڌام ۾ جيتري سنڌين جي آدمشماري آهي. اوتري غير سنڌين جي آدمشماري آهي. رڳو هڪڙو آديپور جو حصو آهي، جنهن مان لنگهندي گذرندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي، لڳندو تہ توهين حيدرآباد جيڪنهن حصي ۾ گهمي رهيا آهيو. توهين سيڪا ڳالهہ



بہ لکيو ويو آهي، سو تو لکيو آهي. جيڪڏهن هن ٿي ڪتاب بہ نہ پڙهيا آهن ۽ ساهتيڪارن جي درجي تي اَچي پهتو آهي ۽ اِنعام ٿو گهري تہ عجب ٿو لڳي!

**جوهراڻي** - اُن جو مطلب اِهو آهي تہ ڪير بہ ڪنهن ڪان بہ لکائي تہ اُن کي بہ اِنعام ملندو؟

**ستيش** - ملي پيو ٿو نہ! ڇا ڪيون! اُن بدقسمتيءَ کي اَسين ڪٿي ٿا روڪي سگهون! اَسان مان گهڻن کي اُنهن ڳالهين جي چڱيءَ طرح سان ڄاڻ آهي. پر هينئر اصلي ڪارڻ اِهو آهي تہ جيئن جيئن اِنعام وڌيا آهن، تيئن تيئن لکندڙ جي نظر اَدب جي معيار کي وڌائڻ جي بدران اِنعام حاصل ڪرڻ جي آهي ۽ عجيب ڳالهہ تڏهن لڳندي آهي تہ جن کي سٺا ليکڪ بہ سمجهون ٿا، اُهي رهجي ٿا وڃن يا رڳو سيمينارن ۾ هو ٻڌائڻ ٿا شروع ڪن، تہ ڪين هيل تائين هيترن پيسن جا اِنعام مليا آهن. معنيٰ هاڻي اَدب، پيسن ۾ تورجي ٿو! اُهو اَديب اَسان وٽ بچيو ئي ڪونهي، جيڪو چوي تہ مان نوبل پرائيز کي بہ نہ قبول ڪندس. ساهتيہ اڪادميءَ جو اِنعام بہ مان قبول نہ ڪندس. هاڻي تہ هزار روپئي جو اِنعام اُلهاسنگر ۾ ڪير ڊڪليئر ٿو ڪري سڻي ڪهاڻيءَ لاءِ تہ اَسان جا سڀ ليکڪ، ڪهاڻيون ٿا موڪلين.

**جوهراڻي** - ان حساب سان توهان جي نظر ۾ اَڄ جو اَديب وقت جي عدالت جي ڪهڙي ڪٽهڙي ۾ بيهڻ گهرجي؟

**ستيش** - بلڪل سڌي سنئين ڳالهہ آهي تہ سنڌي اَدب کي هن وقت سچ پچ تہ اڳيان وڌڻ جا تمام گهڻا ساڌن موجود آهن. ڇاڪاڻ تہ اَسان جون ڇهہ اَڪاڊميون آهن، تن مان هرڪا اَڪاڊمي ڪتابن ڇپائڻ جي گرانٽ ڏيڻ لاءِ تيار ويٺي آهي. اُنهن اڪاڊمين پاران انعام آهن. سينٽرل ساهتيہ اَڪاڊمي آهي. اِنهن جي پاران انعام آهن. ٻال ساهتيہ لاءِ اِنعام آهن. ان ڪري اَڄ ڪلهہ اَهڙو ڪو بہ سنڌي اَديب ڪونهي، جنهن کي جَسُ ۽ ڌن نہ ملندو هجي! پر اَصلي ڳالهہ اها آهي تہ اَسان وٽ Feed Back ڪونهي.

**جوهراڻي** - هڪ دور هو جڏهن ڪنهن جي مدد سان ڪتاب ڇپيا ويندا

سنڌيءَ ۾ ڪري سگهو ٿا. ڪنهن گاڏيءَ واري سان ڳالهائڻو هجي، چاهي رڪشا واري سان ڳالهائڻو هجي سنڌيءَ ۾ ڳالهائي سگهو ٿا.
**جوَهراڻي** - اَوهان اُتي هيترو سنڌ جو ماحول ڀڏايو ٿا، اُن جي مشابهت حيدرآباد (سنڌ) سان ڪيو ٿا! اَڄ ميڊيا جو دور آهي؛ پرنٽ ميڊيا هجي يا اليڪٽرانڪ ميڊيا! آديپور ۾ پرنٽ ميڊيا جي ميدان ۾ سنڌين تائين ديش جون خبرون پهچائڻ لاءِ ڪا بہ سنڌي روزانہ اَخبار ڇپجي ٿي؟
**ستيش** - نہ ! سنڌين تائين پهچڻ لاءِ اُن ڪري ڪونهي ڇو تہ سنڌين جو تعداد ايترو ڪونهي جيڪو روزاني پيپر کي ڪڍي سگهي. اُنهيءَ ڪري جيڪي بہ روزانا پيپر آهن : ’ڪڇ متر‘، ’ڪڇ اُديہ‘، ’گجرات سماچار‘ ۽ ’سنديش‘ وغيره اهي سڀ گجراتيءَ ۾ آهن. سنڌين جي گهرن ۾ سنڌي پيپر جيڪو پهچندو هئو، اُهو بہ بند ٿي ويو ۽ اُهو هئو بمبئيءَ مان نڪرندڙ ’هندوستان‘.
**جوَهراڻي** - اُهو تہ اَسين هڪ قدم پوئتي هٽياسين؟
**ستيش** - هاڻي توهين اَنومان لڳايو تہ ’هندوستان‘ اَخبار جيڪا سڄي هندوستان ۾ هلندي هئي ۽ بمبئيءَ مان نڪرندي هئي، جنهن جي پاسي ۾ اُلهاسنگر آهي، اُن جو بند ٿيڻ يقينن هڪ قدم پوئتي آهي!
**جوَهراڻي** - آديپور ۾ جتي سنڌالجيءَ جهڙو وڏو زوردار اِدارو قائم ٿيو آهي، اُتي تہ پنهنجي ليکي بہ هڪ سنڌي اَخبار جي ضرورت آهي. اُتي سڀ ودوان رهن ٿا. توهان اُتي ’ملير‘ نگر جوڙيو آهي. ڇا سنڌي اَخبار جي ڪمي محسوس نہ ٿي ٿئي؟
**ستيش** - ڏکيائي وري ٻي اَچي ٿي؛ جيڪا سنڌي جاتيءَ پنهنجو پاڻ سان پاڻ ڪئي. اهو هو لپيءَ جو مسئلو. اُتي جيڪي بہ اسڪول کليا، اُنهن ۾ ديوناگري پاڙهي ويئي. هاڻي جيڪا پيڙهي لکي سگهي ٿي، اُها ديوناگري نٿي لکي! جيڪاپڙهي سگهي ٿي، اُها عربي سنڌي نٿي پڙهي! ان ورهاڱي اُتي جي ماڻهن کي جڻ مٿان کان هيٺ تائين ورهائي تمام وڏو صدمو پهچايو آهي. مان ڪو هِن يا هُن لپيءَ بابت نٿو چوان پر هڪ اَڳي ٿي اَسان جي ننڍڙي جاتي؛ ڪن ٿورن هنڌن تي ئي اُنهن جو ٿورو وڏيڪ



تعداد؛ وري اُهو بہ هيئن ورهائجي ويو تہ آڦي باقي وڏيڪ تڪليف ٿي! اُن هوندي بہ اَسان جي اَدبي مخزن ’رچنا‘ نيم سان نڪرندي آهي.
**جوَهراڻي** - هڪ دور هئو، جڏهن اَسان جا اَديب مالي طور ڪمزور هئا؛ پر هينئر ڪجهہ سالن کان ڪافي اِنعام اِڪرام ۽ گهڻيئي فائدا حاصل ڪيا اَٿائون! هنن جي مالي حالت ۾ بہ سڌارو آيو آهي پر اُن هوندي بہ اَڄ اهو معياري اَدب گهٽ‌لڪجي رهيو آهي! آخر اَسين ڪٿي پنتي پئجي وياسين؟
**ستيش** - اُتي ئي تہ، جتي تو چيو! ڇاڪاڻ تہ سرسوتي ۽ لڪشميءَ جي پاڻ ۾ دوستي تہ ٿيندي ناهي!
**جوَهراڻي** - جڏهن پيسا ڪونہ هئا تہ اَديبن سڄو جيون نڇاوَر ڪري ڇڏيو. هاڻي پيسن جي بارش آهي تہ وري اَديبن جو ڌيان ئي ڪونهي؟
**ستيش** - هاڻي پيسن جو ڌيان آهي! ان ڪري اُهو جيڪو ساڌنا جو جُنون هوندو هئو، اُهو اَڄ ناهي! پر جيڪڏهن توهين لسٽ ٺاهڻ شروع ڪندا، تہ اَڄ ايترا گهڻا لکندڙ آهن، جو رڳو گجرات ۾ ئي هينئر جڏهن شاعرن جي لسٽ ٺاهيائون تہ اُهي سوَ کان وڌيڪ آهن!
**جوَهراڻي** - آءٌ شاعرن ۽ ليکڪن کي ورهايان نٿو؛ پر معياري اَدب رچڻ جي ڳالهہ ٿو ڪريان؟
**ستيش** - اُن ڪري نٿو ٿئي نہ! ڇو تہ هر لکندڙ ايترو لکڻ ٿو شروع ڪري، جو پاڻ پڙهي ئي ڪونہ ٿو. پنهنجو ڪتاب بہ ڪونہ ٿو پڙهي سگهي. پنهنجو ڪتاب بہ ٻئي ڪنهن کان لکائي، ٻيءَ لپيءَ ۾ ٿو ڇپائي!
**جوَهراڻي** - گهڻن جي دلين ۾ اهو بہ هڪ شَڪُ يا ڀرم آهي تہ نوجوان ٿهيءَ جي ساهتيڪارن کي همٿايو نٿو وڃي! اُنهن جي رچنائن تي بہ گُمان ڪيو ٿو وڃي تہ شايد هنن نہ لکيو هوندو! اُنهن جي لکڻين کي رد ڪيو ٿو وڃي! اُن جي پٺيان ڪهڙي مراد آهي؟
**ستيش** - اُن جي پٺيان مراد اِها آهي تہ رڳو اُن کان پڇجي تہ مهرباني ڪري ٻڌاءِ تہ تو ڪي تي سنڌيءَ جا ڪتاب پڙهيا آهن! ڪهڙا بہ ٿي سنڌيءَ جا ڪتاب! جي ’ها‘ چوي تہ اَسين اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار آهيون تہ جيڪي

هئا تہ اهو دانوير وچي اُهي ڪتاب پنهنجي گئريج ۾ رکندو هو ۽ اُهي ڪتاب اُڏوهيءَ جي کاڌ خوراڪ ٿي ويندا هئا! اَڄ اسين اُن ماحول کان ٻاهر نڪتا آهيون ڪين اَڃا نہ؟

**ستيش** - اَڃا نہ! توهان ڪنهن بہ اَديب کان پڇندا تہ تنهنجي ڪتاب جون پنج ڪاپيون ڪنهن پيسا ڏيئي ورتيون آهن،تہ يڪدم جواب ملندو؛ نہ! باقي رڳو ڪا هڪڙي سنسٽا ڏيڍ سؤ ڪاپيون وٺي ٿي اُنهيءَ مان يا تہ ان جو خرچ نڪري اَچي ٿو، يا تہ عشق جو ڪو ملهہ ڪونهي! ۽ ڪتاب‌تي ڏهہ ويهہ هزار لڳائي لکڻ جو شوق پورو ڪن ٿا. اَديب چوائين ٿا. هڪڙي عجيب ڳالهہ آهي تہ ’اَمرتا‘ رڳو شبد جي آهي. رڳو ’شبد‘ ئي اَمر آهي! ان ڪري ماڻهوءَ جي اندر ڪٿي نہ ڪٿي لکڻ جذبو آهي تہ مان بہ امر ٿيان! ان ڪري توهان ڏسندا تہ اَهڙا نوان نوان ليکڪ اَچي ويا آهن، جن جي اَهميت بلڪل ڪانهي!

**جوَهراڻي** - ڇا نوَن ليکڪن ۾ ڪجهہ ڄاڻ يا قابليت آهي يا انهن ۾ پنهنجي نجي ڪوڪلي فيلسوفي آهي؟

**ستيش** - نون ليکڪن ۾ چڱائي آهن جن کي جيڪڏهن اَسين پوري طرح سان داد ڏيون تہ پوءِ اَسين اهو ڪونہ ٿا محسوس ڪيون تہ گذريل چاليهہ پنجاهہ سال ڪو اَڃايا ويا آهن؛ يا جن Senior ليکڪن لکيو آهي، اُنهن جو ڪو اَثر نہ ٿيو آهي! جيڪي بہ نوان ليکڪ آيا آهن اُهي ڪن ورڪشاپن، سيمينارن يا اَدبي گڏجاڻين جي پيدائش آهن!

**جوَهراڻي** - اَسان وٽ ڪلاڪارن جي بہ زبردست کوٽ محسوس ٿي رهي آهي! نوان فنڪار تہ نظر ئي نٿا اَچن! پوري ڀارت ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪلاڪار آهن! اَهڙيءَ صورت ۾ سنڌي رنگ منچ جو وڪاس ڪيئن ٿيندو؟ ڇا اُن لحاظ کان سنڌالاجيءَ کي اَهڙو ڪجهہ ڪرڻ گهرجي جيئن نوان نوان ڪلاڪار اُسرن؟

**ستيش** - اُهو لازمي آهي! مان سمجهان ٿو تہ اَسين اِن ڏس ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ڇاڪاڻ تہ اَسان جو سنگيت سيکارڻ جو ڪلاس هلندو



سنڌي سنسڪرتيءَ جي بچائڻ جو يا ان کي سنڀالڻ جو ذمو ۽ فائدو رڳو سنڌي جاتيءَ لاءِ ناهي، هيءُ سڄي دنيا جي لاءِ آهي ڇو تہ سنڌي سنسڪرتي ايتري آڳاٽي ۽ ايتري اوچي آهي، جو اُن سان سڄي دنيا جي وابستگي آهي. حقيقت ۾ اها سڄي دنيا جي ملڪيت آهي! It is an asset to the world جيڪڏهن اها ناس ٿئي ٿي تہ رڳو سنڌي جاتيءَ کي نقصان نٿو پوي، سڄي انسان ذات کي نقصان ٿو پوي! ڇاڪاڻ تہ سنڌي سنسڪرتيءَ وٽ ڪي اَهڙيون خوبصورت خصوصيتون آهن، جيڪي دنيا کي بهترين بڻائڻ ۾ ڪم اَچي سگهن ٿيون!

مثال طور U.N.O. ڀاران جنرل سيڪريٽري ’ڪوفي اَنان‘ چيو تہ ايڪويهين صديءَ ۾ اِنسان ذات لاءِ وڏي ۾ وڏا جيڪي Challenges آهن؛ اُهي آهن غريبي، بيماري ۽ هنسا! هنسا، جنهن ۾ ڌارمڪ ڪٽرتا بہ اَچي وئي! سنڌي جاتي اُنهن ٽنهي پهلوئن ۾ تمام گهڻي مدد ڪري سگهي ٿي، بهتر دنيا بڻائڻ جي! اَسان وٽ ڌارمڪ اُدارتا آهي؛ اسان وٽ پورهئي جي لاءِ قرب، Adventure آهي؛ اَسان وٽ Enterpreneursihp آهي ۽ Society Castles بنا ڪنهن جاتيہ ڀيد ڀاوَ جي آهي! مان سمجهان ٿو تہ اَسان جي جاتيءَ کي هن دنيا کي بهتر بڻائڻ ۾ هڪڙو وڏو رول نڀائڻو آهي. اها اسان جي مٿان وڏي جوابداري اَچي ٿي تہ سنڌي جاتي هن دنيا کي بهتر بڻائڻ لاءِ هن سنسڪرتيءَ کي وڌائي ۽ اها پنهنجي نئين پيڙهيءَ تائين پهچائي. اَسين پنهنجي نئين پيڙهيءَ سان قسم جو دوکو ڪري ڪري رهيا آهيون. ڇو تہ اَسين کين اِن سمپتيءَ کان، پنهنجي اُن ملڪيت کان، اُن ورثي کان وانجهيون ٿا، جنهن ورثي سبب اُنهن جو دنيا ۾ ڪنڌ مٿي ٿي سگهي ٿو!

**جوَهراڻي** - يقينا! جيڪڏهن اسان اهو اَنمول خزانو پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ تائين نہ پهچايو، تہ شايد هو اَسان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪري سگهندا! مهرباني!

**ستيش** - مهرباني!

آهي ۽ ڊراما ورڪشاپ بہ هلندو آهي. پر ڪلاڪارن جي ڪوٽ جو اصلي ڪارڻ ٻيو آهي! ڪنهن وقت هيترا ميلا، هيترا جلسا، هيترا فنڪشن، هيترا سيمينار ٿيندا ئي ڪونہ هئا؛ جتي اَسان کي ايترن ڪلاڪارن جي ضرورت پوي! هڪڙي پڳونتي ئي سڄي جاتيءَ لاءِ ڪافي سمجهي ويندي هئي پر هينئر تہ ڏاڍا گهڻا ميلا ٿا لڳن. چيٽي چنڊ هڪ اَهڙو ڏينهن ٿو اَچي، جڏهن هندوستان ۽ سڄي دنيا جي اندر اُهو ڏينهن ملهائڻ لاءِ ايتريون سنسٿائون هونديون آهن، جو توهان جيڪڏهن گايڪ ڪلاڪارن کان پڇندا تہ هنن کي فرصت ڪانہ هوندي آهي تہ ڪيڏانهن وڃون. دبئي، سينگاپور يا هانگ ڪانگ؛ سڀني هنڌان نينڊ آهي!

**جوَهراڻي** - اُن جو مطلب اِهو آهي تہ جيتري قدر اَسان جي جاتيءَ اوسر پاتي آهي، اُن جي نسبت ۾ اَسان وٽ ڪلاڪار اوترا ڪونہ وڌيا آهن! هندوستان جي الڳ الڳ حصن : جبلپور، ڪٽني، ستنا، شولاپور وغيره تمام سنڌي بستين ۾ چيٽي چنڊ جا ميلا تہ ملهائڻ شروع ٿي ويا آهن، پر اُن مخصوص ايراضيءَ مان ڪوبہ ڪلاڪار پيدا ٿي ڪونہ سگهيو آهي! گهڻو ڪري صرف اُلهاسنگر، بمبئي، اَحمدآباد ۽ آديپور مان ئي ڪلاڪارن کي آمريڪا ۽ لنڊن گهرايو ٿو وڃي! اُها هڪ وڏي ڪمي آهي! ان کي ڪهڙي نموني سنڀالجي؟

**ستيش** - صحيح ڳالهہ آهي! هاڻ چا ٿيڻ شروع ٿيو آهي جو ڪلاڪارن جي نظر بہ رڳو پيسن ڪمائڻ تي وڃي پيئي آهي!

**جوَهراڻي** - اُن جو سبب اِهو آهي تہ پهرين ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪار صرف اُهي هي هوندا هئا، جيڪي چوويهہ ئي ڪلاڪ اها سوچ رکندا هئا! اڄ جا ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار صبح کان شام تائين نوڪري ڪندا تہ پوءِ اُهي رنگ منچ سان ڪهڙو انصاف ڪندا! توهين چئو ٿا تہ هينئر پيسن جي ڪمي ڪانهي! توهان وٽ سنڌالاجيءَ ۾ ڪلاڪارن کي سيکارڻ جا ساڌن بہ موجود آهن! ڪجهہ نوس قدم کڻڻ گهرجن؟

**ستيش** - ان ڏس ۾ جيڪڏهن اسڪالرشپ ڏيئي ڪلاڪارن کي سڄو وقت اِهو ڪم ڪرڻ لاءِ همٿائجي، جهڙي طرح سان ساهتيہ ۽ للت ڪلا اَڪاڊميون آهن!

**جوَهراڻي** - توهان چيا سرڪار سان للت ڪلا اَڪاڊمي لاءِ بہ لکپڙهہ ڪئي آهي تہ اُنهن طرفان جيڪي ڪلاڪار ٻاهرين ملڪن ۾ موڪليا ويندا آهن؛ اُنهن ۾ سنڌين کي نمائندگي چو ڪين ملي رهي آهي؟

**ستيش** - ها! رام! ويچار ۾ ٿورو شايد اِهو فرق رهيو آهي تہ جيڪا ڳالهہ اسان سرڪار کان گُهرَ ڪرڻ چاهيون ٿا، سچ تہ خود پنهنجي جاتيءَ دواران بہ آرام سان ڪري سگهڻ جي حالت ۾ آهيون. اَڄ جيڪر اَسين چاهيون تہ دنيا ۾ ڪٿي بہ اَسان جا ڪلاڪار وڃي سگهن ٿا، جو ايتري گُهر آهي! ان ڪري سرڪار کان ان قسم جي مهربانين گهرڻ جي سچ تہ ايڏي ضرورت ناهي! جيتوڻيڪ اِهو اسان جو حق آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اَسين هن ملڪ جا حصيدار آهيون!

**جوَهراڻي** - اها سوچ رکبي تہ پوءِ اَسان جي جاتيءَ جي ساهتيڪارن ۽ڪلاڪارن کي ڪڏهن بہ ’پدم شري‘، ’پدم ڀوشڻ‘ وغيره ڪا بہ اُپاڌي ڪونہ ڏني ويندي! جيڪو اَسان جو بنيادي حق آهي ۽ اهو ملڻ ئي کپي! ڇا توهين اِهو محسوس نٿا ڪيو؟

**ستيش** - شايد سڌو سنئون تہ اَهڙي ڪائي ڪمي نٿي ڏسڻ ۾ اَچي! پاڻ محسوس ڪجي ٿو تہ گهڻو ڪجهہ اسان کي مليو آهي! ڇاڪاڻ تہ هڪ اَڪيلي سنڌي ڀاشا، جيڪا وڏ ۾ وڏ چاليهہ پنجاه لک ماڻهن جي هندوستان ۾ ڀاشا آهي؛ اُنهيءَ کي ڇهہ اَڪاڊميون آهن. اُنهن مان صرف دهلي اَڪاڊميءَ کي هڪ ڪروڙ جي گرانٽ آهي! ائين جيڪڏهن توهين سچ پچ پيٽ ڪندا تہ مشڪل سان ڪا ٻولي هوندي؛ جنهن کي ايترا ساڌن، ايتريون سهوليتون ملنديون هونديون!

**جوَهراڻي** - پر اَسان جي سينا بہ تہ پراچين آهي! ٻولي ۽ اَدب بہ وسيع آهي! تہ پوءِ اسان جي ملڪ يا دنيا جي وڪاس ۾ اَسان جي سينا ڪهڙو ڪردار اَدا ڪري سگهي ٿي؟

**ستيش** - اِها ڳالهہ سچ پچ چاهيان پيو تہ توهان جي معرفت ئي ٻڌايان تہ

# ستيش روهڙا

## آشا چاند

**آشا چاند** - سنڌي ٻوليءَ جي آئينده بابت اڄ هر سنڌي سوچي رهيو آهي. ٻوليءَ جي آئينده بابت اڄ اسين ڳالهه ٻولهه ڪنداسين سنڌيءَ جي برک ساهتڪار ۽ ڀاشا وگياني ڊاڪٽر ستيش روهڙا سان.

**آشا** - دادا، سنڌي ڀاشا جي موجوده حالت بابت توهان جا ڪهڙا ويچار آهن؟

**ستيش روهڙا** - آشا، اسان کي اهو ڌيان رکڻ کپي تہ ڀاشا جا ٻہ روپ هوندا آهن. هڪڙو تہ ڀاشا ڳالهائجي ٿي ۽ ٻيو تہ ڀاشا لکجي ٿي. ڀاشا جي ڳالهائڻ جا گهڻيئي ڪيتر آهن. جيئن - گهر ۾، بازار ۾، دوستن سان؛ وندر ورونهن جي وقت ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسڪول ۾ ساٿين سان؛ پر جيڪا لکيل ڀاشا آهي اُها ڪم اَچي ٿي ساهتيہ جي رچنا لاءِ. ڳالهائڻ واري ڀاشا جو بنيادي مقصد هوندو آهي سماج ۾ هڪ ٻئي سان ناتو قائم رکڻ، جيڪو تمام ضروري آهي. سماج ۾ ناتو قائم رکڻ لاءِ ڀاشا ئي ماڻهوءَ وٽ وڏي ۾ وڏو وسيلو آهي. سچ تہ سموري سماج ۽ ان جي تهذيب جو جيڪڏهن ڪو آڌار آهي تہ اُها ڀاشا آهي. ڀاشا کان سواءِ سماج جي رچنا ٿي نہ سگهندي ۽

---

۱. آشا چاند دبئيءَ ۾ رهندي آهي. هوءَ 'سنڌي سنگت' سنستا جي روح روان آهي. آشا سنڌي ڀاشا، سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڦهلاءَ لاءِ گهڻيون ئي (Sites) هلائيندي آهي.

۲. هيءُ گفتگو آشا سان پوني ۾ ڪمليش مورجاڻيءَ جي گهر ۾ ٿي جڏهن اين. سي. پي. ايس. ايل جي پاران مليل 'لائيف ٽائيم اچيومينٽ' اوارڊ وٺڻ لاءِ پوني آيو هوس.



سڃاڻپ جو سنڪٽ پيدا ٿي ويندو آهي. اِها سماج ڪنهن مخصوص سڃاڻپ جي احساس کان خالي ٿي ويندي آهي. ان جي ڪري سنڌيءَ جي واڌاري جي سخت ضرورت آهي ۽ ان جي واڌاري بابت ٻہ رايا ٿي نٿا سگهن.

**آشا** - دادا؛ تهذيبي سڃاڻپ يا ڪلچرل آئڊنٽٽيءَ سان توهان جو ڪهڙو مطلب آهي؟

**ستيش روهڙا** - اهو سوال سچ پچ اهم آهي پر ان جي اهميت ڌانهن اسان مان گهڻن جو ڌيان نٿو وڃي. سماج ۾ لکين، ڪروڙين شخص رهن ٿا. هرهڪ شخص کي ٻئي شخص کان جدا ڪري سڃاڻڻ تمام ضروري هوندو آهي ۽ انڪري جيئن ئي ڪنهن ٻار جو جنم ٿيندو آهي تہ ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ اُن تي سڃاڻپ جو نشان لڳي ويندو آهي، اُن جي خاندان جو نشان لڳي ويندو آهي، اُن تي ڪنهن ڌرم جو نشان لڳي ويندو آهي، اُن تي ڪنهن ديش جي ناگرڪتا جو نالو لڳي ويندو آهي ۽ ائين هڪڙو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کان جدا ٿي ويندو آهي ۽ هرڪنهن ماڻهوءَ جي پنهنجي الڳ 'يونيڪ آئڊنٽٽي' ٿي ويندي آهي. اِها سڃاڻپ هر جاتيءَ لاءِ بہ ضروري آهي جنهن کي 'يونيڪ ڪلچرل آئڊنٽٽي' يا تهذيبي سڃاڻپ چئجي ٿو. آمريڪا لاءِ چيو ويندو آهي تہ 'It is culturally melting pot' جنهن ۾ سيئي ڪلچر هڪ ٿي ملي ٿا وڃن. پر سوال آهي تہ سماج ڪو اهڙو 'سوُپ' نہ آهي جنهن ۾ سيئي ڀاڄيون وجهجن ۽ اُن جو هڪڙو گڏيل سواد ٿي وڃي. هر سماج کي پنهنجيون خاصيتون آهن. هر سماج کي پنهنجو وهنوار آهي، هر سماج کي پنهنجي تاريخ آهي، هر سماج کي پنهنجيون خوبيون آهن ۽ انهن خوبين جي ڪري اُهي سماج ۾ هڪ ٻئي جي پسنديءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. جڏهن بہ ڪا سماج ننڍڙڪي ٿئي ٿي تہ ٻين سماجن ۾ ان جو حال اهڙو ئي ٿئي ٿو جهڙو ڪنهن ننڍڙڪي ٻار جو ٿيندو هجي. جنهن کي ڪابہ سڃاڻپ نہ هجي. ان ڪري هر جاتيءَ جي لاءِ سڃاڻپ ضروري آهي.

ان ڪري ڪيترين ٻولين جو ساهتيہ انهن ٻولين کان ڪافي دير سان پيدا ٿيو آهي. هرڪو ساهتيہ هزار، ٻہ هزار سال اول پيدا ٿيو آهي پر ٻوليون تہ هزارن سالن کان استعمال ٿين ٿيون. ان ڪري جڏهن اسين چئون ٿا تہ سنڌي ٻولي جي موجوده اسٿتي، تہ اسان کي اِهو ڏسڻو پوندو تہ ٻولي جي ڳالهائڻ واري روپ جي موجوده اسٿتي ڇا آهي ۽ ٻولي جي لکيل روپ جي موجوده اسٿتي ڪهڙي آهي. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وقت ڪهڙي وهنوار ۾ اَچي ٿي ۽ سنڌي ٻولي جو ساهتيہ ۾ ڪهڙو حال آهي.

هڪ ٻي ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ کپي. اسين چاهيندا هجون يا نہ چاهيندا هجون پر اسين رڳو هندوستان ۾ سنڌي ٻولي جي اسٿتيءَ جي ڳالهہ ٿا ڪريون. سنڌ ۾ اهو سوال پڇڻ جي ضرورت شايد نہ پوندي. تنهن جي معنيٰ تہ اسين اِهو ٿا پڇون تہ هندوستان ۾ ورهاڱي کان پوءِ جيڪي سنڌي هندوستان ۾ آيا آهن يا هندوستان کان ٻاهر هليا ويا آهن اُنهن جي وچ ۾ ڳالهائڻ واري ٻولي يا لکيل ٻولي جو هن وقت ڪهڙو حال يا حالت آهي؟

اسين ڏسون ٿا تہ ڳالهائڻ واري ٻولي جو واهپو اڳا هلي پيو ٿو ۽ لکيل ٻولي جو استعمال بہ ٿئي پيو ٿو. هڪڙو فرق آيو آهي تہ سنڌي ٻولي جو واهپو گهٽجي ويو آهي. اُن جو مکيہ ڪارڻ اِهو آهي تہ سنڌي سڄي هندوستان ۾ ٽڙي پکڙي ويا آهن ۽ ڪنهن بہ هنڌ تي اُهي گهڻي تعداد ۾ ڪونهن. ان ڪري ڪنهن بہ هنڌ اَهڙو ڪو ماحول نہ آهي جو سنڌي ماڻهو سنڌيءَ ۾ پنهنجو سمورو وهنوار ڪري سگهي. هن کي ٻاهرين ماڻهن سان واسطو رکڻو پوي ٿو. گهر ۾ ڪم ڪار ڪرڻ واريون مايون بہ گهڻي ڀاڱي غير سنڌي آهن. ٻارن جا جيڪي دوست آهن، اُهي بہ سنڌي نہ آهن. وندر لاءِ راند روند ڪرڻ وقت يا سنيما ڏسڻ وقت سنڌي ڳالهائڻ ڪين ملي ٿي ڪانہ ٿي. ان ڪري ڳالهائڻ جي واهپي ۾ گهٽتائي ٿي رهي آهي.

اڳي جيڪا اسڪولن ۾ سنڌي سيکاري ويندي هئي، اها ڏيري ڏيري گهٽجي رهي آهي. سنڌي اسڪول بند ٿي رهيا آهن. ٻين وشين يا موضوعن



جو دٻاءُ وڌي رهيو آهي. ماڻهو ٻين وشين ۾ ان ڪري وڌيڪ ڌيان ٿو ڏئي جو ان سان زندگيءَ جا گهڻيئي رستا کلن ٿا. سنڌيءَ سان روزي روٽيءَ جو تہ مسئلو حل ٿيڻو ڪونهي. سنڌي ٻولي جو واسطو ٻاونا سان آهي. اسانکي ماءُ سان ناتو ان ڪري نہ آهي تہ اُها ڪمائي ٿي يا سهڻي آهي. اسان جو ماءُ سان ناتو ان ڪري آهي جو اُها اسانجي ماءُ آهي. ساڳيءَ طرح سان پنهنجي ٻولي جي لاءِ هڪڙو جذبو، هڪڙي ڀاونا ٿئي ٿي جنهن جي ڪري ماڻهو پنهنجي ٻولي جو وهنوار ڪري ٿو.

حالتن جي ڪارڻ ڳالهائڻ واري ٻولي جو واهپو گهٽجڻ سڀاويڪ آهي پر عجب جي ڳالهہ اِها آهي تہ ساهتيہ جو واهپو وڌيل آهي! جدا جدا سنسٿائن جي پاران سرڪاري مدد ۽ انعام اڪرام اينرا گهڻا ملن ٿا جو اڄ گهڻائي ڪتاب ڇپجڻ لڳا آهن جڏهن ڪ پڙهندڙ گهٽجي رهيا آهن.

**آشا** - سنڌي ٻولي جي واڌاري جي ضرورت آهي بہ يا نہ؟

**ستيش روهڙا** - سنڌي ٻولي جي واڌاري جي ضرورت آهي يا نہ؟ سچ تہ ان سوال جي مٿان ئي سوال جي نشاني آهي ڇو تہ ان سوال پڇڻ جي ضرورت ئي ناهي. اسان جي سڄي سماج ۾ جيڪو ڳانڍاپو آهي اُن جو آڌار سنڌي ٻولي آهي. جيئن جيئن اسين ان جو واهپو گهٽائيندا ويندا اسين تيئن تيئن اسان جو سماجڪ سنبنڌ گهٽجندو ويندو ۽ اُهو سماج جي لاءِ تمام گهڻو نقصانڪار ثابت ٿيندو. لکيل سنڌيءَ جي بہ اسانکي سخت ضرورت آهي ڇو تہ لکيل سنڌي اسانجي اتهاس ۽ اسانجي لکيل ساهتيہ سان اسان کي ڳنڍي ٿي.

جيڪڏهن اسين اڄ سنڌي نہ ٿا لکون تہ پوءِ اسين پنهنجي گذريل وقت جي اتهاس کان ڪٽجي ويندا اسين ۽ اسان جي نئين پيڙهي ۽ اول جي ۽ نئين پيڙهيءَجي وچ ۾ هڪڙي کاهي پيدا ٿي ويندي. اهو چوڻ جي ضرورت نہ آهي تہ جيڪا سماج پنهنجي ادب ۽ تهذيب کان ڪٽجي وڃي اُها سماج پنهنجين پاڙن کان بہ ڪٽجي ويندي آهي ۽ ان ۾ تهذيبي

ان لاءِ اسان جو پهريون فرض آهي پنهنجي سڃاڻپ کي قائم رکڻ. تو انهن وسيلن بابت پڇيو جيڪي تهذيبي سڃاڻپ کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهن. انهن وسيلن ۾ مکيه وسيلو آهي پنهنجي پراڻي اِتهاس يا پراڻي تاريخ کان پاڻ کي واقف ڪرڻ. اِها چوڻي مشهور آهي ته ’جيڪا جاتي پنهنجي تاريخ کي وساريندي آهي، تاريخ به ان جاتيءَ کي وساري ڇڏيندي آهي.‘ هتي مان تنهنجو ڌيان ان ڳالهه ڏانهن ڇڪائڻ چاهيندس ته ’تاريخ کي ياد ڪرڻ ۽ تاريخ ۾ جيئڻ‘ ٻه جدا ڳالهيون آهن. اڄ سنڌين کي اِهو ياد رکڻو آهي ته ’جيڪا جاتي تاريخ ۾ جيئندي رهندي آهي اُها تاريخ بڻجي ويندي آهي.‘ مطلب ته اِها جاتي موجوده وقت کان ڪٽجي ويندي آهي ۽ ان جاتيءَ جو وجود ئي نه رهندو آهي. اُها رڳو تاريخ جي حوالي ۾ ياد رهندي آهي ان ڪري اسان سنڌين کي ياد رکڻو پوندو ته اِتهاس کي ياد ڪرڻ لازمي آهي ڇو ته ان کان سواءِ پنهنجي تهذيبي سلسلي کي قائم رکڻ ڏکيو ٿيندو پر......

پر اِتهاس ۾ جيئڻ جي ڪوشش ڪندو رهڻ جاتيءَ جي لاءِ آتم هتيا ڪرڻ جي برابر آهي. ان ڪري موجوده وقت جي تقاضائن سان پاڻ کي جوڙيندي تاريخ جي حوالي کي سمجهڻو آهي. تاريخ ۾ اسانجي جيڪا ادب جي وراثت آهي، اُن کي سمجهڻو آهي. جيڪا تهذيبي وراثت آهي اُن کي به سمجهڻو آهي. ساڳئي وقت موجوده وقت جي حالت کي ڌيان ۾ رکندي اڳيان وڌڻو آهي. جي اسين ٻه ڳالهيون ڌيان ۾ رکون ته اِتهاس کي ياد ڪرڻ ۽ اِتهاس ۾ جيئڻ الڳ آهي ته اسان لاءِ تهذيبي سڃاڻپ قائم رکڻ آسان ٿيندو.

**آشا** - دادا، اتهاس کي ياد ڪرڻ ۽ اِتهاس ۾ جيئڻ ۾ جيڪو فرق آهي اُهو ذرا وڌيڪ کولي سمجهايو.

**ستيش روهڙا** - آشا، اتهاس يا تاريخ کي ياد ڪرڻ جو مطلب آهي گذريل وقت ۾ سنڌي سڀيتا ڪيئن هئي ان جي ڄاڻ ڏيڻ. موهن جي دڙي مان خبر



۾ اسان کي ڪو پرانت ڪونه مليو يا هن يا هُن جاتيءَ سان دوکو ڪيو يا هندوستان ۾ سنڌ ٺاهڻ کپي. اِتهاس کي ياد ڪندو رهڻ آهي.

**آشا** - توهان جيڪي ڳالهيون ٻڌايون انهن جي لاءِ ڀلا ڪهڙا اُپاءَ ٿي ٿا سگهن؟

**ستيش روهڙا** - ائين ته آشا، اڄ جيڪي اسان وٽ ساڌن آهن انهن ۾ آمهون - سامهون واريون سرگرميون هلائڻ جي ايڏي وڏي اهميت نه آهي ڇو ته انهن جو دائرو محدود آهي. ٻه ٽي سوَ ماڻهن کان وڌيڪ آمهون سامهون ڪنهن به قسم جي سرگرمي هلي ڪانه ٿي. تنهن جي ڪري اسين آن لائين تي پنهنجيون سرگرميون هلايون. ائين لکن سنڌين تائين پهچي سگهجي ٿو. ان لاءِ جيڪا سوچنا کپي اُها ڪنهن هڪ ماڻهوءَ وٽ موجود هجي، اهو ڏکيو آهي ان ڪري ڪنهن سنستا کي اڳيان اچڻ جي ضرورت آهي جنهن وٽ تمام وڏو cultural data base سنڌين جي سوچنا بابت هجي. يا ڪي ودوان مقرر ڪجن جيڪي سوچنا موجود ڪن. هندوستان ۾ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ سنڌي آهن. اُنهن کان سواءِ ٽي چار ڪروڙ سنڌي سنڌ ۾ آهن. ڏهه لک کن سنڌي ٻين ملڪن ۾ آهن. انهن جي وچ ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ لاءِ آن لائين، سوشل ميڊيا وغيره جو استعمال ڪجي ۽ سنڌين بابت گهڻي ۾ گهڻي ڄاڻ ميسر ڪجي. ان ڄاڻ ۾ پراچين سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ، ان جون خاصيتون، سنڌي اعليٰ شخصيتون، سنڌين جي جدا جدا کيترن ۾ حاصلاتون دنيا جي الڳ الڳ ملڪن ۾ سنڌين جو واڌارو. سنڌي ڀاشا ۽ ان جون خوبيون. سنڌي ڏڻ وار، سنڌي سٺا شعر، سٺيون ڪهاڻيون، سنڌي سکڻ جا پاٺ، سنڌيءَ ۾ ٻه ڀاشائي، ڊڪشنريون، سٺا سنڌي ڪتاب، محاورا، پهاڪا وغيره سڀ اهڙي طريقي موجود هجن جو ڪوبه سنڌي موبائيل تي جنهن وقت چاهي اها سڀ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. ان طريقي ۾ اهڙو به بندوبست هجي جو ڪوبه سنڌي پنهنجو سوال پڇي سگهي ۽ کيس سندس سوال جو جواب ملي سگهي. اها سموري

پوي ٿي تہ ان وقت جي سنڌي سڀيتا وڏي شاندار تهذيب هئي ۽ اسين ان تهذيب جا وارث آهيون. اسان کي سر مٿي ڪري پنهنجي اِها ڳالهہ چوڻ گهرجي. پنج هزار سال اول موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن تي چٽر لپيءَ جا چٽر اِها ڳالهہ ثابت ٿا ڪن تہ ان جڳ جا رهواسي لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا ۽ ڪيتي بہ ڪندا هئا. اسين اهڙي شاندار ۽ واڌارو ڪيل تهذيب جا وارث آهيون. اسانکي اِهو ياد ڪرڻ کپي ۽ اها ڄاڻ پنهنجي نئين پيڙهيءَ کي ڏيڻ کپي. اسان کي اهو چوڻ کپي تہ اسين پراچين وقت کان سڀيہ آهيون. اسين بنيادي طرح سان ئي وڪاس ڪيل آهيون. اسين تڏهن کان وٺي پڙهڻ سکيل آهيون جڏهن دنيا جا گهڻا ماڻهو اجا پڙهڻ ڪونہ ڄاڻندا هئا. اسين ان وقت ململ جهڙو سنهو ڪپڙو پائيندا هئاسين جڏهن دنيا جي گهڻن ملڪن جا ماڻهو اُگهاڙا گهمندا هئا. اسان کي اهو بہ ڏيکارڻو آهي تہ اَسان جي مٿان ايترا حملا ٿيا، ايترن حملن جي باوجود سنڌي سڀيتا ڪيئن اجا تائين قائم آهي. تبديليون آيون ۽ ويون پر هر تبديل کي اسان جذب ڪيو. اِها خوبي اسانجي اڄ بہ قائم آهي جو ورهاڱي جهڙي ڀيانڪ گهٽنا کي بہ اسان صبر ۽ همت سان برداشت ڪري ورتو. اڄ جي پيڙهيءَ کي ڪا خبر ڪانهي تہ سندن وڏن ورهاڱي سبب ڪهڙيون تڪليفون ڀوڳيون ۽ ڪيئن اسين ان هنڌ پهتا آهيون جڏهن ٻيا سڀ ماڻهو سنڌي جاتيءَ جي ساراهہ ڪن ٿا. اِها ڄاڻ نئين پيڙهيءَ کي ڏيڻ ڇو ضروري آهي؟ اِها ڄاڻ ڏيڻ ضروري ان ڪري آهي جيئن انهن کي احساس ٿئي تہ سنڌي ماڻهو تمام گهڻو انٽرپرينر يا ساهسي ڪاروباري آهي ۽ دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪنهن بہ جاتيءَ سان گڏجي رهڻ ۾ پنهنجي لاءِ جڳهہ ٺاهي ڄاڻي. مان ڪڏهن ڪڏهن چوندو آهيان تہ سنڌي اهو ٻوٽو آهي جيڪو پهاڙ جي چير مان بہ اُڀري اچي. نئين پيڙهيءَ کي اِها ڳالهہ ٻڌائڻي آهي.انڪري اِتهاس کي ياد ڪرڻ جو مطلب آهي پنهنجي پراچين سنسڪرتيءَ جي مهانتا کي نئين پيڙهيءَ تائين پهچائڻ.



جڏهن اسين اِتهاس ۾ جيئڻ جي ڳالهہ ڪيون ٿا تہ ان جو مطلب آهي موجوده حالت ۾ پنهنجي سڃاڻپ جا اُپاءَ وٺڻ يعني وقت جي تبديل سان گڏ اسانکي بدلجڻو پوندو.هاڻي اِهو بدلاو ڇا آهي؟ بدلاوَ اِهو آهي تہ اڄ جي يڳ ۾ ٽيڪنالاجيءَ جو تمام گهڻو واڌارو ٿيو آهي. اسانکي انهن ساڌنن جو استعمال ڪري پنهنجي تهذيبي سڃاڻپ کي قائم رکڻ جي ضرورت آهي. اسانکي اڄ دنيا جي سنڌين تائين ڳالهہ پهچائڻي آهي تہ ڪيئن اڄ بہ سنڌي هر کيتر ۾ اڳيان آهن. اهو وهم ڪڍڻو آهي تہ اسين رڳو واپاري آهيون. انهن کي اهو بہ ٻڌائڻو آهي تہ نريندر هيرواڻي بہ سنڌي آهيجنهن آسٽريليا خلاف هڪڙي مئچ ۾ يارهن وڪيٽون ورتيون هيون. سنتو شهاڻي بہ سنڌي هو جنهن آرڊيننس فئڪٽريءَ ۾ ايترو شاندار ڪم ڪيو جو ان کي ’پدم وڀوشڻ‘ لقب عطا ڪيو ويو. اڄ بہ اسان وٽ پنڪج آڏواڻي آهي جيڪو بِلئَرڊ ۾ ورلڊ چيمپين آهي. نئين پيڙهيءَ ۾ فخر جو احساس پيدا ڪرڻو آهي هندوستان ۽ ٻين ملڪن ۾ سنڌين جي ’ڪانٽريبيوشن‘ بابت کين ڄاڻ ڏيڻي آهي. سنڌين جي نئين پيڙهيءَ خواه غير سنڌين کي بہ اهو ٻڌائڻو آهي تہ سنڌين سماجڪ واڌاري جا ڪهڙا ڪم ڪيا آهن؟ سنڌين ڪيتريون اسپتالون کوليون آهن. ڪيترا اسڪول ۽ ڪاليج بہ کوليا آهن. ان کان سواءِ انهن سماج جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيتريون سنسٿائون کوليون آهن. جدا جدا کيترن جي ايڪاناميءَ ۾ سنڌين جو وڏو يوگدان آهي. لکن ماڻهن کي سنڌين روزگار ڏنو آهي. هر سنڌي جيڪو پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري ٿو اُهو لڳ ڀڳ ڏهن ماڻهن کي روزگار ڏئي ٿو. نوجوانن کي ٻڌايو وڃي تہ اڄ لڳ ڀڳ ڏيڍ سو ملڪن ۾ سنڌي وسيل آهن. ڪٿي پنج سو آهن تہ ڪٿي پنجاهہ هزار آهن پر سڀني ملڪن جي واڌاري ۾ انهن جو تمام اهم رول رهيو آهي. اُهي پنهنجو پاڻ ۾ بہ سڀر ۽ سماج ۾ عزت جي قابل بڻيا آهن. اها ڳالهہ آهي موجوده وقت ۾ جيئڻ جي ڳالهہ. باقي رڳو دانهون ڪندو رهڻ تہ ورهاڱي

ڄاڻ سنڌي ديوناگري ۽ رومن لپين ۾ به موجود هئڻ گهرجي. اهو ڪم ڏسڻ ۾ وڏو ضرور آهي پر موجوده ٽيڪنالاجيءَ ۾ اهو وڏو نه آهي. ان ڪري مان چوان ٿو ته جي ڪڏهن ڪا سنسٿا هجي جنهن وٽ ڪي سوچ ۽ ڄاڻ وارا ماڻهو هجن ۽ ساڌن به ميسر ٿي سگهن نه اهو ڪم ڪو اهڙو ڪونهي جنهن کي ناممڪن چئي رد ڪري ڇڏجي.

**آشا** - دادا، هيءُ جيڪي سيمينار، ڪانفرنسون، گڏجاڻيون وغيره ٿين ٿيون؟ انهن مان ڪو سچ پچ فائدو آهي به يا نه؟

**ستيش روهڙا** - آشا، مونکي هتي شاهه عبداللطيف جي شعر جون به سٽون ياد ٿيون اچن. شاهه چوي ٿو :-

’روزا ۽ نمازون ئي پڻ چڱو ڪم،
اِهو ڪو بيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.‘

ڪانفرنسون، گڏجاڻيون به سٺيون آهن. ان وقت جيڪي ماڻهو گڏجن ٿا اُهي چون ٿا ته اسان کي سنڌي ڀاشا قائم رکڻ گهرجي. اِها ڳالهه دهرائين ٿا ته سنڌي اسڪول بند ٿي رهيا آهن. اسان کي ٻارن سان سنڌي ڳالهائڻ کپي وغيره؛ پر انهن ڳالهين مان ڪو فائدو ڪونهي. ور ور دهرايل موضوعن تي سيمينار ڪرڻ جي بدران ڪن اهڙن ڪلاسن هلائڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي جنهن مان نوان اُسرندڙ ساهتيڪار پيدا ڪري سگهون ته ان ۾ ڏاڍو فائدو ٿيندو. اهڙن نوجوانن جون ڪانفرنسون ڪيون جن ۾ کين اها ڳالهه ٻڌائي سگهون ته اسان جو تهذيبي ورثو ڇا آهي. کين سمجهائي سگهون ته موجوده وقت ۾ تهذيبي ورثي کي قائم رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ نوجوانن کي اها ڳالهه به سمجهائي سگهون ته تهذيبي نندڙڪائي جاتيءَ لاءِ ڪيتري خطرناڪ ٿيندي آهي. تڏهن ڪو انهن گڏجاڻين مان فائدو ٿي سگهي ٿو. باقي ساڳي ڳالهه رڳو دُهرائيندا رهنداسين ته ’سنڌي سکو، سنڌي سکو‘ ته ان مان ڪو فائدو ڪونهي ڇو ته رڳو چوڻ سان ڪڏهن ڪير ڪونه سکندو آهي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق



**روهڙا** - ها ڀارتي، منهنجو جنم ۱۹۲۹ع ۾ ٿيو هو ان ڪري ورهاڱي وقت منهنجي عمر ۱۷-۱۸ سال هئي. مونکي ننڍپڻ جون گهٽيون ئي ڳالهيون ياد آهن جن جو بيان ڪرڻ جي لاءِ هتي ايتري گنجائش ڪانهي. پر مان هڪڙو واقعو ضرور ٻڌائڻ چاهيندس جنهن سان اُن وقت جيڪا سنڌ جي سماج هئي اُن تي روشني پوي ٿي.

ڳالهه ۱۹۴۷ع ۾ ورهاڱو ٿيڻ کان پوءِ جي آهي. پنجاب ۾ فساد ٿيا هئا ۽ مهاجرن سان ڀريل ٽرين ڪراچيءَ ويندي دادوءَ اسٽيشن وٽان لنگهي رهي هئي. دادوءَ اسٽيشن تي اُها گاڏي بيٺي هئي ۽ مُهاجرن جو هڪڙو وڏو انبوهه اسٽيشن تي ڦُر لُٽ ڪري اُن کان ٻاهر نڪري دڪانن کي ڦرڻ لٽڻ لاءِ اَچي رهيو هئو. منهنجي پيءُ جو دوڪان اسٽيشن جي ٻاهران ئي هو، ۽ اُن وقت منهنجو پيءُ پنهنجي دوڪان جي ڪائونٽر تي ويٺو هو. منهنجي پيءُ جو هڪڙو دوست هو ’صالح محمد صديقي‘ اُهو پئنٽر هو، پٽين تي اِشتهار لکندو هو. سامهون هڪڙي انبوه کي ايندو ڏسي صالح منهنجي پيءُ کي ڌڪو ڏيئي پري ڪيو ۽ ڪائونٽر تي پاڻ ويهي رهيو. جڏهن اهو انبوهه اچي پهتو ۽ انهن جي دواران ڦرلٽ ڪرڻ جهڙو ارادو ڏسڻ ۾ آيو تڏهن صالح کين چيو ادا، مان ته مسلمان آهيان ۽ توهين هي دوڪان ڇو ٿا ڦريو؟ ته هنن کي اعتبار ڪونه آيو ۽ چيائونس ته چڱو ڪلمو پڙهي ٻڌاءِ.

صالح تمام چڱيءَ طرح سان ڪلمو پڙهي ٻڌايو ڇاڪاڻ ته صالح مسلمان ته هو ئي هو. ۽ اوچتو انهن مهاجرن مان ڪنهن هڪڙي مهاجر جي نظر ڪائونٽر تي ٽنگيل ڀڳوان رام جي تصوير تي پيئي. هُن صالح ڏانهن منهن ڪري چيو، جي تون مسلمان آهين ته ڪافرن جي هن ديوتا جي تصوير ڇو ٽنگي اٿئي؟ صالح تمام جلدائي سان اها تصوير لاهي ڪٽي ڦِٽي ڪئي ۽ چيائين ادا، مون اِجا هيءُ دوڪان هڪڙي هندوءَ کان تازو تازو خريد ڪيو آهي ان ڪري اِها تصوير اِتي ٽنگي پيئي آهي. پوءِ اُهو سڄو انبوهه موٽي ويو ۽ اَسانجي دوڪان جي ڦرلٽ ڪانه ٿي. انبوهه جي وڃڻ

آهي. جي اسين سچ پچ چاهيون ٿا تہ نئين پيڙهي سنڌي سکي تہ اسان کي ان قسم جا پروگرام ڪرڻ کپن. جيئن ڪهاڻيون ٻڌائڻ، پڙهائڻ، انهن جون ڇنڊڇاڻيون ڪرائڻ، ناٽڪ ڪرائڻ، تهذيبي عام ڄاڻ وڌائڻ لاءِ quiz وغيره جهڙا پروگرام رکڻ. مطلب تہ سنڌي ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جا ڪاريہ ڪرم ڪجن تہ اُهو وڏيڪ فائدي وارو ٿي سگهي ٿو. ائين آمهون - سامهون وارين سرگرمين جو بہ فائدو وٺي سگهجي ٿو.

**آشا** - دادا سڀ کان اهم ڳالهہ توهان کي سنڌي جاتيءَ جي حوالي ۾ ڪهڙي ٿي لڳي؟

**ستيش روهڙا** - هاڻي مان سمجهان ٿو تہ اُها ڳالهہ چوان جيڪا ڳالهہ مان سدائين چوندو رهندو آهيان پر شايد اڄا تائين مان اها ڳالهہ گهڻن ماڻهن کي محسوس نہ ڪرائي سگهيو آهيان. سنڌي جاتيءَ لاءِ سڀ کان اهم ڳالهہ آهي سڄي دنيا جي سطح تي سنڌين کي پاڻ ۾ جوڙڻ. ان لاءِ ضروري آهي سوچنا جي ٽيڪنالاجيءَ جو فائدو وٺڻ. اسان جو مقصد هئڻ گهرجي تہ سڄي دنيا ۾ ڪهڙي بہ هنڌ رهندڙ سنڌي پاڻ کي سنڌي محسوس ڪري. ائين محسوس ڪرڻ لاءِ هوُ ٻين سنڌين سان جيستائين نہ جڙندو تيستائين هوُ پاڻ کي سنڌي محسوس نہ ڪندو ۽ پنهنجي سنڌي هئڻ جو فخر بہ هن ۾ پيدا نہ ٿيندو. جي هن کي ٿي پاڻ تي ۽ پنهنجيءَ جاتيءَ تي فخر نہ ٿيندو تہ ٻين کي بہ سنڌي جاتيءَ لاءِ عزت ۽ مان پيدا نہ ٿيندو. ان ڪري سڀ کان وڏيڪ اهميت ان ڳالهہ جي آهي تہ هر ڪو سنڌي اهو سمجهي تہ مان اڪيلو نہ آهيان. اسين لکين سنڌي پاڻ ۾ جڙيل آهيون.

**آشا** - دادا، توهان سنڌي جاتيءَ ۽ ان جي تهذيبي سڃاڻپ جي باري ۾ جيڪا اهم ڄاڻ ڏني آهي ان لاءِ توهان جي گهڻي گهڻي مهرباني.



# ستيش روهڙا

## پارتي سدارنگاڻي

نمستي،

مان پارتي سدارنگاڻي اڄ اوهان ٻڌندڙن لاءِ آل اِنڊيا ريڊيو طرفان هڪ بهترين تحفو کڻي آئي آهيان ۽ اُهو آهي هڪ اِنٽرويو، ڊاڪٽر ستيش روهڙا جو. ڊاڪٽر روهڙا، هِندي ۽ سِنڌي ٻوليءَ جا ودوان ۽ ڀاشا وگياني هئڻ سان گڏ برک ڪهاڻيڪار شاعر ۽ نقاد پڻ آهن. سندن ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. کين ساهتيہ اڪادمي انعام پڻ مليل آهي. اَچو تہ اَڄ ڊاڪٽر ستيش روهڙا سان ڳالهيون ٻولهيون ڪريون جيئن کين وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان سڃاڻي ۽ سمجهي سگهون.

**پارتي** - نمستي، ڊاڪٽر روهڙا

**روهڙا** - نمستي، پارتي

**پارتي** - اوهان جو هتي دلي سواگت آهي. توهان جو جنم پارت جي ورهاڱي کان گهڻو اڳ ١٩٣٠ جي آس پاس سنڌ ۾ ٿيو. ڇا توهان سنڌ جو ڪو واقعو ٻڌائي سگهندا؟

---

پارتي سدارنگاڻي انگلش لٽريچر ۾ ايم. اي. ۽ ايڊيوڪيشن ۾ ايم. ايڊ آهي. پارتي ڪوتائون لکندي آهي.

ڪانپوءِ صالح منهنجي پاءُ کي دوڪان جي ڪائونٽر تي ويهاري چيو - يار، هاڻي توهين ڀلي ملڪ ڇڏي وڃو ڇو ته لڳي ٿو ته اسين توهان کي هاڻي هتي بچائي نه سگهنداسين. اُهو صالح اسانکي حيدرآباد تي به ڇڏڻ آيو هو جڏهن اسين هندوستان اَچي رهيا هئاسين.

**ڀارتي -** ائين توهان لکين سنڌين وانگر هندوستان جو ورهاڱو ڏٺو ۽ پنهنجي ماترڀوميءَ کان وڇوڙي جو ڏک به برداشت ڪيو. توهان ڀارت ۾ ڪڏهن آيا ۽ ڪٿي ڪٿي ويا؟

**روهڙا -** ها ڀارتي، ورهاڱو ١٩٤٧ ۾ ٿيو. اَسين ١٩٤٨ جي شروعات ۾ هندوستان آياسين ۽ نصيرآباد کان پوءِ اسين اَچي اَجمير ۾ رهياسين پر جلدي پنهنجي ڪٽنب کي اُتي ٿانئيڪو ڪري، سنڌين جو جيڪو وري وسائڻ جو ڪم هلي رهيو هو اُن ۾ حصيداري ڪرڻ لاءِ مان اول ناگپور، پوءِ بلاسپور ۽ پوءِ ڪٽنيءَ هليو ويس. ١٩٥٠ ۾ منهنجن دوستن هتان گانڌيڌام مان مونکي هڪڙي تار موڪلي جنهن ۾ لکيو هو ته ڀائي پرتاپ هڪڙو نئون شهر سنڌين کي وري وسائڻ لاءِ اَڏي رهيو آهي جيڪو هڪ نئين سنڌ ٿيندي ۽ هاڻي اَسان جو فرض آهي ته گانڌيڌام کي سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ طرح سان ڊيولپ ڪرڻ ۾ اُن جو ساٿ ڏيون. ان ڪري تون گانڌيڌام هليو اچ ۽ پوءِ مان ١٩٥٠ ۾ گانڌيڌام هليو آيس. هتي اسان دوستن گڏجي گانڌيڌام جي سماجڪ ۽ سانسڪرتڪ واڌاري جون سرگرميون شروع ڪيون.

**ڀارتي -** توهان جڏهن گانڌيڌام ۾ رهندا هئا، اُن وقت گانڌيڌام اَڃا وسي رهيو هو. ڪهڙو ماحول هو تڏهن هتي؟

**روهڙا -** ها، مون گانڌيڌام کي ائين ئي وسندو ۽ متي اُڀرندو ڏٺو آهي جيئن ڪنهن ٻار کي وڌندو ڏسجي. مان هتي ١٩٥٠ ۾ آيو هوس. اُن وقت گانڌيڌام نالي وارو حصو ته هئو ئي ڪونه. جنهن حصي کي اڄ گانڌيڌام ٿا چئون اِن حصي کي تڏهن 'سردارنگر' چئبو هو. آديپور ۽ سردارنگر، ٻنهي کي گڏي 'گانڌيڌام' چئبو هو. اَسين روز آديپور کان شام



ٻولي، ادب ۽ تهذيب سان واسطيدار ڪم ڪندڙ هڪ اهم سنسٿا آهي. سنڌالاجيءَ جو ڪانسيپٽ اوهان جي من ۾ ڪيئن آيو ۽ اوهان اِن جي آئينده جي واڌاري بابت ڇا ٿا سوچيو؟

**روهڙا -** ها ڀارتي، اِهو هڪڙو وڏو ۽ اهم سوال آهي. مان جڏهن بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ پاڙهيندو هوس تڏهن اسانجي هندي ڊپارٽمينٽ جي ڀرسان ئي هڪڙو وڏو انسٽيٽيوٽ هو جنهنجو نالو هو 'انسٽيٽيوٽ آف اِنڊالاجي' مان اُتي به 'اِٿنو لنگئسٽڪ' يا ٽرائبل ٻوليون پاڙهڻ ويندو هوس. اُن انسٽيٽوٽ کي ڏسي منهنجي من ۾ اِهو خيال پيدا ٿيو هو ته جڏهن مان رٽائر ڪندس تڏهن اِن ئي انسٽيٽيوٽ جي ڊِنگ تي ڪو اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کوليندس اِهو ئي ڪارڻ آهي جو اڃا مان بنارس ۾ ئي هوس تڏهن ١٩٧٣ ۾ مون 'سنڌالاجيءَ' نالي ڪونج جو هڪڙو خاص پرچو ايڊٽ ڪيو هو جنهن ۾ سنڌي ڀاشا، سنڌي سنسڪرتي، سنڌي جاگرافي وغيره جا ليک آهن مطلب ته سنڌالاجيءَ جي ڏارٽا يا سنڌالاجيءَ جو ڪانسيپٽ منهنجي من ۾ ڪافي گهڻي ڏينهن کان موجود هو.

رٽائرمينٽ کان پوءِ مون پنهنجن ڪن دوستن سان گڏجي هڪڙو سنڌالاجيءَ جو خاڪو ٺاهيو ۽ اُن موجب اسان سنڌالاجيءَ جي اسٿاپنا ڪئي. سنڌالاجيءَ جو مقصد ڪافي صاف آهي. اُهو آهي اهو ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ ته سنڌي سنسڪرتي دنيا جي هڪ پراچين ۽ بهترين سنسڪرتي آهي ۽ سڀئي سنڌي اُن سنسڪرتيءَ جا وارث آهن ان ڪري اُن کي بچائي رکڻو آهي. دنيا جي سڀني سنڌين کي پاڻ ۾ سنڌي سنسڪرتيءَ جي ڌاڳي سان ڳنڍڻو آهي. سنڌالاجيءَ جو آئينده جو سوچ به اِهو آهي ته هاڻي نئين ٽيڪنالاجيءَ جو فائدو وٺي، آن لائين سوشل ميڊيا وغيره جي دواران دنيا ڀر ۾ جيڪي به سنڌي آهن اُنهن سڀني کي سنڌي سنسڪرتيءَ سان جوڙجي، جيئن نئين پيڙهيءَ ۾ اِهو احساس پيدا ٿئي ته سنڌي سڏائڻ فخر جو باعث آهي شرم جو نه.

**ڀارتي -** ڳالهه آئينده جي نڪتي آهي ته هڪ اهم سوال مان اوهان کان

جو اُتي ڏسڻ ويندا هئاسين تہ ڪوئي گهر نهيو آهي يا نہ ۽ جيڪڏهن ڪو گهر نهندو هو، ڪو دوڪان نهندو هو تہ اَسين ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين. اُن وقت گانڌيڌام اَچڻ جو ڪو ساڌن بہ سولو ڪونہ هو ڇو تہ اجا گانڌيڌام واري اسٽيشن ڪانہ ٺهي هئي ۽ ريلوي لائين ڪا نہ هئي. ڪنڌلا پورٽ بہ اَجا تائين وجود ۾ ڪونہ آيو هو. اَسين نوَ لکي پورٽ تان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ايندا هئاسون ۽ جنهن کي اڄ ڪلهہ 'مينا پورٽ' چئبو آهي اُتي اَچي لهندا هئاسين. اُن وقت سمورو گانڌيڌام هڪڙو گهر لڳندو هو! سڀ ماڻهو ٽرڪ ۾ چڙهي، جيڪڏهن ڪير اَچڻو هوندو هو تہ، اُن کي وٺڻ ويندا هئاسين ۽ شام جو هن کي آديپور جي سيني گهرن ۾ گهمائيندا هئاسين ڇڻ تہ گهر ۾ هڪڙو مهمان آيو آهي. ٿورن نهيل گهرن کان سواءِ باقي جيڪو ملڪ هو سو تہ واريءَ جا ڍير هو جنهن واريءَ جي ڍيرن کي هٽائي هٽائي هن آديپور ۽ گانڌيڌام جي اَڏاوت ڪئي ويئي آهي.

**پارتي** - توهان سنڌي ادبي جڳت سان جڙڻ کان اول هندي ٻولي ۽ ريسرچ سان جڙ يل هئا. توهان هنديءَ جي کيتر ۾ ڪيئن پهتا؟

**ستيش** - ها، ائين تہ سنڌي منهنجي ماتري ڀاشا آهي، پر مان هنديءَ کي پنهنجي ڌاتري (پالينڌڙ) ڀاشا ڪري قبول ڪندو آهيان. اُن جو ڪارڻ اهو آهي جو منهنجو سڄو ڪئريئر هنديءَ جي دواران ٺهيل آهي. مون جيڪي بہ امتحان پاس ڪيا اُهي هنديءَ ۾ آهن. مون هنديءَ ۾ ايم. اي. ڪئي ۽ اِن ڪري ڇڻ تہ هنديءَ سان منهنجو ناتو گهڻو رهيو آهي. ائين تہ مون جيڪا ڀاشا وگيان ۾ پي. ايڇ. ڊي. ڪئي اُها ڪا سڌي هنديءَ جي ريسرچ سان واسطو نہ رکندي هئي، مون تہ ڪڇي ڀاشا جي رچنا تي پي.ايڇ. ڊي. ڪئي هئي. اُن کان پوءِ مون پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات بنارس هندي يونيورسٽيءَ کان ڪئي جتي مان اُنهن ڏينهن ۾ هندي ۽ ڀاشا وگيان جي ليڪچر (اسسٽنٽ پروفيسر) جي روپ ۾ اپائينٽ ٿيو هوس اُن کان پوءِ سڄو وقت مان هنديءَ سان ئي جڙيل رهيو آهيان ۽



هنديءَ ۾ ئي منهنجو ڪئريئر وڌيو آهي. مان هنديءَ ۾ ئي 'ريڊر' (ائسوسئيٽ پروفيسر ) ۽ پوءِ پروفيسر ٺهيس. هندي پاڙهڻ جي لاءِ ئي مان وديش ۾ وزٽنگ پروفيسر ٿي ويس. ائين زندگيءَ جو چڱو وڏو عرصو منهنجو هنديءَ سان جڙيل رهيو آهي.

**پارتي** - هنديءَ جي کيتر سان اينٽري ويجهائي هئڻ ڪانپوءِ بہ اوهان سنڌيءَ طرف واپس ڪيئن مڙيا؟ اهو ڪهڙو سبب هو جنهن توهان کي وري پنهنجي مادري زبان سان جوڙيو؟

**روهڙا** - پارتي، منهنجي مڃتا آهي تہ ڀاشا پنهنجو پاڻ ۾ ڪا الڳ شيءِ نہ آهي. اها ماڻهوءَ جي سموري سنسڪرتيءَ جو هڪڙو حصو آهي. منهنجي سنسڪرتي سنڌي سنسڪرتي آهي. مان سنڌي ڀاشا ۾ نہ ڄائو آهيان، مان سنڌي سنسڪرتيءَ ۾ ڄائو آهيان. اِنڪري منهنجي اندر سنڌيءَ جو سنسڪار آهي ئي آهي، ۽ اُهو سنسڪار ٻاهر اَچي، اُن کي موقعو کپندو هو. ۽ جيئن ئي منهنجي رٽائرمينٽ جو وقت ويجهو آيو، تيئن مونکي ڇڻ تہ پنهنجي سنڌيءَ سان وري جڙڻ جي جيڪا تمنا هئي اُها شروع ٿي ۽ اُن جو موقعو بہ مليو. مون دهليءَ جي ڪنهن ادبي ڪلاس ۾ هڪڙو ليک پڙهيو هو جيڪو اسان جي هڪڙي دوست جي لکيل هنديءَ ڪتاب تي هو. ان تنقيدي ليک تي منهنجن دوستن منهنجي ڪافي ساراهہ ڪئي. ائين ئي منهنجو نقاد ڇڻ تہ ٻاهر اَچي ويو. ائين ئي ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي پاران احمدآباد ۾ ٿيل ادبي ڪلاس ۾ مونکي پهرين پهرين پنهنجي ڪهاڻي پڙهڻ جو موقعو مليو. اُها منهنجي پهرين ڪهاڻي هئي 'نيري آرام ڪرسي'. ان ادبي ڪلاس ۾ موجود منهنجن سيني دوستن اُن کي ڏاڍو ساراهيو ۽ ائين منهنجي سنڌي ڪهاڻيڪار کي ٻاهر اَچڻ جو موقعو ملي ويو. اُن کان پوءِ مان لڳاتار سنڌيءَ سان جڙيو رهيو آهيان ۽ سنڌيءَ ۾ لکندو رهيو آهيان.

**پارتي** - منهنجي ڄاڻ مطابق، توهان دوستن سان گڏجي اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي شروعات ڪئي هئي، جيڪا اڄ بہ سنڌي

مان سمجهان ٿو ته ڪافي آهن.

**پارتي -** جي، جيڪا توهان جي خوشي. اسين ته وڏيڪ تنها ٻڌي وڌيڪ خوش ٿيون هان.

**پارتي -** توهان جي ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ اڪيلائپ جو احساس تمام گهرو آهي، پوءِ چاهي اُهو 'رشتو' ڪهاڻي هجي يا 'نيري آرام ڪرسي' اِن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

**روهڙا -** تنهنجو اِهو چوڻ سچ آهي ته منهنجين گهڻين ڪهاڻين ۾ اڄ جيڪا رشتن ۾ ٽڏاڻ اَچي ويئي آهي اُن جو اظهار آهي. پر حقيقت ۾ منهنجيون ڪهاڻيون جيڪي جديد ڪهاڻيون سمجهي سگهجن ٿيون اُن ۾ اِنساني من جي جيڪا رچنا آهي، اُن تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. ان ڪري اُنهن ۾ اُپديش، سماج سڌار وغيره جون ڳالهيون نه آهن. ائين ته ٻيا به گهڻائي وشيه منهنجي ڪهاڻين ۾ آهن پر انسان جي اڪيلائپ جيڪا رشتن جي ٽڏائپ سبب شروع ٿي آهي اُن جو منهنجين ڪهاڻين ۾ ذڪر وڌيڪ آهي، اُن ۾ ڪو شڪ ناهي. اُن جو ڪارڻ اِهو آهي ته اڄ سماج ۾ ماڻهن جا هڪ ٻئي سان رشتا تمام گهٽجن پيا ۽ هرڪو ٻئي ڏانهن ٽڏو ٿي رهيو آهي. ۽ رشتن ۾ گرماهٽ ۽ پنهنجائپ گهٽجڻ سبب هو پنهنجو پاڻ ۾ اڪيلو ٿيندو ٿو وڃي اڄ جي انسان جي اُها اڪيلائپ منهنجين ڪهاڻين ۾ ظاهر ٿي آهي.

**پارتي -** توهان کي ٢٠٠۴ ۾ ساهتيه اڪادمي انعام هڪ تنقيدي ڪتاب 'ڪوتا ڪان ڪوتا تائين' تي مليو هو تنقيد بابت اوهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

**روهڙا -** جيئن ڪهاڻين بابت تيئن تنقيد بابت به مونکي پنهنجو سوچ آهي. جڏهن اسين تاج محل ڏسون ٿا تڏهن اسان کي اِن سوچڻ جي ضرورت ڪانهي ته تاج محل محبت جو ثبوت آهي يا مزورن جي پورهئي جو. تاج محل سهڻو آهي اُن جو اصلي ڪارڻ تاج محل جي ڪاريگري آهي. تيئن رچنا جي تنقيد به اِن حوالي ۾ ٿيڻ کپي ته اُها رچنا



پڇڻ چاهيان ٿي. هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي آئينده بابت سڀني جي من ۾ گهڻا ئي ڊپ آهن توهان اِن بابت ڇا ٿا سوچيو؟

**روهڙا -** پارتي، منهنجو سوچڻ ٿورو ٻئي نموني جو آهي. مان سمجهان ٿو ته ماڻهو لکيل ڀاشا ۽ ڳالهايل ڀاشا جي وچ ۾ تفاوت نه ٿا آڻين. لکيل ڀاشا جو استعمال برابر گهٽجي رهيو آهي ۽ گهٽجندو، پر ڳالهايل ڀاشا جو استعمال وڌندو، اِن ۾ ڪو به شڪ ڪونهي. اُن جو ڪارڻ اِهو آهي ته جيڪي به سنڌي، سنڌي لپي پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري رهيا آهن پوءِ چاهي اُها هندوستان جي نئين پيڙهي هجي، يا جدا جدا ملڪن ۾ اتي رهندڙ سنڌي هجن، اُهي سنڌي سڀ گهرن ۾ سنڌي ڳالهائين ٿا پر سنڌي پڙهي نٿا سگهن. جڏهن به اُنهن کي پڙهڻو پوي ٿو ته هو رومن لپيءَ ۾ پڙهن ٿا. اسان چڱيءَ طرح سان ڏٺو ته اميريڪا ۾ ماڻهوجڏهن ساڌو واسواڻيءَ جو نوري گرنٿ پڙهن ٿا ته اهو رومن لپيءَ ۾ لکيل آهي، سنناراڻ جي آرتي اُها رومن لپيءَ ۾ لکيل آهي. اُها اَهڙيون رچنائون پڙهي هو سيپئي اُن جو آنند ماڻين ٿا. تنهن جو مطلب ٿيو ته ڳالهائڻ جي خيال کان ٻوليءَ جا دروازا بند نه ٿيا آهن. ها، لکڻ گهٽيو آهي، جو اسين سمجهون ٿا ته سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ جي ضرورت، اَڄ جي پيڙهيءَ کي ايتري محسوس نٿي ٿئي. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته سنڌي ٻولي جيڪا ڳالهائجي ٿي، اُن جو آئينده ڪنهن به قسم جي خطري ۾ ڪونهي. اِن حوالي ۾ شايد اسان کي هڪڙي ڳالهه ٻي به ڌيان ۾ رکڻي آهي ته سنڌي رڳو هندوستان ۾ نٿي ڳالهائي وڃي. سنڌي سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي آهي. هندوستان ۾ جڏهن ٠ ۵-٦٠ لک سنڌي مس آهن تڏهن سنڌ ۾ ٽي چار ڪروڙ سنڌي آهن جيڪي سنڌي رڳو ڳالهائين ڪونه ٿا، لکن به ٿا ڇو ته اُنهن کي پنهنجي ڌرتي آهي. اُتي ادب جي تمام گهڻي رچنا ٿئي ٿي. اڄ راڄنيتڪ حالتن جي ڪري، سنڌ ۽ هندوستان جا ناتا اوترا خوشگوار ناهن پر اِهي هميشه ائين نه رهندا ڇو ته دنيا اڄ اِها ڳالهه محسوس ڪري رهي آهي ته

ڪي بہ ملڪ هميشه جي لاءِ هڪ ٻئي جا دشمن بڻجي نٿا سگهن. جنهن وقت سنڌ ۽ هندوستان جا ناتا بهتر ٿيا اُن وقت سنڌ سان سنڌي ٻوليءَ جو ناتو وڌي ويندو ۽ اسان جي لاءِ هڪڙو وڏو ميدان سنڌي لکڻ پڙهڻ جواسان جي سامهون هوندو. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي آئينده بابت ڪنهن بہ قسم جي منهنجي من ۾ نراشا ڪانهي.

**پارتي -** هاڻي توهان جي اَدبي جيون جي ڳالهہ ٻولهہ ڪريون. توهان اسان کي ٻڌائيندا تہ توهان جي پهرين رچنا ڪهڙي هئي؟ توهان ڪهاڻيون، ڪوتا، مضمون تنقيد بہ لکو ٿا. ان مان توهان جي دل جي ويجهو ڇا آهي؟

**روهڙا -** ائين تہ مون سنڌيءَ جي پهرين رچنا ڪئي جڏهن مان اڃا سنڌ ۾ هوس ۽ جڏهن منهنجي عمر ١٦ - ١٧ سال هئي. مون هڪڙي ڪوتا لکي هئي. مون پنهنجي پاڙي ۾ هڪڙي بدنام شخص جي دروازي تي هڪڙي جوان فقيراڻيءَ کي بيٺل ڏٺو هو ۽ بس مونکي هڪڙي ڪوتا لکڻ جي لاءِ جذبو پيدا ٿيو هو. هندوستان ۾ اَچي مون اُها ڪوتا نئين دنيا مخزن کي لکي موڪلي ۽ اُها اُن ۾ ڇپي بہ هئي. دادا دلگير آديپور ۾ مون کي ٻڌايو هو تہ بمبئيءَ ۾ هلندڙ ادبي ڪلاس ۾ اُستاد منگهارام ملڪاڻيءَ ڏاڍي انداز سان اُها ڪوتاپڙهي ٻڌائي هئي ۽ سيني اُن جي ساراہ بہ ڪئي هئي.

اتفاق سان اُن ڪوتا جو ڪجھ اهڙو انداز آهي جو ٦٠ سال گذرڻ کان پوءِ بہ اڃا تائين اُن جون ڪي سٽون مونکي ياد آهن. ۽ جي تون مونکي اجازت ڏين تہ مان اُهي ڇئي ٻڌايان.

**پارتي -** جي ضرور . اسين سڀ ٻڌڻ چاهينداسين.

**روهڙا -** اُها ڪوتا شروع ٿئي ٿي -

ڪوئي هٿ چڪيس ٿو،
ڪوئي اک پڇيس ٿو،
ڪو وري چاتيءَ طرف
بار بار جهڪيس ٿو



هوءَ ڪري، ڪري تہ ڇا
ڇو تہ هوءَ غريب آ
تنهن سواءِ شريف آ.

ڪو چويس جام پيءُ
وصل جو پيغام پيءُ
ڪو وري زوريءَ اچي
منهن تي مٺي ڏئيس ٿو
هوءَ ڪري، ڪري تہ ڇا
ڇو تہ هوءَ غريب آ
تنهن سواءِ شريف آ.

ائين تہ هن ڪوتا جا ٻيا بہ بند آهن پر مونکي اُهي ياد ڪونهن.

**پارتي -** توهان ’تنها‘ لکيا آهن جيڪي تمام گهرو اثر ڪن ٿا توهان کي عرض آهي تہ پنهنجي پسند جا ڪي تنها اسانجي ٻڌندڙن جي لاءِ پيش ڪيو.

**روهڙا -** ها پارتي، اڄ ماڻهوءَ وٽ وقت ڪونهي گهڻو پڙهڻ لاءِ. ان ڪري مان ڪجهہ ڏينهن کان هڪ سِٽ واريون ڪوتائون جنهن کي مان تنها چوان ٿو، اُهي لکان ٿو ’تنها‘ جي اِها خاصيت هئڻ کپي تہ اُن ۾ لئہ هجي ۽ تمام جلدي ان جو اثر ظاهر ٿيڻ کپي. هاڻي مان پنهنجن ٻڌندڙن کي پنهنجا بہ ٽي تنها پڙهي ٻڌائيندس.

- کيسا وڏا دل ننڍي، اڄ جا دلبر يار.

- هنسن کي اڄ ڪانو ٿا ميڪ اپ سيکارين.

- نانگ ٻرن ۾ ويا لڪي ڏنائون اِنسان.

- ٻوٽا ڪوندين ۾ لڳل، سنڌي پارت منجهہ.

- رشتا سڀ ريتيءَ جيان، پاڻيون ٿا پر ڪنڊ.

پنهنجو پاڻ ۾ ڇا آهي؟ جنهنکي اسين ماڊرن ڪرٽزم چئون ٿا اُن ۾ رچنا جي تنقيد رچنا جي حوالي ۾ ڪرڻ ئي لازمي سمجهيو ويندو آهي. اِن لاءِ نقاد ۾ به گڻ هئڻ گهرجن. هڪڙو ڇيد (Analysis) ڪرڻ ۽ ٻيو ڀيد (Discraminatin) ڪرڻ. 'ڇيد' ڪرڻ ۾ نقاد جو ڪم آهي اُن رچنا کي کولي اُن جي سيني تتن کي اظهار ڏيڻ ۽ ڀيد لاءِ اِهو ضروري آهي ته نقاد اَدبي عناصرن کي غير ادبي عناصرن کان الڳ ڪري ڏيکاري. ائين رچنا بابت هو اَهڙو روپ ظاهر ڪري جنهن سان پاٺڪ اُن رچنا کي وڌيڪ ماڻي سگهي. منهنجي تنقيد جو جيڪو آڌار آهي اُهو اِهو رهيو آهي.

**پارتي -** توهان سنڌي ٻولي، سماج ۽ تهذيب تي ٻه کي تمام اَهم ڪتاب لکيا آهن. جيڪي ڏاڍا مقبول ٿيا آهن. جيئن 'ڪلچرل باءِ پاس سرجري' ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا'. سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا هڪ نرالي اِسٽائيل ۾ لکيل ڪتاب آهي جنهن تي اِسٽيج پرفارمنس به ڪئي ويئي آهي. اَهڙي هڪ پرفارمنس وقت توهان کي آڊينس ۾ ويٺي روئندي به ڏٺو ويو هو.

**روهڙا -** روئڻ ته مونکي هاڻي به ٿو اَچي، پارتي. اُنهيءَ جو اصلي ڪارڻ اِهو آهي ته اَسين ڀاشا بابت صحيح نظريو ڇو نه ٿا رکون. جيڪا ڪلچرل باءِ پاس سرجري آهي اُها اِن Theory تي مدار ٿي رکي ته جيڪو عام رستو سنسڪرتيءَ کي حاصل ڪرڻ جو هوندو آهي اُهو آهي ته اسين ڀاشا کان ادب ڏانهن ويندا آهيون ۽ ادب مان سنسڪرتيءَ ڏانهن ويندا آهيون. هاڻي جڏهن ڀاشا کان ادب ڏانهن وڃڻ جو اَسان جو رستو سوڙهو ٿي ويو آهي ته اَسين سنسڪرتيءَ تائين پهچي ئي نه سگهنداسين. اِهو ائين آهي جيئن دل کي تڪليف ٿئي ۽ اُن کي نيڪ رت نه پهچي ته ڊاڪٽر هڪڙو ٻيو رستو ڪڍندا آهن جنهن جي دوارا رت دل کي پهچائبو آهي. اڄ اسانجي ضرورت آهي ته اسين ٻيو رستو ڪڍون جنهن سان اسان جي نئين پيڙهي پنهنجي سنسڪرتيءَ جي ورثي کي حاصل ڪري سگهي



# ستيش روهڙا

## سان ڪمل نهالاڻيءَ جي ڳالهه ٻولهه

ڪمل - دوستو اڄ جي هن پروگرام ۾ اَسان توهان جي ملاقات ڪرائينداسين هڪ اَهڙي شخصيت سان جيڪو سنڌي ساهتيه جڳت ۾ هڪ اعليٰ ۽ مخصوص جڳهه والاري ٿو. هر فن ۾ ماهر پوءِ اُها ڪوتا هجي يا ڪهاڻي مضمون هجي يا مقالو هرڪا رچنا عالماڻي. شايد اِنهن خاصيتن کي ڌيان ۾ رکندي گجرات ساهتيه اڪادميءَ سال ٢٠١١ جي گؤرو پرسڪار سان هنن کي نوازيو آهي. اوهان هاڻي ضرور سمجهي ويا هوندا ته منهنجو اِشارو ڪنهن طرف آهي. ڊاڪٽر ستيش ڪمار روهڙا جيڪي هن وقت منهنجي سامهون آهن.

مختصر پريچيه ڏيان ته سندن جنم ١٥ آگسٽ ١٩٢٩ ۾ دادو سنڌ ۾ ٿيو. سندس ساهتيڪ سفر ڪافي طويل رهيو آهي ۽ اِنعامن اِڪرامن جي فهرست به ڪافي لنبي آهي. اَڃو ته مڪاميلي جي سلسلي کي اَڳتي وڌايون.

ڪمل - نمستي دادا. آڪاشواڻيءَ جي اِسٽوڊيو ۾ توهان جو سواگت آهي. دادا سڀ کان پهرين ته توهان کي گجرات ساهتيه اَڪادميءَ پاران گؤرو پرسڪار مليو آهي اُن جون لک لک بلڪ ڪروڙ ڪروڙ واڌايون.

**ستيش -** اَڇا هاڻي لکن مان ڪروڙ ڇو ڀلا. مهانگائي وڌي ويئي آهي ته واڌايون به ٿوريون وڌن.

۽ اُهو رستو آهي ووڪل ڪلچر - يعني ڊانس، ڊراما، ميوزڪ، کھاڌي پڙهڻ، ٻڌائڻ، گفتگو وغيره جو، جنهن سان اسين نئين پيڙهيءَ کي ڪلچر جي طرف وٺي وڃون. ائين ووڪل ڪلچر ڪان ڪلچر، اُن ڪان پوءِ ڀاشا تائين پهچبو. اسان اجايو واڪا ڪري پنهنجو وقت ۽ پنهنجي طاقت گھٽائي رهيا آهيون.

سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا اِن لاءِ تمام اَهم آهي ڇاڪاڻ ته اُها ٻڌائي ٿي ته سنڌي ٻولي دنيا جي تمام اَهم، پراچين، ڀرپور ۽ شاندار ٻولين مان هڪ آهي. جي مان سنڌي ڄاڻان ٿو ته اِها فخر جي ڳالھ آهي اُها ڪنهن به حالت ۾، جيئن مون چيو، شرم جي ڳالھ ناهي. جيئن سنڌي سنسڪرتي پراچين اعليٰ سنسڪرتي آهي تيئن سنڌي ڀاشا به تمام پراچين، ڀرپور ۽ اعليٰ ڀاشا آهي- آتم ڪٿا ۾ اَهڙو اظهار ڪيل آهي.

**پارتي** - نون اديبن ۽ سنڌي ادب جي آئينده بابت توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

**روهڙا** - منهنجي پنهنجي خيال ڪان ادب ۾ به ساڳي اِها ڳالھ اچي ٿي ته اسان جو سوچ صحيح نه آهي. جيڪڏهن اسين سنڌي ادب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي رهيا آهيون اِن لاءِ ته سنڌي پڙهن، ته اسين غلطي ڪري رهيا آهيون ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ جو واهپو ٿئي ڪونه ٿو. تنهنجو مطلب ته ڪتاب پڙهندڙ ڪونه هوندا. اِن جي بدران اسانجو ڪم آهي ته جيڪو به سنڌي سنو ادب آهي تنهن کي ٻين ڀاشائن ۾ ڪٺي اَچون. ٻين ڀاشائن کي اُهي سنڌي به پڙهندا جيڪي سنڌي لپي پڙهي ڪونه ڄاڻن. ائين اسان جو ادب اسان جي نئين پيڙهي به پڙهندي ۽ غير سنڌي به پڙهندا ان سان سنڌي ادب جي اهميت اظهار پائيندي. ان جي ڪري پانڪ به وڌندا ۽ نئين اديب کي پانڪ ملندا. نئين اديب جي قوت بابت ڪو ڊپ نه آهي پر اُن کي به اِها ڳالھ سمجھڻ کپي ته سٺي ۾ سٺي ادبي رچنا رڳو پنهنجيءَ ماتري ڀاشا ۾ ڪري سگھجي ٿي. ڇو ته ماتري ڀاشا



اندر جي آتما مان ايندي آهي جيڪا رچنا لاءِ ضروري آهي پوءِ اُن کي ٻيءَ ڀاشا ۾ موڪلڻو آهي انڪري ترجمي يا انوادجي تمام وڏي اَهميت آهي ۽ اسان کي اُن ڏانهن ڌيان ڏيڻ گھرجي.

**پارتي** - ائين ته اڃا توهان ڪان گھڻو ئي ڪجھ ڄاڻڻ سمجھڻ جي ضرورت آهي پر وقت جي پابنديءَ سبب هي اِنٽرويو هتي ئي پورو ڪرڻو ٿو پوي وري ڪڏهن موقعو مليو ته توهان سان گھڻيون ڳالھيون ڪبيون. توهان جي گھڻي گھڻي مهرباني!

**روهڙا** - مهرباني پارتي، جو مونکي اهڙو موقعو مليو آهي جو مان هيترن گھڻن ٻڌندڙن سان پنهنجا ويچار ونڊي سگھيو آهيان. مهرباني.

**پارتي** - سدائين گڏ.

ڀاشا وگيان پاڙهيندو هوس تڏهن مان اِهو هنديءَ ۾ ڀاشا وگيان لکيو. ۽ اُن وقت لکيو جڏهن هنديءَ جو وڏي ۾ وڏو آچاريہ هزاري پرساد ترويدي اُهو ڪڏهن اسانجي ڊپارٽمينٽ جو هيڊ بہ هو اُن کان پوءِ اُن هڪڙو ڀاشا جو پروجڪيٽ کنيو اُن ۾ بہ هن مونکي اُتي اَسسٽنٽ ڪري کنيو هو. اُتي مون اِهو ڪتاب لکيو. ۽ اِهو ڪتاب بنارس يونيورسٽيءَ ۾ ٽيڪسٽ بوڪ ٿيو ئي اُن کان سواءِ هندستان جي ٻين ڪيترين يونيورسٽين بہ اِن کي ٽيڪسٽ بوڪ ڪري رکيو. ۽ سچ پڇ اُهو ڀاشا وگيان سکڻ لاءِ تمام سنوءَ وگيانڪ ڍنگ سان لکيل ۽ ڏاڍو با اِنتظام ڪتاب آهي جنهن جي پڙهڻ کانپوءِ ماڻهوءَ لاءِ ڀاشا وگيان سولو ٿي پيو.

**ڪمل** - اِها ٺي ڳالهہ نامديو بہ چئي تہ اُهو ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ منهنجي لاءِ ڪم ڏاڍو سولو ٿي پيو ۽ پوءِ تہ اُهو وشيہ اُن کي پسند اَچڻ لڳو نہ تہ وشيہ ۾ ڏاڍو منجهيل هو.

**ستيش** - ڀاشا وگيان ڪافي خشڪ سبجيڪٽ آهي ڇو تہ وگيانڪ طريقي جو آهي. هڪڙو تہ سنڌي گهٽا ڀاشا وگياني آهن ڪونہ ۽ ٻيو تہ جي آهن تہ اُهي وري ساهتيڪار ڪونهن ۽ ساهتيڪار تہ هڪڙو بہ ڪونهي، هڪ بہ اَهڙو ڀاشا وگياني جيڪو ساهتيڪار هجي چئجي ڪٽي انگريزيءَ ۾ Rare هجي.

**ڪمل** - اَڇا تہ اُن کي توهان وري سنڌيءَ ۾ بہ ڪيو آهي؟

**ستيش** - هاڻي اِهو سنڌيءَ ۾ سڌانتڪ ڀاشا وگيان هو ۽ مون اِئين سوچيو تہ سنڌيءَ ۾ اِن قسم جو ڪتاب هوڻ ڪونهي تہ اِنڪري مون اِهو ڪتاب لکيو. جنهن ۾ سچ پڇ ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان جي مون وگيانڪ طرح سان ڇنڊڇاڻ ڪئي پئي. پر ڇا ٿيو اتفاق ٿيو بدقسمتي ٿيو حالتون ٿيون تہ سنڌين ۾ ڪير ڀاشا وگيان پڙهندو ڪونهي. ڇو تہ اِهو آهي ايم. اي. جو وشيہ ۽ اِن ڪري وچ ۾ هتي تولاڻي ڪاليج آرٽس ۽ سائنس ۾ ايم. اي. پاڙهيندا هئا تہ مونکي Request ڪيائون تہ مان اُتي ايم. اي. جو



**ڪمل** - دادا هوئڻ تہ پيا اَسان گڏجون ۽ توهان جا اڳيں بہ اَسان اِنٽرويو ورتا آهن ۽ گهڻو ئي ڪجهہ توهان مان اَسان کي ڄاڻڻ لاءِ مليو آهي. پر جڏهن جڏهن انٽرويوز وٺون ٿا اَسان کي اِها اُميد هوندي آهي توهان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ اَسان کي نئون ڄاڻڻ لاءِ ملندو. اَسان جي ٻڌندڙن کي بہ توهان مان ڪجهہ سکڻ لاءِ ملندو ۽ اِها ئي اُميد هن اينٽريءَ مان بہ ڪيون ٿا پيا.

**ڪمل** - هاڻي اِنعام ملڻ سان هر ليکڪ کي خوشي تہ ٿيندي آهي اُن جي قد ۾ فرق پوندو آهي، مان سمجهان ٿو توهان سان بہ ضرور ٿيو هوندو. پر اِهو ڄاڻڻ چاهيندا سين تہ اِنعام اَوارڊ ملڻ کانپوءِ ليکڪ جي رچناتمڪ جيون ۾ رچنا پرڪريا ۾ ڪوئي فرق پوندو آهي ڇا؟

**ستيش** - ڪمل اِن ۾ ٻن عمر جا ساهتيڪار اَچن ٿا. هڪڙا اُهي آهن جيڪي اَڃا عمر جي اُن حد ۾ آهن جتي اِنعامن وغيره جي لاءِ گهڻو چاهہ هوندو آهي ۽ ننڍو اِنعام ملڻ تي وڏي انعام لاءِ بہ ڪوشش ڪبي آهي، اِڃا وڌندي آهي ۽ رچناڪار جڏهن اِنهن حدن کان ٻاهر ٿي ويندو آهي تڏهن اُن کي اِنعام ملڻ جي خوشي اُها بہ اِها ٿيندي آهي تہ سماج جي دواران ڪيس سنمان ڏنو ويو. باقي اُن جي جيڪا رچنا پرڪريا آهي اُن تي اِنهن انعامن جو ڪو گهڻو اَثر نہ پوندو آهي. ڇو تہ ساهتيہ اَڪادميءَ جا اِنعام جن ليکڪن کي مليا آهن.تن اُنهن انعامن کان پوءِ ڪافي بهترين ڪتاب لکيا آهن. سي لکيا آهن. اِنڪري ائين ڪونهي تہ انعام ملڻ ڪري اُنهن جي رچنا پرڪريا ڪا وچي ٿي يا بهتر ٿئي ٿي اُهو اُنهن کان نٿو ٿئي پر جيڪي عمر جي اَڃا اُن حد جي پاسي آهن جتي اِنعام من کي ڏاڍي خوشي ڏيندا آهن اُها ٻي ڳالهہ آهي. جيستائين منهنجو واسطو آهي تيستائين اِن مان رڳو ايتري خوشي ملي ٿي تہ مون کي سماج جي پاران سنمان مليو. ڇو تہ اِنعام سماج جي اِها قبوليت آهي تہ ها هيءُ شخص اِن سنمان جي لائق آهي.

**ڪمل** - توهان هونءَ لکڻ جي شروعات تہ سنڌ ۾ ئي ڪئي هئي ڪوٽا سان پر توهان جو پهريون سنڌي ڪهاڻين جو ڪتاب سال ١٩٨٩ ۾ آيو، تہ اينتري وڏي غئپ جو ڪو خاص سبب.

**ستيش** - اُن جو خاص سبب اِهو هو تہ سچ تہ مون سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪو لکڻ جو، ائين اِرادو ڪيو ئي ڪونہ جيڪا مون ڪوتا لکي هئي اُها بہ اندر جي هڪڙي جذبي ۾ هئي جيڪو مون اُن وقت پاڙي ۾ ڏنو هو. ۽ اُن کان پوءِ ورهاڱي کان پوءِ زندگيءَ جو رخ بدلجي ويو. ڇو تہ مان ١٩٥٠ کان آديپور ۾ آيس ۽ ١٩٥٣ کان وٺي اسڪول ۾ هندي ٽيچر ٿي رهيس مئٽري هاءِ اِسڪول ۾. ۽ پوءِ تہ مان ١٢، ١٣ سال پڙهائيءَ ۾ لڳم ۽ اُها منهنجي پڙهائي گهڻي ڀاڱي هنديءَ سان واسطيدار هئي. اِن ڪري سنڌيءَ سان منهنجو واسطو گهٽجي ويو. اُن کان پوءِ وري مان اڳيان وڌي ويس تہ آڪي باقي منهنجو سڄو ڪيريئر ئي اُن پاسي ڏانهن هليو ويو. ١٩٨٩ جيڪو آهي اُهو سال آهي جڏهن مان پنهنجي سيوا مان رٽائر ٿو ٿيان. اُن کان پوءِ وري مون جيئن سنڌالاجيءَ جو سوچيم تيئن وري مون سنڌي لکڻ جي طرف رخ رکيو.

**ڪمل** - دادا توهان جو ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ ڪويءَ جو روپ تہ تمام ڄاتل سڃاتل آهي پر اڄ اَسين ڀاشا وگياني ڊاڪٽر ستيش روهڙا سان بہ ڪجھہ ڄاڻڻ چاهينداسين. هينئر تازو ئي سنڌالاجيءَ ۾ هڪڙو ميٽ دي آٿر پروگرام رکيو ويو هو. جنهن ۾ نامديو تاراچندڻيءَ توهان جي ڀاشا وگياني هئڻ جو ذڪر ڪيو هو. اُهي جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندا هئا اُن ڳالهہ ڪئي تہ ڪنهن سبجيڪٽ ۾ اُن کي تڪليف پئي ٿي تہ پروفيسر اُن کي اُهو ڪتاب ڏنو پڙهڻ جي لاءِ ۽ اُهو ڪتاب توهان جو هنديءَ ۾ لکيل هو ڀاشا وگيان جي سلسلي ۾ هو. اِن جي ڄاڻ تہ اسان پڙهڻ وارن پاڻکن کي ئي نہ آهي ۽ نہ ڪا مان سمجهان ٿو تہ ساهتيہ جڳت ۾ بہ ڪافي گهٽ ماڻهن کي خبر آهي. ٿوري اِن تي بہ روشني وجهو نہ.



**ستيش** - سچ اِهو آهي تہ ڀاشا وگيان سان مان اِئين ئي اڻچاڻائيءَ ۾ جڙي ويس. مان ١٩٦٢ ۾ ايم. اي. ڪرڻ کان پوءِ پي. ايچ. ڊي. ڪرڻ جي اِرادي سان مان پوني هليو ويس اُن وقت پوني ۾ سنڌي ڊڪشنريءَ جو پروجيڪٽ کليو هو جنهن ۾ مونکي فيلوشپ ملي. پوءِ ٻن ٽن مهينن ۾ يونيورسٽي گرانٽ ڪميشن جي جونيئر فيلوشپ اُن جي پڏرائي نڪتي. هاڻي اُها پي. ايچ. ڊي. ڪرڻ لاءِ هئي، تہ اِنڪري مون کي پي. ايچ. ڊيءَ لاءِ پاڻ کي رجسٽر ڪرائڻو هو ۽ اُن جو سبجيڪٽ چونڊڻو هو ۽ اُن جو گائيڊ چونڊڻو هو ۽ مان ڊيڪن ڪاليج ۾ هوس. ڊيڪن ڪاليج پوني جي يونيورسٽيءَ ۾ ڀاشا وگيان جو سينٽر آهي. اِتي ڀاشا وگيان جو ايم. اي. ڀاشا وگيان جو پوسٽ گرئجوئيٽ ڊپلوما اُهو هلائيندا آهن ۽ مان اُتي ئي هوس تہ مونکي ڀاشا وگيان جو ڪوئي سبجيڪٽ پنهنجي پي. ايچ. ڊيءَ لاءِ چونڊڻو پيو ۽ ڀاشا وگيان جي ڪنهن پروفيسر کي پنهنجو گائيڊ مقرر ڪرڻو پيو، چاڪاڻ تہ ڀاشا وگيان تہ منهنجو پڙهيل ئي ڪونہ هو اِن ڪري ڀاشا وگيان بہ پڙهڻو پيو. مان تہ ايم. اي. هئس تہ وري مان ايم. اي. ڪري نہ ٿي سگهيس. ان ڪري ڀاشا وگيان ۾ پوسٽ گرئجوئيٽ ڊپلوما جي لاءِ مون اُتي رجسٽر ڪرايو ۽ اُن جا ريگيولر ڪلاس اِئين اَٽينڊ ڪرڻ شروع ڪيا ڇو تہ اُهي برابر آهن ايم. اي. لنگسٽڪس جي. هونءَ ئي ٻہ سال لڳندا آهن. هونءَ ئي اَٺ پيپر ٿيندا آهن ائين مون ڀاشا وگيان جو اَڀياس بہ ڪري ورتو ۽ پي. ايچ. ڊي. جي ٿيسز بہ ڀاشا وگيان تان لکي. هاڻي مون وٽ هندي ۽ ڀاشا وگيان اِنهن ٻنهي جو اَهڙو سنو Combination هو جنهن جي آڌار تي جيئن ئي مون پي. ايچ. ڊي. ڪئي تيئن اُن کان پوءِ يڪدم بنارس هندو يونيورسٽي ۾ ڀاشا وگيان جي هڪ ليڪچرار جي پوسٽ نڪتي پر هندي ڊپارٽمينٽ ۾ تہ منهنجي هندي ايم. اي. ۽ ڀاشا وگيان جي پوسٽ گرئجوئيٽ ڊپلوما ۽ پي. ايچ. ڊي اُن ۾ ڪم آئي ۽ مان ڀاشا وگيان سان جڙي ويس. ڀاشا وگيان ۽ هندي اِتي رهندي ئي actually جڏهن مان

هڪڙو پيپر ٻاشا وگيان پاڙهڻ ويندو هوس. پر هتي سنڌي ٻاشا وگيان پڙهي ۽ پاڙهي ڪير؟

**ڪمل** - اَڇا دادا توهان جو اَهم ڪم آهي ڪڇي ٻاشا تي PHD جو اُن جي جاڻ ڏيندا تہ اِهو ڪهڙي قسم جو آهي ۽ اَڇا تائين اِهو شايع بہ نہ ٿيو آهي. ڀلا ڇو؟

**ستيش** - ها ڇاڪاڻ تہ اِهو ڪتاب هڪ ٽيڪنيڪل ڍنگ جي ٻاشا ۾ لکيل آهي اُن جي جيڪا اِسڪرپٽ آهي اُها مون خاص ٺهرائي هئي تہ اُها رومن تي آڌار رکندڙ پر ٻيا اِلهي لفظ آهن جيڪي رومن ۾ نہ آهن. جيڪي اَسين لنگسٽڪلي ٻئي نموني ۾ لکندا آهيون. مثال طور: جي ڪري مون کي لنگسٽلي لکڻو پوي تہ مان اُبتي E لکندس. تنهنجي معنيٰ اَسان وٽ جيڪا اُبتي E آهي لنگسٽڪس ۾ اُها آ آهي ۽ ساڳيءَ طرح سان ٻيا اَسان وٽ اِلهي اَهڙا ليٽر آهن جيڪي اَسان ٻئي نموني اِن ڪري ٺاهيا آهن.

**ڪمل** - ڇپڻ ۾ تڪليف ٿيندي هوندي؟

**ستيش** - ها اَصل ڇپبو ئي ڪونہ. ڇو تہ اِهو خاص مون ٽائيپ رائيٽر ٺاراهيو هو تہ اُن ۾ اِهي مون جدا Keys وجهايون هيون جيڪي هن فائونڊري ۾ تيار ڪري اِن ٽائيپ رائيٽر ۾ وڌيون ۽ اِتان کي ٻيون Keys ڪڍيائين تہ اِنڪري اِهو ڪنهن رواجي پريس ۾ ڇپجي نٿو سگهي.

**ڪمل** - اَڇا توهان ٿوري دير اَڳ ٻڌايو تہ ٻاشا وگيان خاص ڪري نٽا پڙهن پر هونئن بہ تہ ٻانڪن جي تڪليف آهي ئي اَڄڪلهہ ڪير ٿو سنڌي پڙهي ۽ اَڪثر پڇيو وڃي ٿو تہ ٻوليءَ جو آئينده ڇا آهي؟ اُن جي باري ۾ توهان جيڪڏهن ڪجهہ روشني وجهو؟

**ستيش** - بس هاڻي ڪمل هڪڙيون ٻہ الڳ قسم جون ڌارائون اُڀري رهيون آهن. هڪ طرف اِهو سوچ هو تہ ٻاشا جو آئينده خاص ڪجهہ ڪونهي. ايماندار سوچ اِهو آهي جو ٻاشا جو آئيندو اِنڪري ڪونهي تہ سنڌي هڪ هنڌ گڏ آهن ڪونہ ۽ جيڪڏهن گڏ ناهن تہ سنڌيءَ جو وهنوار



جاتيءَ کي جيڪا سڃاڻپ آهي تنهن کي ڳولهڻ ڪپي. اُن جذبي جو فائدو وٺي سڄي دنيا جي سنڌين کي پاڻ ۾ ڳنڍي سگهجي ٿو ۽ هڪڙو ٻيرو ٽوکي احساس ٿي وڃي. مثال طور جيڪي ماڻهو Whatsup تي آهن سي سمجهن ٿا تہ اَسان جو هڪڙو گروپ آهي ۽ اُهي پاڻ ۾ اُنهن سڀني سوچنائن جي ڏي وٺ ڪن ٿا جيڪي اُنهن سان واسطيدار آهن ۽ جيڪڏهن اَسين دنيا جي سنڌين کي اِن قسم جي ڪنهن ڳانڍاپي ۾ آڻي سگهون تہ اُهي سڀ پاڻ ۾ گڏجي ڇوندا منيلا ۾ سنڌي سنسٿائن ڇا ڪيو اَڄ هانگ ڪانگ ۾ هنن ڇا ڪيو اِڄ يو. ايس. ۾ هنن ڇا ڪيو تہ سنڌي سنڌين جي روپ ۾ پاڻ ۾ جڙندا. ۽ سنڌي پاڻ ۾ جُڙي تہ سنڌي سُڃاڻپ پاڻ ئي قائم ٿيندي. هڪڙو ٻيرو سڃاڻپ جو احساس ٿئي تہ ٻاڻيهي ماڻهوءَ کي پنهنجي ٻاشا ۽ پنهنجي سنسڪرتيءَ ڏانهن ڇاهہ وڌندو. هي جيڪي اَسين ڪيون ٿا فيس تو فيس (face to face) سرگرميون اُنهن جو ڏاڍو لمٽيڊ رول آهي.

**ڪمل** - دادا سنڌيءَ ۾ جيڪو توهان ڪتاب لکيو آهي 'سنڌي ٻوليءَ جي آتم ڪٿا' تمام سٺي نموني هڪ روچڪ نموني لکيل آهي. تہ اِن جو وشيہ ۽ اُن جي جيڪا اِسٽائيل آهي اُهان توهان کي ڪيئن سُجهي.

**ستيش** - اُن جو وشيہ تہ آهي ٻاشا وگيان اُن ۾ آهي سنڌيءَ جي ڪُل ملائي اِتهاس معنيٰ سنڌيءَ جي شروعات، سنڌ جي وچ جا دؤر، سنڌيءَ جي لپي، سنڌي لپي ۽ ديوناگريءَ جو جهڳڙو سڀ اُن ۾ اَچي وڃي ٿو. اِهي هڪٻئي سان پاڻ ۾ جڙيل آهن actually ٻارن کي پنهنجي سامهون رکيو هو تہ نئين پيڙهي جيڪڏهن سنڌيءَ بابت ڄاڻڻ چاهي تہ اُنهن کي ٻڌائين تہ هتان سنڌي پيدا ٿي، تنهن کان پوءِ هيئن ٿي، پوءِ براچڙ ٿئي پوءِ وري هِن مان هيئن ٿي اِهو تہ هوُ سمجهندا ئي ڪونہ ۽ نہ ئي ٻڌندا. پر اُن جي بدران جيڪڏهن هڪ اَهڙي نموني ناٽڪ ڪجي تہ هريش ڪکواڻيءَ جيڪو پيش ڪيو آهي اُهو هندستان ۾ ۽ هندستان کان ٻاهر

رڳو سنڌيءَ جي دواران ڪرڻ ڪٿي بہ ممڪن نہ ٿو ٿئي. بزار هجي يا اِسڪول هجي يا سنيما هجي يا ٽي. وي. هجي ڪٿي بہ سنڌيءَ سان رڳو ڪم هلائي نٿو سگهجي. تہ اِنڪري سنڌيءَ جي وهنوار جي جڳهہ وئي تنگ ٿيندي ۽ ڪنهن حد تائين اُها گهرن ۾ بہ ڏکي ٿيندي ويئي ڇو تہ گهر ۾ ڪم ڪرڻ واريون سنڌي ڪونہ، ٻارن کي ماسٽر چون يا ڪاليج ۾ اُن لاءِ ڪو اِسڪوپ ڪونهي تہ سنڌي پڙهڻ جو ڇئجي ڪٺي اِسڪول ۾ بہ ڪو اِسڪوپ ڪونہ آهي جيڪي پاليسز آهن گورنمينٽ جون ٽِري لئنگويج فارمولا اُن ۾ بہ سنڌي ڪِٿي ڦِٽ نہ ٿي ٿئي ۽ نتيجو اِهو ٿو نڪري جو اِسڪول ۾ بہ سنڌي پاڙهڻ ڏکي ٿيندي ٿي وڃي ۽ ٻاهر بہ اُن جو وهنوار گهٽجندو ٿو وڃي. هاڻي جڏهن ڀاشا جو وهنوار گهٽبو تہ ساهتيہ جو وهنوار گهٽبو ئي گهٽبو. ڇو تہ جيستائين ڀاشا لکجي پڙهجي نٿي تيستائين ساهتيہ جي رچنا ٿئي نٿي. ڇو تہ ساهتيہ آهي ئي لکڻ پڙهن وارن جو.

**ڪمل -** لپيءَ بابت توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

ستيش - لپيءَ بابت تہ هاڻي اِهو جهڳڙو تہ ختم ٿي ويو ڇو تہ هاڻي سنڌي لپي تہ لکڻ جي لاءِ وڃي بچيا آهيون اَسين، جيڪي هاڻي بلڪل پوين پساهن تي آهيون ۽ اَسان بہ اُهو ضد ڇڏي ڏنو آهي ۽ پهريون ڀيرو آهي جو مان پنهنجو ڪتاب سنڌي ۽ ديوناگري ٻنهي لپين ۾ گڏي ڇپائي رهيو آهيان جڏهن اَسان جو ضد ايترو هوندو هو تہ اَسان کان ڪير اِجازت بہ گهرندو هو تہ اَسين پنهنجو سنڌي ڪتاب ديوناگريءَ ۾ ڇپائڻ نہ ڏيندا هئاسين. ضد ڪرڻ وارا اُهي تہ هليا ويا هاڻي جيڪي آهن سي يا تہ ديوناگريءَ ۾ ٿا ڇپائن يا ٻنهي لپين ۾ ڇپائن ٿا. اِن ڪري ڌيري ڌيري سنڌي لپي لکڻ مان گهٽجندي ويندي. جينوڻيڪ اِهو نقصانڪار تہ ٿيندو. نقصانڪار اِن ڪري آهي تہ اَسين اَڃا تائين بہ اُن آئينده جو اَنومان نہ پيا ڪري سگهون جڏهن سنڌ جا اَسان سان ناتا رشتا بهتر ٿيندا ۽ جي ناتا رشتا بهتر



ٿين تہ سنڌي لپي اَسان کي اُتان جي اديبن سان جوڙي سگهندي. هن وقت اُتي سڄو سمورو اَدب جيڪو آ اُهو اِن لپيءَ ۾ نڪري ٿو، ۽ ڪافي گهڻو ۽ سٺو اَدب لکجي ٿو. نہ رڳو ايترو پر تازو ڪتاب آيو آهي تمام وڏي سٺي سنسٿا جيڪا اُتي اُن جي پاران ڇپايل هو تہ جيڪي سنڌي اِسڪالر آهن سنڌ ۾ تِن کي ديوناگري پڙهڻ کپي. ڇو تہ اُنهن چيو تہ سنڌيءَ جي پيڙه يا سنڌيءَ جو بنياد اُهو سنسڪرت جي ويجهو ٿو وڃي اِنڪري اُن کي سمجهڻ لاءِ جيڪي ريسرچ سان جڙيل آهن تن کي ديوناگريءَ کان پرهيز نہ ڪرڻ کپي. اُهو ڪتاب هتي آيو هو مون وٽ جيڪا سنڌ اَڪارتي آهي اُن ڇپايو هو معنيٰ ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪانهي ڪا اِنڪري جيڪر ماڻهوءَ جو دماغ روشن آهي کليل آهي ۽ بغض کان خالي آهي تہ لپيءَ جو سچ پچ ڪو جهڳڙو آهي ئي ڪونہ. جنهن کي جنهن ۾ وڻي سو پڙهي رومن ۾ پڙهي تہ اِن ۾ ڪهڙو ٻنڌن آهي.

**ڪمل -** ٻارن ۽ نوجوانن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ اَسانجي سنسڪرتيءَ سان جوڙڻ لاءِ توهان ڪو نئون اُپاءُ ٻڌائي سگهو ٿا؟

**ستيش -** منهنجي پنهنجي خيال ۾ تمام سؤلو اُپاءُ آهي اَڄڪلهہ. ٽيڪنالاجيءَ جي زماني ۾ ۽ اُهو آهي تہ اَسان ٽيڪنالاجيءَ جو اِستعمال ڪندي پنهنجو سڄو سانسڪرتڪ يا سڀيتا جو خزانو آهي، اِتهاس آهي اَسانجي ٻولي آهي، سٺيون رچنائون آهن، سٺيون شخصيتون آهن دنيا ڀر ۾ سنڌي ڪٿي آهن اُنهن ملڪن ۾ سنڌين جو ڪهڙو Contribution آهي ڪٿي ڪٿي سنڌي چڙهي ويا آهن ڪِٿي ڪٿي ڪيتري پاور ۾ آيا آهن، اِها سڀ ڄاڻ جيڪڏهن اَسان کي ايتري آسانيءَ سان Available ٿي سگهي موبائيل تي. تہ جيڪا نئين پيڙهي سڄي دنيا ۾ اَڄڪلهہ آهي اُها اَڄ پنهنجن پاڙن جي تلاش تہ ڪري رهي آهي ڇو تہ اَڄ جنهن کي اَسين ايٿنيڪل رِواوئيل (Ethnical revival) ٿا چئون يا پنهنجي جاتيءَ گَتِ سڃاڻپ جيڪا آهي اُن جو ڏاڍو وڏو جذبو وڌيل آهي اَسان کي پنهنجي

دبئيءَ ۾ هانگ ڪانگ ۾ ايڏو گهڻو مشهور ٿيو آهي ۽ اِن کي ايترو گهڻو داد مليو آهي جو سچ پچ مان بہ ڏاڍو خوش ٿي ويو آهيان، تہ اَسان جيڪڏهن اَڃا بہ اِها ڳالهہ محسوس ڪيون تہ سوال اورل ڪلچرل کي بچائڻ جو آهي. اَهو بچي سگهندو.

**ڪمل** - توهان ڪهاڻيون ڪيئن اُڻيندا آهيو يا اُن جا جيڪي ڪردار آهن يا وشيہ وغيره تي ڪيئن؟

**ستيش** - منهنجي ڪهاڻيءَ جي جيڪا شروعات ٿي ۽ جيڪا منهنجي پهرين پسند پيل ڪهاڻي آهي **نيري آرام ڪُرسي**. اُها مُني ڪهاڻي تہ مُنهنجي ڪهاڻي آهي. چوٿون حصو اُن ۾ اُها ڪلپنا آهي جيڪا اُن کي ڪهاڻي بڻائي ٿي ۽ منهنجي جيون جي گهٽنا نہ ٿي بڻائي ۽ پوءِ چڻ تہ مونکي لڳو تہ مان جيترو پاڻ سان ايماندار هوندس اوترو منهنجيون ڪهاڻيون وڌيڪ ايماندار ٿينديون. اُهي مون ڪهاڻيون لکيون جيڪي منهنجي آس پاس جا ڪردار هئا. بلڪل صفا بي جان اِن ڪري منهنجين تمام گهڻين ڪهاڻين ۾ پروفيسر لفظ اَچي ٿو ڇو تہ مان يونيورسٽيءَ ۾ رهيو آهيان تہ منهنجي اِرد گرد پروفيسر رهيا آهن. يا وري اَهڙا ماڻهو جن جو ڪئريڪٽر ڪجهہ وچتر لڳندو آهي. ۽ پوءِ لڳندو آهي تہ مان اُنهن جي اندر هليو وڃان ۽ اُنهن جي اندر وڃي هنن جي من جي تهن جي هيٺان اُهي ڳالهيون ڪيان جيڪي هي ٻاهر نٿو آڻي بس پوءِ ائين ڪهاڻي ٻاهر اَچي وڃي ٿي. ائين تہ هر شيءِ کي پنهنجي ڪهاڻي آهي تہ هر شخص جي اندر گهڙڻ جي جڳهہ ڪانہ هوندي آهي جڏهن ائين لڳندو آهي تہ مان فلاڻي جي من ۾ فلاڻي ٽُنگڙي مان اندر وڃي سگهان ٿو ۽ پوءِ ڏسندس تہ اندر ڇاهي؟ انڪري مونکي ڪهاڻي لکڻ ۾ چڱو ئي ٽائيم لڳندو آهي.

**ڪمل** - پر توهان سؤلائيءَ سان اندر وڃي سگهو ٿا مونکي ائين لڳي ٿو؟

**ستيش** - ها ڪي اَهڙا ماڻهو اِرد گرد آهن.

**ڪمل** - ۽ رشتو؟



**ڪمل** - ڪهاڻي يا ڪا رچنا ڪرڻ جهڙي هجي تڏهن بہ نہ ڪندا.

**ستيش** - نہ هاڻي ڪمل گهٽ. پر مان هاڻي پنهنجيون اڳيون تنقيدون پڙهيون آهن پنهنجون تہ مان هيئن چوندو آهيان تڏهن منهنجا نقاد ننهن چڱا تڪا هوندا هئا.

**ڪمل** - جيڪڏهن هونءَ بہ ڪو نقاد آهي تہ اُن جي رچنائن جي ڪمزورين تي ڌيان ڇڪائڻ تہ هڪ سپاويڪ خيال آهي؟

**ستيش** - اَسان سان ويڌن ڪهڙي آهي تہ جيئن ماءُ کي پنهنجو ڪمزور ٻار وڌيڪ پيارو لڳندو آهي تيئن رچناڪار کي پنهنجي رچنا وڌيڪ سٺي لڳندي آهي. ان ڪري توازن ٿيندو ڏکيو آهي پر هاڻي اِهو فن ٿي اَهڙو آهي جو اُن کي ڇڏڻ بہ پنهنجو پاڻ ۾ غلط هوندو آهي.

**ڪمل** - اَسان وٽ تہ نقاد آهن ئي ڪونہ اِئين چئجي تمام گهٽ.

**ستيش** - اَدب جي اوسر لاءِ تنقيد آهي بہ ڏاڍي ضروري.

**ڪمل** - دادا توهان پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي اَسانجي اسٽوڊيو ۾ آيا اُن لاءِ اَسان توهان جا شڪرگذار آهيون آڪاشواڻيءَ پاران ۽ ٻڌندڙن پاران هڪ دفعو وري ويندي لک لک نہ پر ڪروڙ ڪروڙ واڌايون گوُروَ پرسڪار جون.

**سيتش** - مهرباني ڪمل.

ستيش - رشتو بہ آهي actually اُهو بہ منهنجي زندگيءَ سان واسطيدار آهي اُن ۾ ڪلپنا وڌيڪ آهي ۽ سچائي اوتري اُن ۾ مڪس آهي ۽ اُها سچائي اُها آهي تہ ماڻهوءَ جي اُٻاڪائي اُن ۾ تمام تکي آهي پر بنا پاسڻ جي آهي. منهنجي ڪهاڻين جي خاص خوبي اِها آهي تہ اُن ۾ پاسڻ نہ هوندو اُپديش نہ. جيتوڻيڪ اندر ڪا ڳالهہ هوندي جيڪا ڇُهندي هلندي تمام ڇُهندي هلندي پر اندر هڪ بہ جملو اُپديش جو نہ ليڪچربازيءَ جو نہ. مثال طور: اندر ڪٿي بہ ڪونهي تہ مان ڪهڙو آهيان. اُن جي اڪيلائپ جو احساس پوندو ئي ڪونهي جڏهن هو سوچي ٿو ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڪُنجن جي ڇُڳي جو احساس ڪري ٿو تہ مونکي ئي وچي درُ ڪولڻو آهي، مونکي ئي بتي ٻارڻي آهي ۽ وغيره جنهن مان خبر پوي تہ هي اڪيلو آهي يا بس جي لئمپوز جي هيٺان بيهي رستي تي نهاريندو ٿو رهي تہ من ڪو واقفڪار لڀي جنهن کي ڏسي مان پاڻ کي هن دنيا سان جوڙي سگهان. تہ هڪ زوردار سان احساس ٿو ٿئي تہ ماڻهو اڪيلو ڇا ٿو ٿي سگهي؟

**ڪمل** - تمام صحيح. ٻيون بہ ڪي ڪهاڻيون آهن جيڪي توهان جي پسند جون هجن.

**ستيش** - گهڻيون actually مان هاڻي ڏسندو آهيان مان هينئر بہ تازو هاڻي ڪلهہ ٽيون ڏينهن بہ پنهنجو رشتو پڙهيو ويٺي ڇو تہ اُن ۾ مونکي ڪيتريون ٽيون ڪهاڻيون لڳن. جيئن مون ٻيبي هوا پڙهي ويٺي ڏسڻ ۾ ڏاڍي هلڪي ڪهاڻي آهي. پر جڏهن actually مان وري اُها پڙهڻ شروع ڪئي تہ مونکي لڳو تہ ڪهاڻيءَ جي اندر گهرائيءَ سان اِستريءَ جي من جي اُن اِستري پڻي کي ظاهر ٿي ڪري جنهن تي اَگر ڪيرُ چوٽ ڪري تہ نانگڻ بڻجي ويندي. سڀُ سهندي پر پنهنجي اِستري پڻي جو اَپمان نہ سهندي اُهو اِستري پڻي جو جيڪو ڏنگ جيڪو اُن کي لڳي ٿو سو اُن کان اُهو ٿو اُن جو روپ اَختيار ڪري جو ڏسڻ جو ناهي.



**ڪمل** - اَسان رکون اُميد تہ هن کان پوءِ توهان جو جيڪو ڪجهہ ڪم ايندو اُهو اُن ئي وشيہ تي هوندو.

**ستيش** - هاڻي تازو ئي منهنجي هڪڙي ڪهاڻي لافنگ ٻُڌا ٻُڌي جيڪا ريڊيو تي براڊڪاسٽ بہ ڪئيسين.

**ڪمل** - دادا تنقيد ڪرڻ تمام ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم مڃيو ويندو آهي. سنڌي ساهتيہ ۾ ڏکي ۾ ڏکي صنف آهي. ۽ هرڪو ليکڪ وري چاهيندو بہ آهي تہ اُن تي تنقيد ڪري بہ. وري تڪليف اِها آهي جو سڀ پنهنجي سڻي ٻڌڻ لاءِ سٺو سٺو ٻڌڻ چاهيندو آهي پنهنجي رچنا جي باري ۾. توهان جڏهن لکندا آهيو تہ اُن جو توازن يعني Balance ڪيئن بيهاريندا آهيو توهان؟

**ستيش** - هرڪو ليکڪ اِنڪري چاهيندو آهي تہ اُن تي تنقيد ٿئي ڇو تہ هن دنيا ۾ نظر انداز ٿيڻ جهڙي ڪا ٻي تڪليف ڪونهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب تي ڪا تنقيد نہ ٿي نہ تنهنجو مطلب تہ اُهو ليکڪ ئي نظر انداز ٿي ويو. ڪنهن اُن تي نظر وجهڻ جي ضرورت ئي نہ سمجهي. اِنڪري هرڪو ليکڪ چاهيندو آهي تہ جيڪي وٺيئي پر لِکُ. هاڻي توازن جو سوال تہ actually تنقيد ۾ هونءَ بہ ڏکيو هوندو آهي ڇو تہ تنقيد ڪو خارجي ڪارنامو ناهي. اُهو گهڻو داخلي ڪارنامو آهي. معنيٰ subjective آهي، جي نہ هجي تہ هن کي لٽريچر ۾ جڳهہ ئي نہ هجي. مثال طور منهنجي هڪ ڪهاڻي آهي نالو نہ ڪٽندس، اُن کي هڪڙي نقاد ڇيو اِنٽرنئشنل ليول جي ڪهاڻي آهي، ٻئي نقاد ٻئي هنڌ ڇيو تہ مونکي تہ شڪ آهي تہ اِها ڪا ڪهاڻي آهي. تنهنجو مطلب تہ ڪهاڻيءَ ۾ تنقيد ڪرڻ ۾ جيڪا subjectivity آهي يا شخصي نظريو آهي اُهو ڏاڍو الڳ الڳ ٿئي ٿو. منهنجي توازن ۾ تڪيلف ڪٿي ٿيندي آهي جو ڪڏهن جيڪڏهن سچ پچ تمام ويجهو دوست هجي تہ مان تنقيد ڪندو ئي نہ آهيان.